ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 Years 1958 - 2025
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94)   سومر 26 جنوري 2026ع 06 شعبان المعظم 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 ويہ   شمارو (164)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

تيراه آپريشن بند نہ ڪيو ويو تہ نئين حڪمت عملي جوڙينداسين، هن ڀيري اسلام آباد تيار ٿي ويندا سين: سهيل آفريدي

وفاقي حڪومت اڄ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي، تيراه جي ماڻهن کي اتان وڃڻ لاءِ نہ چيو ويو هو، چا ماڻهو شادي جي تقريب ۾ وڃي رهيا هئا؟

جڏهن اهي اسان کي شڪست نہ ڏئي سگهيا تہ اسان تي دهشتگردي جو الزام لڳايو ويو، تيراه ۾ ماڻهن کي لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو

اسان نہ تہ فوج جا دشمن آهيون ۽ نہ ئي ادارن جا دشمن آهيون، اسان سياست ۾ مداخلت ڪندڙن جي خلاف آهيون

مون اجلاس ڇڏي فوجين جي جنازي ۾ شرڪت ڪئي، هاڻي مون کي جنازي ۾ شرڪت ڪرڻ جي اجازت ناهي ۽ نہ ئي دعوت ڏني وئي آهي

هن ڀيري اسان مڪمل تياري سان اسلام آباد ويندا سين ۽ پي ٽي آءِ جي باني کي آزاد ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين

سوات(م ر ڊ)خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي چيو آهي تہ جيڪڏهن تيراه آپريشن 2 يا 3 ڏينهن ۾ بند نہ ڪيو ويو تہ اسان نئين حڪمت عملي ٺاهينداسين سوات مينگوره ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي جلسي کي خطاب ڪندي سهيل آفريدي چيو تہ وفاقي حڪومت اڄ صبح نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي تيراه جي ماڻهن کي اتان وڃڻ لاءِ نہ چيو ويو هو چا تيراه جا ماڻهو شادي جي تقريب ۾ وڃي رهيا هئا؟ هن چيو تہ جڏهن اهي اسان کي شڪست نہ ڏئي سگهيا تہ اسان تي دهشتگردي جو الزام لڳايو ويو تيراه ۾ ماڻهن کي لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو 24 رڪني ڪميٽي ٺاهي وئي ۽ پوءِ آپريشن تي مجبور ڪيو ويو هن چيو تہ اسان نہ تہ فوج جا دشمن آهيون ۽ نہ ئي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

فورسز جو پنجگور ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي آپريشن، 3 پارٽي حمايت يافتہ دهشتگرد مارجي ويا

آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي اثرائتي انداز ۾ نشانو بڻايو ۽ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ کان پوءِ 3 پارٽي حمايت يافتہ دهشتگردن کي ماري ڇڏيو

مقامي دهشتگرد ڪمانڊر فاروق عرف سورو، دهشتگرد عديل ۽ دهشتگرد وسيم، شامل، دهشتگردن وٽان هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد پڻ هٿ آيو، جيڪي علائقي ۾ ڪيترن ئي دهشتگرد ڪارروائين ۾ ملوث هئا

عزم استحڪام، تحت سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مسلسل دهشتگردي وارين خلاف ڪارروائين جاري رهنديون: آءِ ايس پي آر

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ قوم جو پختو عزم ۽ سيڪيورٽي فورسز جو ڪردار قابل ستائش آهي، فتنہ الهندستان خلاف آپريشنز قومي سلامتي لاءِ اٽل آهن، پرڏيهي مداخلت سبب ٿيندڙ دهشتگردي خلاف جنگ جاري رهندي: صدر

سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي خلاف وڏي ڪاميابيون حاصل ڪري رهيا آهن پوري قوم دهشتگردي خلاف ان جنگ ۾ پاڪ فوج سان گڏ آهي اسان ملڪ مان هر قسم جي دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهيون: وزيراعظم

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعي پنجگور ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي آپريشن دوران 3 پارٽي حمايت يافتہ دهشتگردن کي ماري ڇڏيو آهي، گڏيل ڏينهن آءِ ايس پي آر موجب اهو آپريشن پارٽي پراڪسي گروهہ فتنہ الهندستان سان تعلق رکندڙ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي ڪيو ويو آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

گدلاڻ کان پاڪ توانائي طرف منتقلي معاشي ترقي، روزگار ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي جو هڪ جامع ذريعو آهي: صدر زرداري

پاڪستان انهن ملڪن ۾ شامل آهي، جيڪي موسمياتي تبديلي جي ناڪاري اثرن سبب سڀ کان وڌيڪ متاثر آهن

هر سال شديد سموگ ۽ ڪوهيڙي سبب ٽريفڪ حادثن ۾ واڌ ٿئي ٿي، اڏامون متاثر ٿين ٿيون، ريلوي نظام متاثر ٿئي ٿو، موٽر ويز بند ڪيا وڃن ٿا

تعليمي ادارا بند ٿي وڃن ٿا، ڪاروباري سرگرميون متاثر ٿين ٿيون ۽ اسپتالن ۾ ساهہ جي تڪليف ۾ مبتلا مريضن جو انگ وڌي وڃي ٿو

سرنديءَ واري طبقي ۾ ايئر پيوريفائر عام ٿي چڪا آهن پر ڪروڙين شهري اڃا بہ صحت کي نقصان ڏيندڙ فضائي حالتن سامهون بيوس آهن

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري چيو آهي تہ گدلاڻ کان پاڪ توانائي طرف منتقلي نہ رڳو ماحولياتي ضرورت آهي پر معاشي ترقي، روزگار جا موقعن ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي جو ہہ هڪ جامع ذريعو آهي پاڪستان حڪومت گدلاڻ کان پاڪ توانائي ڏانهن منتقلي کي موسمياتي ۽ ترقياتي ايجنڊا ۾ ترجيح ڏني آهي ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان موجب گدلاڻ کان پاڪ توانائي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاڪستان موثر سفارتڪاري ذريعي واشنگٽن ۾ پاڻ کي مڃرايو آهي: ڊاڪٽر فضل چوڌري

علائقائي ڇڪتاڻ کي هڪ وڏي عالمي سفارتي موقعن ۾ تبديل ڪري آمريڪا سان لاڳاپن کي نئون رخ ڏنو آهي

دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سهڪار جي بحالي، ٽيرف ۾ گهٽتائي، آمريڪي سيڙپڪاري، پاڪستان جي ڪامياب پرڏيهي پاليسي جا واضح ثبوت آهن

ڀارت ٽياڪڙي جي اڄ رد ڪرڻ ڪانپوءِ سفارتي اڪيلائي، ڳري آمريڪي ٽيرف ۽ واپاري نقصانن جو شڪار ٿي چڪو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر فضل چوڌري چيو آهي تہ پاڪستان موثر مدبر ۽ دورانديش سفارتڪاري ذريعي واشنگٽن ۾ پاڻ کي هڪ قابل اعتماد ۽ اهم حصيدار طور مڃرايو آهي اڄ ڏينهن ايڪس تي پنهنجي هڪ پوسٽ ۾ وفاقي وزير چيو تہ عالمي رسالي مطابق پاڪستان علائقائي ڇڪتاڻ کي هڪ وڏي عالمي سفارتي موقعن ۾ تبديل ڪري آمريڪا سان لاڳاپن کي نئون رخ ڏنو آهي چار ڏينهن پاڪ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

چنيوٽ: وفاقي وزير قيصر احمد شيخ طبي ڪيمپ ۾ ڊاڪٽرياڻي کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

سپريم ڪورٽ ۾ ايندڙ عدالتي هفتي دوران ٻڌڻي لاءِ 8 بينچون جوڙيون ويون

اسلام آباد (اي پي پي) (اڄ) سومر 26 جنوري کان شروع ٿيندڙ عدالتي هفتي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار جي دبئي ۾ اتصالات گروپ جي اختيارين سان ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت 230 رانديگرن کي هڪ ڪروڙ 25 لک روپين جي مالي مدد فراهم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

سردار محمد بخش مهر جي هدايتن تي اينڊوومينٽ فنڊ تحت سنڌ جي مستحق رانديگرن کي ساليانو مالي مدد فراهم ڪئي پئي وڃي

درخواست گذارن ۾ هاڪي، فٽبال، باڪسنگ، ڪرڪيٽ، ڪوڏي ڪوڏي، ملهہ پهلواني سميت ٻين رانديڪن سان تعلق رکندڙ رانديگر شامل آهن

مالي امداد حاصل ڪندڙن ۾ لڳ ڀڳ 30 مرحوم رانديگرن جون بيواهون پڻ شامل آهن: منور علي مهيسر

ڪراچي (اي پي پي) سنڌ حڪومت اينڊوومينٽ فنڊ تحت 230 رانديگرن کي هڪ ڪروڙ 25 لک روپين جي مالي مدد فراهم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي ترجمان موجب هي فيصلو صوبي جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سڄي پنجاب ۾ 1308 ٽريفڪ حادثن ۾ 21 ڄڻا فوت ۽ 1505 زخمي

603 ڄڻا شديد زخمي ٿيا، ويجهي ضلعي ۽ تعلقي اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويو

855 ڊرائيور، 56 ننڍي عمر وارا ڊرائيور، 503 مسافر ۽ 168 پنڌ هلندڙ ماڻهو متاثر

لاهور 289 متاثرن سان پهرين، ملتان ۾ 99 حادثن ۾ 117 متاثرن سان ٻئي نمبر تي

لاهور (اي پي پي) سڄي پنجاب ۾ 1308 ٽريفڪ حادثن ۾ 21 ڄڻا فوت ۽ 1505 زخمي ٿي پيا. ريسڪيو 1122 ترجمان مطابق ايمرجنسي سروسز ڊيپارٽمينٽ گذريل 24 ڪلاڪن دوران سڄي پنجاب ۾

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

آءِ جي سنڌ خيرپور مدرسي جي شاگرد عدنان چنڊ جي فوتگي واقعي جو نوٽيس ورتو

آءِ جي سنڌ ايس ايس پي خيرپور کان واقعي بابت تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي

ميڊيڪل رپورٽ ۽ وارثن جي بيانن جي بنياد تي شفاف جاچ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو خيرپور جي علائقي کهڙا ۾ مدرسي جي 15 ورهين جي شاگرد عدنان چنڊ جي مبينہ خودڪشي واري واقعي جو نوٽيس وٺي ڇڏيو آءِ جي سنڌ ايس ايس پي خيرپور

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وڏو انگ ۾ نوجوان ميران ۾ حصو وٺي رهيا آهن

گل پلازہ انتظاميا عملدارن، چوڪيدارن ۽ لاڳاپيل جا بيان ورتا ويا آهن: ايس ايس پي سٽي

جيڪڏهن غفلت يا لاپرواهي سامهون آئي تہ واقعي جا سمورا پهلو عوام آڏو آندا ويندا

هڪ ڊي وي آر هٿ آئي آهي، جنهن جي مدد سان جاچ کي اڳتي وڌايو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سٽي عارف عزيز گل پلازا واقعي بابت ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ مقدمو داخل ٿيڻ کانپوءِ بيان وٺڻ جو عمل جاري آهي. هن چيو تہ انتظاميا جي عملدارن، چوڪيدارن

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: باچا خان ۽ رهبر تحريڪ خان عبدالولي خان جي برسي تقريب

سانحو گل پلازا ڪرپشن ۽ بدانتظامي جي واضح مثال آهي: اڳواڻ

عوامي نيشنل پارٽي صرف سياسي جماعت نہ آهي پر هڪ تحريڪ آهي

تيارا آپريشن تي وفاق خاموش آهي ۽ صوبي جي حڪومت صرف تماشائي بڻيل آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عوامي نيشنل پارٽي جي مرڪزي صدر ايمل ولي خان عوامي نيشنل پارٽي سنڌ جي انتظام هيٺ فخر

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

گل پلازا ۾ سرچ آپريشن تقريبن مڪمل ٿي چڪو آهي: ڊي سي

جيڪڏهن ڪنهن جو پيارو اڃا تائين لاپتہ آهي تہ اهي انتظاميہ سان رابطو ڪن

79 لاپتہ ماڻهن مان 13 وارثن اڃا تائين ڊي اين اي جا نمونا جمع نہ ڪرايا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر ڪراچي ڏکڻ جاويد نبي کوسو گل پلازا ۾ لڳل باهہ جي واقعي جي اٺين ڏينهن سرچ آپريشن مڪمل ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊي سي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ شازيہ عطا مري جي چوٽيارين واقعي جي متاثر ناري شادبانو ملاح سان ملاقات

واقعي ۾ ملوث هڪ جوابدار وزير راڄڙ کي پوليس گرفتار ڪري چڪي آهي: شازيہ عطا مري

نياڻي جي ظاهري زخمن سان گڏ سندس روح تي بہ زخم رسيا آهن، جن جي مرهم پٽي لاءِ گڏجي ذميواري نڀائڻي پوندي

پ پ هميشہ عورتن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندي آهي ۽ هن واقعي ۾ ملوث سڀني جوابدارن کي ضرور سزا ملندي

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي انفارميشن سيڪريٽري ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر شازيہ عطا مري چوٽيارين واقعي جي متاثر ناري شادبانو ملاح جي عيادت

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

لاهور: چيئرمين ايف بي آر راشد محمود لنگڙيال مذاڪري ۾ ڳالهائي رهيو آهي

پاڪستان ۾ سيڙپڪاري کي هٿي وٺائڻ لاءِ سازگار ماحول آهي: قيصر شيخ

هلندڙ سال دوران ملڪي ۽ پرڏيهي سيڙپڪاري ۾ نمايان اڀرائي جي اميد آهي

اجازت نامي ۽ ٻين اوسيز کي آسان بڻايو ويو آهي ۽ ون ونڊو سينٽر قائم ڪيا ويا آهن

اسٽيل مل جي 6 هزار ايڪڙ ايراضي کي صنعتي ترقي لاءِ استعمال ۾ آندو پيو وڃي

چنيوٽ (اي پي پي) سيڙپڪاري بورڊ واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ چيو آهي تہ پاڪستان ۾ سيڙپڪاري کي هٿي وٺائڻ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اترين علائقن ۽ ڪوئيٽا ۾ شديد برفباري جي اڳڪٿي

26 جنوري سومر جي رات کان 27 جنوري دوران شديد برفباري ٿيندي: موسميات کاتو

ناران، ڪاغان، دير، سوات، ڪالام، چترال، ڪوهستان، مانسهره، ايبٽ آباد متاثر ٿيندا

شانگلا، استور، هنزه، اسڪردو، مري، گليات، وادي نيلم ۾ پڻ برفباري جو امڪان

ڪوئيٽا، زيارت، چمن، پشين، قلعہ عبدالله، قلعہ سيف الله، نوشڪي پڻ برفباري سبب متاثر

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي 26 جنوري سومر جي رات کان 27 جنوري دوران شديد برفباري سبب ناران، ڪاغان

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پختونخوا ۾ پي ٽي آءِ انتظاميہ سبب عوامي مفادن کي نقصان پهتو: اختيار ولي

عوام پي ٽي آءِ جي سياسي ترجيحن جي قيمت ادا ڪري رهيو آهي

صحت ۽ تعليم جهڙن اهم شعبن لاءِ ڪا بامعني رليف جو اعلان نہ ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم جي خيبر پختونخوا جي اطلاعات بابت ڪوآرڊينيٽر اختيار ولي خان خيبر پختونخوا ۾ پي ٽي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سکر: ايم اين اي نعمان اسلام شيخ صوبائي وزير ناصر شاهہ سان ملاقات ڪري رهيو آهي

حڪومتي سرپرستي هيٺ اٽو مافيا عوام لاءِ زنده رهڻ بہ ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي: ڪاشف شيخ

ملڪ جي ڪجهہ شهرن ۾ اڄ 20 ڪلواٽي جو ٿيلهو ٽي هزار روپين تائين پهچي ويو آهي

حڪومت غريب هارين ۽ عام ماڻهو کي رليف ڏيڻ بدران اٽي مافيا ۽ سرمائيدارن کي فائدو ڏئي پئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ سنڌ سميت ملڪ ۾ اٽي جي قيمتن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ اهو حڪومتي نااهلي ۽ معاشي ترقي جي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سپر هاءِ وي ۽ ملير ڪورٽ ويجهو ٽريفڪ حادثن ۾ ٻہ راهگير فوت

سپر هاءِ وي چاڪر هوٽل ويجهو هڪ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ هڪ شخص فوت ٿي ويو

ملير ڪورٽ برج علائقي ۾ گاڏي جي ٽڪر ۾ ذوالفقار ولد مشتاق احمد فوت ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سپر هاءِ وي ۽ ملير ڪورٽ ويجهو ٽريفڪ حادثن ۾ ٻہ واٽهڙو فوت ٿي ويا آهن تفصيل موجب سائيٽ سپر هاءِ وي ٿاڻي جي علائقي سپر هاءِ وي چاڪر هوٽل ويجهو هڪ نامعلوم

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: قائد آباد پوليس شادي جي تقريب ۾ هوائي فائرنگ ڪندڙ گرفتار

پوليس ڪارروائي ڪري فائرنگ ڪندڙ شاهزيب ولد ممتاز خان هٿيار سميت گرفتار ڪيو

جوابدار جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل ۽ ٻيو زخمي ٿي پيو هو، وڌيڪ جاچ ڪيون پيا: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قائد آباد پوليس شادي جي تقريب دوران هوائي فائرنگ ڪري هڪ ڄڻي کي قتل ۽ ٻئي کي زخمي ڪرڻ واري واقعي ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي.پوليس موجب

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

گل پلازا سانحو هڪ قومي سانحو آهي، ان تي سياست نہ ٿيڻ گهرجي: سلمان عبدالله مراد

متاثر خاندانن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون، افسوسناڪ واقعي تي سڄي قوم غمگين آهي

واقعي جي جاچ جاري آهي، متاثر واپارين جي بحالي لاءِ بہ عملي قدم کنيا پيا وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ فاروق ستار جي بيان تي رد عمل ڏيندي چيو آهي تہ گل پلازا سانحو هڪ قومي سانحو آهي، ان تي سياست نہ ٿيڻ گهرجي هن

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

25 جنوري 1990ع ڪشمير جي تاريخ جو انتهائي المناڪ ۽ ڪارو ڏينهن آهي: سردار عبدالرحيم

ڀارتي قبضي واري فوج ضلع ڪپواڙه جي علائقي هندواره ۾ ظلم ۽ جبر جي بدترين مثال قائم ڪئي

ايترو وقت گذرڻ باوجود نہ تہ وحشياڻي ڪارروائي جي آزاد جاچ ٿي ۽ نہ ئي ذميوارن کي سزا ملي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم چيو آهي تہ 25 جنوري 1990ع ڪشمير جي تاريخ جو هڪ انتهائي المناڪ ۽ ڪارو ڏينهن آهي جڏهن ڀارتي قبضي واري فوج ضلع ڪپواڙه جي علائقي هندواره ۾ ظلم ۽ جبر جي بدترين

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو يوسف ٽوٽيار جي والد جي وفات تي افسوس جو اظهار

هن ڏکئي گهڙي ۾ پارٽي يوسف ٽوٽيار سان گڏ بيٺل آهي: بلاول ڀٽو

الله تعاليٰ وارثن کي هي وڏو صدمو برداشت ڪرڻ جي همت عطا فرمائي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ٿرپارڪر سان تعلق رکندڙ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪارڪن يوسف ٽوٽيار سان سندس پياءُ رمضان ٽوٽيار جي وفات تي دلي افسوس ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو آهي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري يوسف

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ملتان: ايم پي اي علي حيدر گيلاني اٽلي جي سفير کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

ڪراچي: اسڪول ايجوڪيشن کاتو

سنڌ اسڪولن جي ٽائيم ۾ تبديلي

۾ 4 فيبروري تائين وڌائي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي کاتو اسڪول ايجوڪيشن سنڌ سردي سبب اسڪولن جي وقت ۾ تبديلي ۾ توسيع

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي ڊيفنس فيز 5

واري علائقي مان هڪ شخص

جو لاش هٿ، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) درخشان جي ڊيفنس فيز 5 واري علائقي ۾ مبارڪ مسجد جي ويجهو هڪ شخص جو لاش مليو اطلاع

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ جي سيد عون شيرازي جي گهرواري جي لاڏاڻي تي تعزيت

ڪوٽ مومن (اي پي پي) سڌ سماءُ واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ گذريل ڏينهن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پي ايس ايل جي 11هين ايڊيشن لاءِ رانديگرن جي نيلامي 11 فيبروري تي ڪرائڻ جو اعلان

لاهور(م ر ڊ)پاڪستان سپر ليگ جي 11هين ايڊيشن لاءِ رانديگرن جي نيلامي 11 فيبروري تي ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽسوري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪشميري اڄ ڀارت جي جمهوريہ ڏهاڙي کي ڪاري ڏينهن طور ملهائي رهيا آهن

سرينگر(اي پي پي) ڪنٽرول لائين جي ٻنهي پاسن سميت سڄي دنيا ۾ رهندڙ ڪشميري اڄ ڀارت جي يوم جمهوريہ کي ڪاري ڏينهن طور ملهائي رهيا آهن جنهن جو مقصد عالمي برادري کي اهو باور ڪرائڻ آهي تہ ڀارت ڪشميرين کي سندن

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

بي بي سي جو نامور صحافي مارڪ ٽلي نئين دهلي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

هو بي بي سي جو نئين دهلي بيورو چيف ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ اهم واقعن تي رپورٽنگ ڪندو هو

1977ع ۾ پاڪستان جي سياسي بحران دوران سندس رپورٽنگ تڪرار ۽ تنقيد جو مرڪز رهي

مارڪ ٽلي جي صحافت ميڊيا، سياسي بيانيي ۽ عوامي راءِ تي اثر بابت نئين بحث کي جنم ڏنو

نئين دهلي(م ر ڊ) برصغير جي هڪ نامور بي بي سي صحافي مارڪ ٽلي هندستان ۾ فوت ٿي ويو آهي "وليم مارڪ ٽلي 24 آڪٽوبر 1935 تي ڪلڪتي (اڳوڻي ڪلڪتي) ۾ پيدا ٿيو ۽ پنهنجي شروعاتي زندگي هندستان ۾ گذاري. هن ڪوئيفورڊ اسڪول، مارلبورو ڪاليج ۽ ٽرينٽي هال ڪيمبرج ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2



بي بي سي جو نامور صحافي مارڪ ٽلي جيڪو لاڏاڻو ڪري ويو

چوٽيارين واقعي تي آءِ جي سنڌ 5 ميمبرن تي ٻڌل جاچ ڪميٽي جوڙي ڇڏي

ڊي آءِ جي ميرپورخاص جي نگراني ۾ ڪميٽي کي هفتي اندر رپورٽ ڏيڻ جو حڪم

سانگهڙ (م ر ڊ) پنج ڏينهن اڳ چوٽيارين ۾ وحشي وڏيري وزير راڄڙ پاران ملاح برادري جي پورهيت ناري شاد بانو ملاح

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

توانائي جي منتقلي هاڻي هڪ فيصلائتي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي: شزره منصب

پاڪستان ترقياتي حصيدارن خاص ڪري چين سان هڪ جامع حل جي ڳولها ڪري رهيو آهي

توانائي جي منتقلي جي حڪمت عملي حقيقت پسندي، ديانت ۽ قابل عمل هدفن تي ٻڌل هئڻ گهرجي

اسلام آباد (اي پي پي) موسمياتي تبديلي بابت مملڪتي وزير ڊاڪٽر شزره منصب علي چيو آهي تہ توانائي جي منتقلي هاڻي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

تيراه وادي مان لڏپلاڻ کي پاڪ فوج سان جوڙڻ سراسر بي بنياد ۽ غلط آهي: عطاءُ الله تارڙ

حڪومت تيراه وادي مان ماڻهن کي ڪڍڻ بابت پکيڙيل ڪوڙي ۽ بي بنياد پروپيگنڊه جو سختي سان نوٽيس ورتو آهي

صوبائي حڪومت 4 ارب روپين جا فنڊ رضاڪارانا طور لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهن لاءِ رکيا ويا جنهن جو مقصد ماڻهن کي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي

انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز جو هڪ واضح ۽ منظم طريقيڪار هوندو آهي، جنهن ۾ عوام کي ڪنهن قسم جي ڏکيائي کي منهن نہ ڏيڻو پوندو

پختونخوا حڪومت احتجاجي سياست ڪرڻ بدران عوامي مسئلن جي حل تي ڌيان ڏئي، احتجاج جا سڏ ٻڌي ٻڌي عوام ٿڪجي پيو آهي

ڪوٽ مومن (اي پي پي) سڌ سماءُ واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ حڪومت وادي تيراه مان ماڻهن کي ڪڍڻ بابت ڪوڙي پروپيگنڊه جو سخت نوٽيس ورتو آهي علائقي کي خالي ڪرائڻ بابت

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

محسن نقوي پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي موقف تي رانديگرن کي اعتماد ۾ ورتو

پاڪ آسٽريليا ٽي ٽوئنٽي سيريز جي حوالي سان قومي ٽيم لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار

آءِ سي سي کي ڪرڪيٽ جي سونهري اصولن کي نظر ۾ رکندي بنگلاديش جي حمايت ڪئي آهي: نقوي

پاڪستان حڪومت جيڪو بہ فيصلو ڪندي، ان تي جيئن جو تيئن عمل ڪيو ويندو

لاهور (اي پي پي) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين محسن نقوي قذافي اسٽيڊيم لاهور ۾ قومي ڪرڪيٽ ٽيم جي رانديگرن سان ملاقات ڪئي ملاقات دوران پي سي بي چيئرمين آءِ سي سي ٽي ٽوئنٽي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

مملڪتي وزير چوڌري ارمغان سبحاني جي والده جي جنازي نماز ادا

سيالڪوٽ (اي پي پي) مملڪتي وزير چوڌري ارمغان سبحاني جي والده جي جنازي نماز سندس اباڻي ڳوٺ موضع ورپو ۾ ادا ڪئي وئي مرحوم اڳوڻي وفاقي وزير

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سينيٽر روبينہ خالد جو نگهت اورڪزئي جي مڙس جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار

پشاور(اي پي پي) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام(بي آءِ ايس پي) جي چيئرپرسن سينيٽر روبينہ خالد گذريل ڏينهن صوبائي اسيمبلي اڳوڻي ميمبر نگهت

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سکر: جي ڊي اي اڳواڻ سيد صدر الدين شاهہ پ پ اڳواڻ سيد خورشيد شاهہ جي عيادت ڪندي

ڪوٽلي-نڪيال روڊ کي ٽريفڪ لاءِ بحال ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪ فوج برفباري دوران ڪوٽلي-نڪيال روڊ کي ٽريفڪ لاءِ بحال ڪرڻ سان گڏوگڏ ڦاٿل شهرين کي ڪڍڻ لاءِ بروقت ريسڪيو ۽ رليف آپريشنز

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت غير قانوني تعميرن خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تي سختي سان عمل ڪري رهي آهي: ناصر شاهہ

قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ عنصرن خلاف بغير ڪنهن امتياز جي ڪارروائيون جاري آهن جيئن شهرين کي تحفظ ڏئي سگهجي

ريئل اسٽيٽ شعبي ۾ ٽيڪسيشن نظام، دستاويزي عمل ۽ ڪمپلائنس کي جديد بنيادن تي استوار ڪيو پيو وڃي

رهائشي ۽ ڪمرشل منصوبن ۾ معيار، اعتماد ۽ ڊگهي مدي واري ويليو کي بنيادي اصول بڻايو پيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صوبائي وزير بلديات ناصر حسين شاهہ چيو آهي تہ گروپ ٽيڪ ڪنوينشن ريئل اسٽيٽ شعبي ۾ پاليسي سازي، جديد ٽيڪنالاجي ۽ سيڙپڪاري کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ وارو هڪ اثرائتو ۽ پروسي جوڳو فورم بڻجي چڪو آهي جيڪو پاڪستان خاص

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ٻارڙا ٽريمپولين تي ٽپ ڏئي رهيا آهن

گورنر سنڌ جو گل پلازا سانحي جي شهيد محمد آفتاب جي گهر وارن سان تعزيت

گورنر سنڌ پاران شهيد آفتاب جي ٻارن جي سموري تعليمي خرچ ۽ متاثرين لاءِ پلاٽن جو اعلان

گل پلازا سانحي جي شفاف جاچ لاءِ عدالتي ڪميشن قائم ڪرڻ جو چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کان مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري گل پلازا سانحي ۾ شهيد ٿيندڙ محمد آفتاب جي گهر پهچي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وزيراعليٰ سنڌ بلوچستان ۾ ٽي دهشتگرد مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي ساراهہ

ملڪ مان هر قسم جي دهشتگردي کي ختم ڪيو ويندو: مراد علي شاهہ

سيڪيورٽي فورسز امن ۽ امان بحال ڪرڻ لاءِ بي شمار قربانيون ڏئي رهيون آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهہ بلوچستان جي ضلعي پنجگور ۾ ڀارتي حمايت يافتہ دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي ساراهہ ڪئي وزيراعليٰ سنڌ چيو تہ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سانحو گل پلازا: دهلي ڪالوني جي رهواسي هڪ ئي خاندان جي ڇهن سان چار ڄڻن جي جنازي نماز ادا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سانحو گل پلازا دهلي ڪالوني جي رهواسي هڪ ئي خاندان جي ڇهن مان چار ڄڻن جي جنازي نماز ادا

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايم اي سي ٽيم جو ڪورنگي ڪاز وي پل منصوبي جو معائنو

ايم اي سي ٽيم معيار، شفافيت ۽ تعميراتي ترقي جو جائزو ورتو

پل تقريبن مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ ايندڙ هفتن ۾ عوام جي استعمال لاءِ کوليو ويندو: الطاف ساريو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي هدايت تي منصوبابندي ۽ ترقي کاتي جي مانيٽرنگ اينڊ ايوليوايشن (ايم اي سي) ٽيم ڪورنگي ڪاز وي پل منصوبي جو

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گل پلازا سانحي ۾ ڊي اين اي ذريعي 23هين لاش جي سڃاڻپ، انگ 73 ٿي ويو

ڊي اين اي جي مدد سان عبدالحسيب نالي لاش جي سڃاڻپ، متاثر خاندان جا ڇهہ ميمبر فوت

جنازي نماز ۾ ماڻهن ۽ سياسي اڳواڻن جي وڏي شرڪت، شهيد محمد شيث جي والد جي امامت ۾ نماز ۽ دفن

اربن سرچ ٽيم ۽ ريسڪيو 1122 متاثر عمارت جي ملبي مان انساني باقيات جي ڳولا جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازا سانحي ۾ ڊي اين اي ذريعي هڪ وڌيڪ لاش جي سڃاڻپ ٿي وئي آهي، سڃاڻپ ٿيل لاشن جو تعداد 23 ٿي ويو آهي جڏهن تہ فوتين جو تعداد 73 ٿي ويو آهي تفصيلن موجب

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

لنڊيڪوتل: برفباري بعد هر طرف سفيدي نظر اچي رهي آهي ٻي طرف ماڻهو برف سان کيڏي رهيا آهن

آمريڪا جون ڪيترين ئي رياستن برفاني طوفان جي لپيٽ ۾، 10 هزار کان وڌيڪ اڏامون رد

واشنگٽن(م ر ڊ) آمريڪا جون ڪيترين ئي رياستون تباهي ڪندڙ برفاني طوفان جي زد ۾ آهن رپورٽن موجب آمريڪا ۾ تيز

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گل پلازا سانحي تي واپاري اڳواڻن جو اهم اجلاس، متاثرين جي مڪمل بحالي جو عزم

سنڌ واپاري يونين جي ميزباني ۾ اجلاس ٿي گذريو، فوت ٿيڻ وارن جي خاندانن سان يڪجهتي ۽ همدردي جو اظهار

ڪاشف چوڌري پاران متاثرين لاءِ خاص ڪميٽي ٺاهڻ جو اعلان، رياستي ادارن جي ڪارڪردگي تي سخت ڳڻتي

فائر سيفٽي نظام جي ناڪامي ذميوارن خلاف ڪارروائي ۽ ميئر جي استعيفيٰ ۽ آرمي چيف کان نوٽيس وٺڻ جي اپيل

ڪراچي (پ ر) گل پلازا سانحي جي متاثرين سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ ۽ مستقبل جي حڪمت عملي طئي ڪرڻ لاءِ

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

عطاءُ الله تارڙ جي سيد حسن مرتضيٰ سان سندس والد سيد غلام مرتضيٰ شاهہ جي لاڏاڻي تي تعزيت

چنيوٽ(اي پي پي)اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سيد حسن مرتضيٰ جي والد سيد غلام مرتضيٰ شاهہ جي لاڏاڻي تي تعزيت لاءِ رجوع سادات پهچي حسن مرتضيٰ سميت مرحوم جي ٻين گهرڀاتين سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

سرڪاري، خانگي ۽ ڪمرشل عمارتن ۾ فائر سيفٽي لاءِ 2,368 عمارتن جو معائنو ڪيو ويندو: مراد علي شاهہ

شروعاتي مرحلي ۾ سکر، ڪراچي، حيدرآباد سميت ڇهن شهرن جي عمارتن جو تفصيلي معائنو ڪيو ويندو

سکر ۾ 898، ڪراچي ۾ 562، حيدرآباد ۾ 540، شهيد بينظير آباد ۾ 171، لاڙڪاڻي ۾ 143 ۽ ميرپورخاص ۾ 54 عمارتون آهن

اسموڪ ڊيٽيڪٽرز، سينٽرل الارم سسٽم ۽ هائيڊرنٽس جي انسٽاليشن ۽ آپريشنلائيزيشن کي يقيني بڻايو ويندو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي صوبي جي سڀني سرڪاري، خانگي ۽ ڪمرشل عمارتن ۾ فائر سيفٽي آڊٽ جي هدايت

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 مارجي ويا

ٺڪاڻن کي اثرائتي انداز ۾ نشانو بڻايو ۽ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ کان پوءِ 3 پارٽي حمايت يافته دهشتگردن کي ماري ڇڏيو جن ۾ مقامي دهشتگرد ڪمانڊر فاروق عرف سورو، دهشتگرد عديل ۽ دهشتگرد وسيم شامل آهن مارجي ويل دهشتگردن وٽان هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد پڻ هٿ آيو جيڪي علائقي ۾ ڪيترين ئي دهشتگرد ڪارروائين ۾ ملوث هئا. علائقي ۾ ڪنهن به ٻئي پارٽي حمايت يافته دهشتگرد جي خاتمي لاءِ سينيٽائيزيشن آپريشنز جاري آهي وفاقي ايپڪس ڪميٽي طرفان قومي ايڪشن پلان تحت منظور ٿيل عزم استحڪام تحت سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مسلسل دهشتگردي واري خاتمي جي مهم پوري رفتار سان جاري رهندي ته جيئن ملڪ مان پرڏيهي حمايت يافته دهشتگردي جي ناسور جو مڪمل خاتمو ڪري سگهجي صدر مملڪت آصف علي زرداري، پنجگور ۾ فتنه الهندستان جي دهشتگردن خلاف ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي آچر ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان مطابق صدر آصف علي زرداري چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ قوم جو پختو عزم ۽ سيڪيورٽي فورسز جو ڪردار قابل ستائش آهي صدر چيو ته فتنه الهندستان خلاف آپريشنز قومي سلامتي لاءِ اثر آهن پرڏيهي مداخلت سبب ٿيندڙ دهشتگردي خلاف جنگ جاري رهندي ٻئي طرف وزيراعظم محمد شهباز شريف، بلوچستان جي علائقي پنجگور ۾ فتنه الهندوستان جي دهشتگردن خلاف ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي آچر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ طرفان جاري بيان مطابق وزيراعظم آپريشن ۾ فتنه الهندوستان سان واڳيل 3 دهشتگردن کي جهنم حوالي ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پذيرائي ڪئي هن چيو ته عزم استحڪام جي ويژن تحت سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي خلاف وڏي ڪاميابيون حاصل ڪري رهيا آهن، پوري قوم دهشتگردي خلاف ان جنگ ۾ پاڪ فوج سان گڏ آهي اسان ملڪ مان هر قسم جي دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهيون

بقايا 2 صدر زرداري

پيغام ۾ هن چيو ته گدلاڻ کان پاڪ توانائي جو عالمي ڏينهن اسان کي توانائي جي هن مرڪزي ڪردار جي ياد ڏياري ٿو جيڪو جامع ترقي، پائيدار توانائي ۽ موسمياتي تبديلي جي عالمي محرڪ لاءِ تمام اهم آهي پاڪستان انهن ملڪن ۾ شامل آهي جيڪي موسمياتي تبديلي جي ناڪاري اثرن سبب سڀ کان وڌيڪ متاثر آهن. انهي لاءِ پاڪستان حڪومت گدلاڻ کان پاڪ توانائي ڏانهن منتقلي کي موسمياتي ۽ ترقياتي ايجنڊا تي ترجيح ڏني آهي صدر آصف علي زرداري چيو ته گڏيل قومن جي موسمياتي تبديلي واري فريم ورڪ ڪنوينشن تحت جنهن عڪاسي 2025ع جي قومي سطح تي مقرر ڪيل حصيداري ۾ ٿيندي آهي پاڪستان 2030ع تائين 30 سيڪڙو اليڪٽرڪ گاڏين جو هدف مقرر ڪيو آهي فضائي گدلاڻ اسان جي عوام لاءِ هڪ تلخ ۽ بار بار سامهون ايندڙ حقيقت بڻجي چڪي آهي هر سال شديد سموگ ۽ ڪوهيڙي سبب ٽريفڪ حادثن ۾ واڌ ٿئي ٿي اڏامون متاثر ٿين ٿيون ريلوي نظام متاثر ٿئي ٿو موٽر ويز بند ڪيا وڃن ٿا، تعليمي ادارا بند ٿي وڃن ٿا، ڪاروباري سرگرميون متاثر ٿين ٿيون ۽ اسپتالن ۾ ساهه جي تڪليف ۾ مبتلا مريضن جو انگ وڌي وڃي ٿو جيتوڻيڪ سرندي واري طبقي ۾ ايئر پيوريفائر عام ٿي چڪا آهن پر ڪروڙين شهري اڃا به صحت کي نقصان ڏيندڙ فضائي حالتن سامهون بيوس آهن جيڪي فضائي گدلاڻ جي گهري ۽ سماجي ۽ معاشي اثرن کي واضح ڪن ٿا. پاڪستان پنهنجي قومي سطح تي مقرر ڪيل حصيداري ۽ قومي موسمياتي تبديلي پاليسي ذريعي، معاشي ترقي ۽ سماجي ڀلائي کي تحفظ ڏيڻ لاءِ گهٽ ڪاربن تي ٻڌل تعمير ۽ ترقي اختيار ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي پاڪستان جي توانائي مڪس ۾ پهرين کان 35 سيڪڙو گدلاڻ کان پاڪ ۽ تجديد جوڳي توانائي شامل آهي پائيدار ترقي جا هدف 7 ۽ 13 کي اڳيان وڌائڻ لاءِ اسان قومي توانائي جي موثر استعمال ۽ پائيدار وسيلن جي انتظام کي ترجيح ڏئي رهيا آهيون هن منتقلي کي پاليسي سڌارن، توانائي جي بنيادي ڍانچي ۾ جدت، تجديد جوڳي توانائي جي استعمال ۽ ادارا جاتي هم آهنگي ذريعي مضبوط ڪيو پيو وڃي گدلاڻ کان پاڪ توانائي ڏانهن منتقلي نه رڳو ماحولياتي ضرورت آهي پر معاشي ترقي، روزگار جي موقعن ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي جو به هڪ جامع ذريعو آهي سيڙپڪاري جي تحريڪ ۽ ادارا جاتي صلاحيت کي مضبوط بڻائي پاڪستان جو مقصد توانائي جو هڪ اهڙو نظام تعمير ڪرڻ آهي جيڪو سڀني شهرين لاءِ قابل اعتماد، پهچ جوڳي ۽ پائيدار هجي صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته اسان پنهنجي عزم جي تجديد ڪيون ته جيئن صرف موسمياتي تبديلي خلاف گهٽ ڪاربن ۽ توانائي جي حوالي سان محفوظ پاڪستان تعمير ڪيون پر عالمي برداري جو هڪ ميمبر هئڻ ان ٽيڪنالاجيز ۾ سيڙپڪاري جي عالمي ڪوششن جو حصو بڻجون جيڪي ڌرتي جي حفاظت ڪن ۽ ان ٽيڪنالاجيز کان پاسو ڪيون جيڪو ان جي بقا لاءِ خطرو آهي

بقايا 3 ڊاڪٽر فضل

ڀارت جنگ ڪانپوءِ صدر ٽرمپ جي پاڪستاني آرمي چيف کي وائيٽ هائوس اچڻ جي دعوت، وزيراعظم محمد شهباز شريف جو اعليٰ سطحي دورو دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سهڪار جي بحالي، ٽيرف ۾ گهٽتائي آمريڪي سيڙپڪاري، تيل جي ذخيرن جي ترقي ايف-16 اپ گريڊ پيڪيج ۽ اسٽريٽجڪ اقتصادي رابطا اهي سڀ پاڪستان جي ڪامياب پرڏيهي پاليسي جا واضح ثبوت آهن هن چيو ته ٻئي طرف ڀارت ٽياڪوي جي آڇ رد ڪرڻ ڪانپوءِ سفارتي اڪيلائي، گهري آمريڪي ٽيرف ۽ واپاري نقصانن جو شڪار ٿي چڪو آهي جڏهن ته پاڪستان عالمي سياست ۾ پنهنجي اسٽريٽجڪ اهميت کي نئين بلندين تائين وٺي ويو آهي وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو ته پاڪستان جي دانشمندانه سفارتڪاري علائقائي چئلينجن کي عالمي ڪاميابي ۾ تبديل ڪرڻ جو روشن مثال آهي

بقايا 4 بينچون جوڙيون

دوران سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ ڪيسن جي ٻڌڻي لاءِ 8 بينچون جوڙيون ويون آهن جاري ڪيل ججز روسٽر ۽ ڪازلسٽ مطابق 7 بينچون سپريم ڪورٽ جي پرنسپل سيٽ اسلام آباد ۾ جڏهن ته هڪ بينچ لاهور رجسٽري ۾ مختلف ڪيسن جي ٻڌڻي ڪندي بينچ نمبر هڪ، چيف جسٽس يحييٰ خان آفريدي ۽ جسٽس شاهد بلال حسن تي ٻڌل هوندي، بينچ نمبر 2 ۾ جسٽس منيب اختر ۽ جسٽس شڪيل احمد تي ٻڌل آهي بينچ نمبر 3 ۾ جسٽس جمال مندوخيل ۽ جسٽس شاهد وحيد ٻڌل هوندي جڏهن ته بينچ نمبر 4 ۾ جسٽس محمد علي مظهر ۽ جسٽس مسرت هلالي فرض انجام ڏيندا. بينچ نمبر 5 ۾ 3 رڪني هوندي جنهن ۾ جسٽس نعيم اختر افغان جسٽس شفيع صديقي ۽ جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب شامل هوندا بينچ نمبر 6 جسٽس ملڪ شهزاد احمد ۽ جسٽس عقيل احمد عباسي تي ٻڌل هوندي، بينچ نمبر 7 به 3 رڪني هوندي، جنهن ۾ جسٽس محمد هاشم خان ڪاڪڙ جسٽس صلاح الدين پنهور ۽ جسٽس اشتياق ابراهيم شامل آهن ساڳئي طرح لاهور رجسٽري ۾ جسٽس عائشه ملڪ ۽ جسٽس عرفان سعادت تي ٻڌل 2 رڪني بينچ مختلف ڪيسن جي ٻڌڻي ڪندي آهي سمورين بينچون (اڄ) سومر 26 جنوري کان شروع ٿيندڙ عدالتي هفتي دوران مقرره ڪيسن تي ٻڌڻيون ڪنديون

بقايا 5 ملاقات

ڊيووس جي دوري ڪانپوءِ دبئي کان اسلام آباد لاءِ روانو ٿي ويو آهي آچر ڏينهن پرڏيهي آفيس مان جاري بيان مطابق دبئي ۾ قيام دوران نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار اتصالات گروپ جي اختيارين سان ملاقات ڪئي پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات وچ ۾ واپاري ۽ اقتصادي سهڪار کي هٿي ڏيڻ سان گڏوگڏ سيڙپڪاري جي رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

بقايا 6 منظوري

مستحق ۽ ضرورتمند رانديگرن جي ڀلائي لاءِ ڪيو ويو آهي سنڌ جي راندين واري سيڪريٽري منور علي مهيسر چيو آهي ته سنڌ جي راندين واري وزير سردار محمد بخش مهر جي هدايتن تي اينڊومينٽ فنڊ تحت سنڌ جي مستحق رانديگرن کي سالياني بنيادن تي مالي مدد فراهم ڪئي پئي وڃي، ته جيئن هو معاشي ڏکيائين جي باوجود راندين سان لاڳاپيل رهي سگهن. سنڌ جي رانديگرن جي مالي مدد لاءِ سالياني اينڊومينٽ فنڊ ڪميٽي جو اجلاس سنڌ جي راندين واري سيڪريٽري منور علي مهيسر جي صدارت ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ سنڌ جي راندين واري ڊائريڪٽر اسد اسحاق، سنڌ اولمپڪ ايسوسيئيشن جي نمائندي احمد علي راجپوت، اصغر بلوچ، سيڪشن آفيسر علي ڏنو گوپانگ ۽ ٻين ميمبرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ اينڊومينٽ فنڊ ذريعي سڄي صوبي جي رانديگرن کي سالياني مالي امداد ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي سنڌ جي راندين واري کاتي جي ترجمان موجب مجموعي طور تي 230 رانديگرن کي اينڊومينٽ فنڊ مان تقريبن هڪ ڪروڙ 25 لک رپين جي لڳ ڀڳ مالي مدد ڏني ويندي. سنڌ جي راندين واري ترجمان ٻڌايو ته مالي امداد حاصل ڪندڙن ۾ لڳ ڀڳ 30 مرحوم رانديگرن جون بيواهون پڻ شامل آهن جڏهن ته درخواست گذارن ۾ هاڪي، فٽبال، باڪسنگ، ڪوڏي ڪوڏي، ملهه پهلواني سميت ٻين راندين سان تعلق رکندڙ رانديگر شامل آهن. سنڌ جي راندين واري سيڪريٽري منور علي مهيسر چيو ته سنڌ حڪومت صوبي جي بيمار، غريب ۽ مستحق رانديگرن جي مالي مدد آئينده به جاري رکندي هن وڌيڪ ٻڌايو ته اينڊومينٽ فنڊ تحت مالي امداد لاءِ حاصل ٿيندڙ درخواستن جي ڪميٽي ذريعي مڪمل جاچ پڙتال (اسڪروٽني) ڪرڻ ڪانپوءِ امداد فراهم ڪئي ويندي آهي منور علي مهيسر چيو ته جيڪڏهن ڪو رانديگر سخت بيماري ۾ مبتلا هجي يا وفات ڪري ويل رانديگرن جون بيواهون هجن ته اهي اينڊومينٽ فنڊ تحت مالي امداد لاءِ درخواست جمع ڪرائي سگهن ٿيون

بقايا 7 وڌائي وئي

ڪري ڇڏي کاتو اسڪول ايجوڪيشن سنڌ جي فيصلي موجب، صوبي ڀر جي اسڪولن ۾ تعليم جو آغاز صبح 9 وڳي کان ٿيندو ۽ اهو انتظام 4 فيبروري تائين جاري رهندو فيصلو سڀني سرڪاري ۽ نجي اسڪولن تي هڪجهڙائي سان لاڳو ٿيندو ۽ ان جو باقاعده نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو ويو آهي ياد رهي ته ان کان اڳ، شديد سردي سبب 11 جنوري کان اسڪولن جي وقت ۾ تبديلي آندي وئي هئي، جنهن موجب صبح 9 وڳي کان اسڪول کولڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو جڏهن ته بند ٿيڻ جو وقت اڳ وانگر ئي رهندو نوٽيفڪيشن موجب، شروعاتي فيصلو 11 جنوري کان 26 جنوري تائين لاڳو ٿيڻ جو اعلان ڪيو ويو هو پر سردي جي جاري لهر کي نظر ۾ رکندي، هن فيصلي ۾ توسيع ڪئي وئي آهي

بقايا 8 اسپتال منتقل

ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول جي لاش کي ايڌي جي ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب مقتول جي سڃاڻپ 53 سالن جي عدنان بٽ مرزا بيگ جي نالي سان ٿي آهي موت جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ پوسٽ مارٽم ڪيو ويندو ۽ پوسٽ مارٽم کان پوءِ معلوم ٿيندو ته اهو قتل هو يا قدرتي موت

بقايا 9 زخمي

1308 ٽريفڪ حادثن کي ريسپانڊ ڪيو جن ۾ 603 ڄڻا شديد زخمي ٿيا جن کي فوري طور تي ويجهي ضلعي ۽ تعلقي اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويو 902 معمولي زخمين کي ريسڪيو ميڊيڪل ٽيمن واقعي واري هنڌن تي بروقت طبي امداد فراهم ڪئي انهن حادثن ۾ وڌيڪ انگ (74 سيڪڙو) موٽر سائيڪلن جو آهي ريسڪيو 1122 جي صوبائي مانيٽرنگ سيل کي موصول ٿيل ايمرجنسي ڪالز مطابق انهن ٽريفڪ حادثن ۾ 855 ڊرائيورن 56 ننڍي عمر وارا ڊرائيورن 503 مسافر ۽ 168 پنڌ هلندڙ ماڻهو متاثر ٿيا. انگن اکرن مطابق 253 ٽريفڪ حادثن جون فون ڪالز لاهور ڪنٽرول روم کي مليون جنهن ۾ لاهور 289 متاثرن سان پهرين، ملتان ۾ 99 حادثن ۾ 117 متاثرن سان ٻئي، گوجرانوالا ۾ 68 حادثن ۾ 75 متاثرن سان ٽئين نمبر تي رهيو واضح رهي انهن حادثن جي ڪل 1526 متاثرن ۾ 1233 مرد ۽ 293 عورتون شامل آهن

بقايا 10 نوٽيس ورتو

کان واقعي بابت تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آءِ جي سنڌ فوتي جي ميڊيڪل رپورٽ ۽ وارثن جي بيانن جي روشني ۾ شفاف جاچ کي يقيني بڻائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آءِ جي سنڌ فوتي جي وارثن سان رابطو ڪري مڪمل انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جي به هدايت ڪئي

بقايا 11 تعزيت

سينئر صحافي سيد عون شيرازي جي گهرواري جي لاڏاڻي تي تعزيت لاءِ سندس گهر ويو ۽ مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي پنجاب اسيمبلي جو اڳوڻو ڊپٽي اسپيڪر ميان مناظر علي رانجها ۽ وفاقي وزير سان گڏ هو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ سيد عون شيرازي ۽ ٻين گهروارين سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته سيد عون شيرازي جي گهرواري جو لاڏاڻو خاندان لاءِ ناقابل تلافي نقصان آهي سوڳوارن جي ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهيان هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام ۽ پوئينرن کي صبر جميل عطافرمائي. وفاقي وزير پاڪستان ٽي وي جي اسپورٽس پروڊيوسر ارسلان شيرازي جي معصوم نياڻي جي لاڏاڻي تي به دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو

بقايا 12 اعلان

آهي ذريعن موجب پليئرز جي بولي پاڪستاني رپين ۾ لڳندي. گهٽ کان گهٽ قيمت 60 لک رپيا رکي وئي آهي، جڏهن ته مهانگو ترين رانديگر 4 ڪروڙ 20 لک رپين ۾ خريد ڪري سگهبو ٽيم اسڪواڊ ميمبرن جو انگ 16 ۽ وڌ کان وڌ 20 مقرر ڪيو ويو آهي جن ۾ 5 کان 7 پرڏيهي رانديگر رکي سگهجن ٿا. جڏهن ته هر ٽيم ۾ 3 کان 4 پرڏيهي رانديگر پليئنگ اليون جو حصو بڻجي سگهندا.

بقايا 13 ايس ايس پي سٽي

سميت سمورن لاڳاپيل ماڻهن جا بيان حاصل ڪيا ويا آهن. ايس ايس پي سٽي چيو ته جيڪڏهن غفلت يا لاپرواهي سامهون آئي ته واقعي جا سمورا پهلو عوام آڏو آندا ويندا. هن ٻڌايو ته واقعي واري وقت ڇهه سيڪيورٽي گارڊ موجود هئا، جن سڀني جا بيان ورتا ويا آهن. عارف عزيز موجب هڪ ڊي وي آر پڻ هٿ آئي آهي جنهن جي مدد سان جاچ کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ايس ايس پي سٽي چيو ته دروازا ڇو بند ڪيا ويا، ۽ باهه لڳڻ ڪانپوءِ ڇو نه کوليا ويا، ان معاملي تي به تفصيلي جاچ جاري آهي. ايس ايس پي سٽي عارف عزيز صحافي دوستن جو شڪريو ادا ڪيو جن ريسڪيو ادارن ۽ پوليس سان مڪمل تعاون ڪيو. هن چيو ته نو ڏينهن تائين هلندڙ هي آپريشن انتهائي مشڪل هو جنهن دوران ميڊيا کي سموري صورتحال کان باخبر رکيو ويو.

بقايا 14 خٽڪ

افغان باچا خان جي 38هين ۽ رهبر تحريڪ خان عبدالولي خان جي 20هين برسي جي موقعي تي منعقده جلسي عام کي شاهد سيد، اورنگزيب خان، فضل رحيم خان يوسف زئي، عبدالرحمان يوسف زئي، خان عبدالمنان خان، نثار باز سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سانحو گل پلازا ڪرپشن ۽ بدانتظامي جي واضح مثال آهي جيڪا حڪومتي نااهلي کي بي نقاب ڪري ٿي ايمل ولي خان چيو ته عوامي نيشنل پارٽي صرف سياسي جماعت نه آهي پر هڪ تحريڪ آهي ۽ دنيا جي پڇاڙي تائين آباد پختون عوامي نيشنل پارٽي سان گڏ بيٺا آهن انهن چيو ته عوامي نيشنل پارٽي واحد جماعت آهي جيڪا پختون قوم کي انتهاپسندي جي بجاءِ امن شعور ۽ جمهوري جدوجهد جي رستي تي اڳتي وڌائڻ لاءِ عملي ڪردار ادا ڪري رهي آهي ايمل ولي خان وڌيڪ چيو ته افسوسناڪ آهي ته تيراهه آپريشن تي وفاقي حڪومت خاموش آهي ۽ صوبي جي حڪومت صرف تماشائي بڻجي ويٺي آهي هن عالمي ادارن ۽ انساني حقن جي تنظيمن کان مطالبو ڪيو ته اهي انساني حقن جي سنگين پامالي تي فوري نوٽيس وٺن هن واضح ڪيو ته آپريشن جي نالي تي بمباري ڪنهن به صورت قبول نه آهي، ڇو ته شهري تحفظ رياست جي بنيادي ذميواري آهي ايمل ولي خان وڌيڪ چيو ته عوامي نيشنل پارٽي پُرامن ترقي پسند ۽ خوشحال ڪراچي جي حامي آهي هن زور ڏنو ته دهشتگردي جي نالي تي تجارتي رستن کي بند ڪرڻ مسئلا حل نٿو ڪري، ڇو ته دهشتگردي هڪ بين الاقوامي مسئلو آهي جنهن سان نمٽڻ لاءِ جامع ۽ موثر پاليسي جي ضرورت آهي انهن چيو ته عوامي نيشنل پارٽي جي جدوجهد اقتدار جي حصول لاءِ نه آهي پر قوم جي بنيادي حقن، امن جمهوريت ۽ ترقي لاءِ آهي ايمل ولي خان زور ڏنو ته پاڪستان سڀني قومن جو گڏيل وطن آهي ۽ پختون سميت سڀني شهرين سان بلا امتياز ۽ برابر سلوڪ ڪيو وڃي

بقايا 15 ڊي سي

ڪراچي ڏکڻ چيو ته گل پلازا ۾ سرچ آپريشن تقريبن مڪمل ٿي چڪو آهي، جڏهن ته عمارت کي سيل ڪيو ويندو، هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن جو پيارو اڃا تائين لاپته آهي ته اهي انتظاميه سان رابطو ڪري سگهن ٿا، 79 لاپته ماڻهن مان 13 وارثن اڃا تائين ڊي اين اي جا نمونا جمع نه ڪرايا آهن. جاويد نبي کوسو موجب 73 ڄڻن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ٿي چڪي آهي جن مان 23 جي سڃاڻپ ڊي اين اي ميچنگ ذريعي ٿي وئي آهي، جڏهن ته 55 خاندانن ڊي اين اي جا نمونا جمع ڪرايا آهن. ڊي سي ڪراچي ڏکڻ چيو ته لاپته ماڻهن جو مجموعي انگ 79 آهي جن جا نالا فهرست ۾ شامل آهن متاثر عمارت ۾ داخل ٿيڻ کان پاسو ڪيو وڃي، جڏهن ته عمارت تي مارڪنگ پڻ ڪئي وئي آهي.

بقايا 16 ڪشميري

خودارادايت وارو حق ڏيڻ کان لڳاتار انڪار ڪري رهيو آهي ڪشمير ميڊيا سروس موجب ڪارو ڏينهن ملهائڻ جو سڏ ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس پاران ڏنو ويو آهي اڄ والاريل ڪشمير جي سمورن علائقن ۾ مڪمل طور تي هڙتال ڪئي وئي آهي جڏهن ته آزاد جمون ڪشمير پاڪستان ۽ دنيا جي مختلف ملڪن جي گادي وارن شهرن ۾ ڀارت مخالف مظاهرا ڪيا ويندا ۽ ريليون ڪڍيون وينديون ته جيئن عالمي دنيا کي اهو پيغام ڏئي سگهجي ته ڀارت جنهن ڪشميري عوام کي سندن حق کان محروم رکيو آهي والاريل علائقي ۾ پنهنجو يوم جمهوريه ملهائڻ جو حق نه ٿو رکي

بقايا 17 ملاقات

لاءِ سول اسپتال حيدرآباد پهتي هن متاثر نياڻي جي طبيعت بابت ڄاڻ ورتي ۽ ڊاڪٽرن کان علاج جي صورتحال تي بريفنگ حاصل ڪئي عيادت دوران شازيه عطا مري متاثر ناري ۽ سندس وارثن سان ملاقات ڪري مڪمل همدردي جو اظهار ڪيو ۽ شادباڻو ملاح کي انصاف ڏيارڻ جي پڪ ڏياريندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي مظلومن خاص ڪري عورتن جي حقن لاءِ هر محاذ تي جدوجهد جاري رکندي. سول اسپتال ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي شازيه عطا مري چيو ته واقعي ۾ ملوث هڪ جوابدار وزير راڄڙ کي پوليس گرفتار ڪري چڪي آهي، جڏهن ته پوليس مختلف رخن کان جاچ به ڪري رهي آهي ته جيئن ڪنهن به ذميوار کي بچڻ جو موقعو نه ملي هن چيو ته واقعي بعد انسانيت جو ڪنڌ شرم کان جهڪي ويو آهي ۽ سنڌ حڪومت متاثر نياڻي جي مڪمل مدد ڪندي هن وڌيڪ چيو ته واقعي جي اطلاع ملڻ شرط سندس ڀيڻ قرت العين مري متاثرن وٽ پهچي وئي هئي جڏهن ته هي واقعو انتهائي حساس هو شازيه عطا مري موجب، نياڻي جي چهري تي ظاهري زخمن سان گڏ سندس روح تي به گهرا زخم رسيا آهن جن جي مرهم پٽي لاءِ حڪومت ۽ سماج کي گڏجي ذميواري نڀائڻي پوندي شازيه عطا مري چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عورتن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندي آئي آهي ۽ هن واقعي ۾ ملوث سڀني جوابدارن کي ضرور سزا ملندي هن واضح لفظن ۾ چيو ته اهڙن واقعن ۾ ملوث ماڻهن کي ڪڏهن به بخش نه ڪيو ويندو ۽ عدالتن کان مڪمل انصاف جي اميد آهي هن چيو ته سندس تڪ ۽ تڪ جي ماڻهن کي انصاف جي رسائي سندس اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. هن اهو به ٻڌايو ته متاثر ناري جي علاج لاءِ ٻارنهن ڊاڪٽرن تي مشتمل هڪ خاص ميڊيڪل بورڊ جوڙيو ويو آهي جنهن ۾ سينئر ڊاڪٽر شامل آهن جيڪي نياڻي جي بهترين علاج کي يقيني بڻائيندا.

بقايا 18 افسوس جو اظهار

نوٽيار جي نالي جاري ڪيل تعزيتي پيغام ۾ چيو آهي ته رمضان نوٽيار جي رحلت جي خبر ٻڌي کيس گهرو ڏک پهتو آهي. هن چيو ته هن ڏکئي گهڙي ۾ هو پاڻ ۽ سڄي پاڪستان پيپلز پارٽي يوسف نوٽيار ۽ سندس سوڳوار خاندان سان گڏ بيٺل آهي بلاول ڀٽو زرداري مرحوم لاءِ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام ۽ سوڳوار خاندان لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي ۽ چيو ته الله تعاليٰ وارثن کي هي وڏو صدمو برداشت ڪرڻ جي همت عطا فرمائي.

بقايا 19 سردار عبدالرحيم

مثال قائم ڪئي هن چيو ته ان ڏينهن ٿيل اجتماع مڪمل طور تي پُرامن ۽ غير مسلح هو پر ان باوجود ڀارتي فوج بيگناهه ڪشميرين تي اندڌاڌ فائرنگ ڪري گهٽ ۾ گهٽ 21 معصوم ڪشميرين کي شهيد ۽ 75 کان وڌيڪ ماڻهن کي زخمي ڪري ڇڏيو سردار عبدالرحيم هن دل ڏکوئيندڙ واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته هندواره قتل عام ڀارتي رياستي دهشتگردي جو کليل ثبوت آهي هن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ايترو وقت گذرڻ باوجود نه ته هن وحشياڻي ڪارروائي جي آزاد جاچ ٿي سگهي آهي ۽ نه ئي ذميوارن کي ڪا سزا ملي آهي، جيڪو عالمي ضمير لاءِ سوچ جو مقام آهي هن چيو ته ڀارتي فوج پاران ڪشميري عوام تي ڪيل ظلم ۽ زيادتيون ڪڏهن به سندن حوصلن کي ٽوڙي نٿيون سگهن ڪشميري عوام جي جدوجهد اڄ به مضبوط ۽ واضح آهي ۽ سندن آواز اڄ به اهو ئي آهي ته "ڪشمير پاڪستان بڻجندو" سردار عبدالرحيم اقوام متحده ۽ عالمي انساني حقن جي تنظيمن کان مطالبو ڪيو ته هو مقبوضه ڪشمير ۾ جاري ڀارتي ظلمن جو نوٽيس وٺن ۽ ڪشميري عوام کي سندن حق خودارادي ڏيارڻ لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪن

بقايا 20 سلمان عبدالله

چيو ته هو متاثر خاندانن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن ۽ هن افسوسناڪ واقعي تي سڄي قوم غمگين آهي. سلمان عبدالله مراد چيو ته سنڌ حڪومت ۽ ڪي ايم سي طرفان فوري طور امدادي قدم کنيا ويا آهن، جڏهن ته باهه لڳڻ واري واقعي جي جاچ جاري آهي ۽ ذميوارن کي هر صورت ۾ جوابده بڻايو ويندو هن وڌيڪ چيو ته متاثر واپارين جي بحالي لاءِ به عملي قدم کنيا پيا وڃن. ڊپٽي ميئر ڪراچي زور ڏنو ته اهڙن سانحن تي الزام تراشي بدران سمورن ادارن ۽ سياسي جماعتن کي گڏجي ڪوششون ڪرڻ گهرجن ته جيئن متاثرن کي رليف ملي سگهي ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن کان بچاءُ ممڪن بڻجي سگهي.

بقايا 21 گرفتار

بروقت ڪارروائي ڪندي جوابدار کي اولڊ مظفرآباد واري علائقي مان هٿيار سميت گرفتار ڪيو آهي. گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ شاهزيب ولد ممتاز خان طور ٿي آهي جنهن وٽان فائرنگ ۾ استعمال ٿيل هٿيار ۽ ايمونيشن به هٿ ڪيا ويا آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار پنهنجي دوست بلال حيدر جي شادي جي تقريب دوران بنا سبب هوائي فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ عمر گل ولد گل محمد نالي نوجوان جيڪو جوابدار جو دوست پڻ هو موقعي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته هڪ ٻيو شخص زخمي ٿيو. واقعي بابت قائدآباد ٿاڻي تي جوابدار خلاف قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو جڏهن ته وڌيڪ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا 22 راهگير فوت

گاڏي جي ٽڪر ۾ هڪ شخص سخت زخمي ٿي پيو زخمي واٽهڙو کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي اسپتال منتقل ڪيو پيو وڃي ته هو رستي ۾ زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو فوتي جي لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ڇيپا اختيارين موجب فوتي جي سڃاڻپ 60 سالن جي مهر دين ولد بخت علي جي نالي سان ٿي آهي فوتي سپر هاءِ وي سبزي منڊي جو رهواسي آهي ساڳئي طرح ملير شهر جي ملير ڪورٽ برج علائقي ۾ ڇنڇر ۽ آچر جي وچ واري رات نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ هڪ واٽهڙو زخمي ٿي پيو جيڪو آچر جي صبح جناح اسپتال ۾ علاج دوران زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو ڇيپا اختيارين موجب فوتي جي سڃاڻپ 65 سالن جي ذوالفقار ولد مشتاق احمد جي نالي سان ٿي آهي

بقايا 23 ڪاشف شيخ

دعويدار شهباز شريف حڪومت جي منهن تي چماٽ آهي هن اڄ جاري ڪيل هڪ بيان ۾ چيو ته حڪومتي سرپرستي هيٺ اٽو مافيا عوام لاءِ زنده رهڻ به ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي عوام جو ڪو به والي وارث ناهي هارين کان 2200 سئو رپيا في مڻ ڪڻڪ خريد ڪيو ويو پر ميڊيا رپورٽن موجب حڪومتي نااهلي سبب ملڪ جي ڪجهه شهرن ۾ اڄ 20 ڪلو اٽي جو ٿيلهو ڪي هزار رپين تائين پهچي ويو آهي پيٽرول کان وٺي اٽي تائين حڪومت غريب هارين ۽ عام ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو رليف ڏيڻ بدران اٽي مافيا ۽ سرمائيدارن کي فائدو ڏئي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته حڪومت ۾ اهي ئي جاگيردار، وڏيرا ۽ سرمائيدار ويٺل آهن انهن جون پارٽيون ۽ جهنڊا ڀلي الڳ الڳ هجن پر چورٻازاري کان وٺي مفاد پرست سياست تائين عوام جو رت چوسڻ لاءِ اندروني طور تي هڪ آهن ڪاشف سعيد شيخ وڌيڪ چيو ته دستاويزن موجب پاڪستان کي موجوده مالي سال جي پهرين ڇهن مهينن ۾ 280 ارب رپين کان وڌيڪ ٻاهريون قرض حاصل ٿيو آهي جولاءِ کان ڊسمبر تائين قرضن ۽ گرانٽن جي مد ۾ مجموعي طور 1272 ارب رپيا مليا آهن جڏهن ته آءِ ايم ايف کان ملندڙ قرض ان کان علاوه آهي پيئو فقير بڻجڻ ۽ قرضن سان ملڪ ۽ معيشت کي وڌيڪ دير تائين هلائي نٿو سگهجي ايڏي وڏي تعداد ۾ قرض وصول ڪرڻ باوجود ملڪ ۾ غربت ۽ افلاس ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ۽ عام ماڻهو جي خريداري قوت ختم ٿيندي پئي وڃي پي آءِ اي سميت ملڪ جا قومي ادارا ڪوڙين مُلهه عيوض وڪرو ڪيا پيا وڃن پر حڪمرانن جي عياشي ۽ شاهانه طرز زندگي ۾ ڪا به گهٽتائي نظر نٿي اچي انهيءَ ڪري موجوده مُڏي خارج ۽ بدبودار نظام جي تبديلي ۽ ڪرپٽ قيادت کان ڇوٽڪارو ئي مسئلن جو واحد حل آهي هن پُرزور مطالبو ڪندي چيو آهي ته اٽي سميت خوراڪ جي شين جي قيمتن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ذخيره اندوز مافيا کي قانون جي پڪڙ ۾ آڻي عام ماڻهو جي زندگي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪرپشن فري قدم کنيا وڃن.

بقايا 24 اختيار ولي

آءِ حڪومت تي سياسي مفادن جي حق ۾ عوامي فلاح کي نظر انداز ڪرڻ ۽ عوام وچ ۾ اختلافات پيدا ڪرڻ لاءِ رهاست جي سياست ڪرڻ تي تنقيد ڪئي آهي آچر ڏينهن هڪ مقامي نيوز چينل سان ڳالهائيندي اختيار ولي خان چيو ته خيبر پختونخوا ۾ عوام پي ٽي آءِ جي سياسي ترجيحن جي قيمت ادا ڪري رهيا آهن هن الزام لڳايو ته حڪمراني جي ناڪامين اهم ادارن کي بحران ۾ ڌڪيو آهي هن نشاندهي ڪئي ته سڄي صوبي جون ڪيترئي يونيورسٽيون ۽ سرڪاري کاتا پگهارن جي ادائگي نه ٿيڻ تي احتجاج تي آهن جنهن سان ملازمن ۽ شاگردن بنهي شديد غير يقيني صورتحال پيدا ٿي رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته بگڙندڙ حالتن باوجود صحت ۽ تعليم جهڙن اهم شعبن لاءِ ڪا بامعنيٰ رليف جو اعلان نه ڪيو ويو آهي جنهن سان پيشيوار ماڻهون ۽ عوام کي مشڪلات جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي هن چيو ته صوبائي حڪومت جي بي عملي عوامي مايوسي کي وڌيڪ وسيع ڪري ڇڏيو آهي ۽ بنيادي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي حڪومتي صلاحيت تي انهن جو اعتماد ختم ٿي ويو آهي

بقايا 25 اڳڪٿي

ديرِ سوات، ڪالام، چترال، ڪوهستان، مانسهره، ايبٽ آباد، شانگلا استور، هنزه، اسڪردو، مري، گليات، وادي نيلم باغ، پونڇ حويلي، ڪوئيٽا، زيارت، چمن، پشين، قلعه عبدالله، قلعه سيف الله، نوشڪي هرنائي ۽ ژوب ۾ روڊن جي بند ٿيڻ ۽ ترڪڻ سبب ٽريفڪ جي روانيءَ ۾ رڪاوٽ جو انديشو ظاهر ڪيو آهي مٿاهين خيبرپختونخوا، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي جابلو علائقن ۾ لينڊ سلائيڊنگ / برفاني ڇپون ڪرڻ جو خطرو آهي ان دوران سياحن کي محتاط رهڻ ۽ غير ضروري سفر کان احتياط جي هدايت ڪئي وئي آهي موسمياتي کاتي مطابق ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته مٿاهين خيبرپختونخواهه، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ موسم شديد ٿڌي ۽ جزوي جهڙالي رهڻ جو امڪان آهي، ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ ٿڌ هوائون هلڻ جو به امڪان آهي جڏهن ته ڏکڻ اولهه بلوچستان ۾ جزوي جهڙالي رهڻ ڪانسواءِ تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات ۽ برفباري جو امڪان آهي (اڄ) سومر ڏينهن خيبرپختونخوا ڪشمير گلگت بلتستان بلوچستان ۽ مٿاهين پنجاب ۾ جهڙالي رهڻ ڪانسواءِ تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان وقفي وقفي سان برسات / برفباري، جڏهن ته جابلو علائقن ۾ ڪجهه هنڌن تي تيز برسات/ وڇولي کان شديد برفباري جو به امڪان آهي ان دوران ڏکڻ پنجاب ۽ مٿاهين سنڌ ۾ ڪجهه هنڌن تي تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات جو امڪان آهي گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ جڏهن ته جابلو علائقن ۾ شديد ٿڌي رهي آچر ڏينهن رڪارڊ ڪيل گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد ليهه ۾ ڪاٽو 14، استور، ڪالام نٿياگلي ۾ ڪاٽو 09، پاراچنار قلات ۾ ڪاٽو 08، گوپس ۾ ڪاٽو 08، مالم جبه ۾ ڪاٽو 06، اسڪردو ۽ ڪوئيٽا ۾ ڪاٽو 05 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو آهي

بقايا 26 قيصر شيخ

لاءِ سازگار ماحول جوڙيو ويو آهي ۽ هلندڙ سال دوران ملڪي ۽ پرڏيهي سيڙپڪاري ۾ نمايان اڳڀرائي جي اميد آهي حڪومت پاليسي ريٽ ۾ 11 سيڪڙو گهٽتائي، اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل (ايس آءِ ايف سي) جي قيام انڊسٽريل زونز جي ترقي ۽ ريگيوليٽري سڌارن ذريعي سيڙپڪارن لاءِ سهولتن کي يقيني بڻايو آهي چنيوٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي خاص هدايتن تي اجازت نامن ۽ اين او سيز جي نظام کي آسان بڻايو ويو آهي ۽ ون ونڊو فيسليٽيشن سينٽر قائم ڪيا ويا آهن جتي سمورين وزارتن جا آفيسر هڪ ئي ڇت هيٺان سيڙپڪارن کي سهولتون فراهم ڪري رهيا آهن هن ٻڌايو ته ڪراچي ۾ پاڪستان اسٽيل مل جي 6 هزار ايڪڙ ايراضي کي صنعتي ترقي لاءِ استعمال ۾ آندو پيو وڃي جتي 50 سيڪڙو زمين صنعتن کي بنا لاڳت فراهم ڪئي پئي وڃي ته جيئن سيڙپڪاري کي هٿي وٺائي سگهجي. وفاقي وزير چيو ته مڊل ايسٽ، چين آمريڪا ۽ ڪينيڊا مان سيڙپڪاري ۾ گهري دلچسپي ظاهر ڪئي پئي وڃي بلوچستان ۾ ريڪوڊڪ منصوبي تحت 7 ارب ڊالرن جي سيڙپڪاري جا معاهدا ٿي چڪا آهن جڏهن ته چين سان وڏي پيماني تي صنعتي ۽ انفراسٽرڪچر منصوبن تي ڪم جاري آهي چين ۾ ٿيندڙ ڏازين گڏجاڻين ۾ 300 کان وڌيڪ پاڪستاني ڪمپنيون شريڪ ٿيون جن ذريعي گڏيل منصوبن ۽ صنعتي ترقي تي اتفاق ٿيو هن چيو ته سي پيڪ ايم ايل ون ريلوي منصوبي سکر کان حيدرآباد موٽروي ۽ چابهار کان گوادر تائين رابطن جهڙا منصوبا سيڙپڪاري کي وڌيڪ هٿي ڏئي رهيا آهن دفاعي شعبي ۾ پاڪستان جي ڪاميابين کان پوءِ ڪيترن ئي ملڪن پاڪستاني دفاعي صنعت ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي آهي جنهن سان ايندڙ سالن ۾ نمايان سيڙپڪاري جو امڪان آهي وفاقي وزير چيو ته عالمي ڪريڊٽ ريٽنگ ايجنسين پاران پاڪستان جي ريٽنگ جو برقرار رهڻ ڪرنسي جو استحڪام ۽ مقامي سيڙپڪارن جي دلچسپي پرڏيهي سيڙپڪاري جي اعتماد جو سبب بڻجي رهي آهي هن ٻڌايو ته 27 ۽ 28 تاريخ تي عالمي سيڙپڪارن جو وفد پاڪستان جو دورو ڪري رهيو آهي جن سان وزيراعظم شهباز شريف پاڻ ملاقات ڪندو ان موقعي تي وفاقي وزير سماجي خدمتن تي به روشني وڌي. وفاقي وزير چيو ته فري ميڊيڪل ڪيمپس انسانيت جي خدمت آهن ۽ حڪومت ۽ فلاحي ادارا گڏجي عوام کي صحت جون سهولتون سندن چانئٺ تي فراهم ڪري رهيا آهن

بقايا 27 سهيل آفريدي

ادارن جا اسان سياست ۾ مداخلت ڪندڙن جي خلاف آهيون مون اجلاس ڇڏي فوجين جي جنازي ۾ شرڪت ڪئي هاڻي مون کي جنازي ۾ شرڪت ڪرڻ جي اجازت ناهي ۽ نه ئي دعوت ڏني وئي آهي وڏي وزير چيو ته جيڪڏهن 2 يا 3 ڏينهن ۾ آپريشن بند نه ٿيو ته اسان هڪ نئين حڪمت عملي ٺاهينداسين عمران خان جي آزادي جي حوالي سان سهيل آفريدي چيو ته هن ڀيري اسان مڪمل تياري سان اسلام آباد وينداسين ۽ پي ٽي آءِ جي باني کي آزاد ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين جيڪڏهن پي ٽي آءِ جو باني جيل مان ٻاهر اچي ٿو ته اهو ڪنهن لاءِ به سٺو نه هوندو آهي ماڻهو ادارن ۽ صوبائي حڪومت وچ ۾ ٽڪراءُ چاهين ٿا ٻئي طرف، وفاقي حڪومت فوجي حڪمن تي تيراهه وادي کي خالي ڪرڻ جي بي بنياد خبرن جي ترديد ڪئي ۽ دعوائن کي بدنيتي قرار ڏنو

بقايا 28 لاڏاڻو

شروعات ۾ بي بي سي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پادري بڻجڻ جي پنهنجي منصوبن کي ڇڏي ڏنو هو بي بي سي جو نئين دهلي بيورو چيف هو ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ اهم واقعن تي رپورٽنگ ڪندو هو هن هندستان ۾ گهڻو وقت گذاريو هو 25 جنوري 2026 تي نئين دهلي ۾ فوت ٿي ويو بي بي سي جي هڪ سينئر رپورٽر ۽ ڏکڻ ايشيا بيورو چيف جي حيثيت سان مارڪ ٽلي ڏهاڪن تائين هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ سڀ کان وڌيڪ حساس ۽ خطرناڪ لمحن کي ڪوريج ڪيو 1977ع ۾، جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو خلاف سياسي بحران ۽ پاڪستان نيشنل الائنس (پي اين اي) جي نالي تي ٺهيل مخالف سياسي اتحاد جي تحريڪ زور وٺي رهي هئي، مارڪ ٽلي جي رپورٽنگ ايتري قدر بنيادي ۽ ڀٽو مخالف هئي جو هو صرف هڪ رپورٽر جي دائري کان ٻاهر نڪري ويو ۽ عوامي راءِ ۽ سياسي مخالفت ۾ حصو وٺڻ لڳو هو اڪثر ڪري پاڪستان نيشنل الائنس جي ٻئي ڏينهن احتجاج جي جڳهن ۽ وقتن تي رپورٽ ڪندو هو جيڪو صحافتي هدايتن جي خلاف ورزي هئي سندس رپورٽنگ جي شدت ۽ هڪ طرفي نوعيت اهو واضح ڪري ٿي ته ميڊيا جو قلم ڪڏهن ڪڏهن صرف خبرن جي ڪاپي نه پر سياسي بيانيءَ جي شڪل ڏيڻ ۽ عوامي راءِ کي متاثر ڪرڻ لاءِ هڪ زهريلو هٿيار پڻ بڻجي ويندو آهي ٽلي جي صحافتي زندگي ظاهر ڪري ٿي ته صحافت جي طاقت نه رڳو خبرن جي درستگي ۾ آهي پر ان زاويه ۾ پڻ آهي جنهن سان سياسي حقيقتن ان ذريعي پيش ڪئي ويندي آهي، ۽ جڏهن هي طاقت ڪنهن ملڪ يا اڳواڻ لاءِ نقصانڪار پڻ ثابت ٿي سگهي ٿي مارڪ ٽلي جو نالو هاڻي صحافت جي دنيا ۾ هميشه ساڳئي طاقتون ٽڪراءَ ۽ تلخ داستان سان ياد رکيو ويندو جنهن خبرن جي رپورٽنگ جي مهارت کي سياسي ۽ سماجي اثر جي طاقت ۾ تبديل ڪيو جنهن ڏهاڪن تائين ڏکڻ ايشيا جي سياسي منظرنامي کي پنهنجي ترجيح مطابق شڪل ڏني ۽ جنهن جو اثر اڄ به تجزيه نگارن، تاريخدانن ۽ ميڊيا مبصرن ۾ بحث جو مرڪز آهي مارڪ ٽلي جي زندگي ۽ رپورٽنگ اهو واضح ڪري ٿي ته صحافت ڪڏهن ڪڏهن خالص پيشه وارانه ڪم نه آهي پر سياسي راند، داستان جي تخليق ۽ عوامي دائر کي شڪل ڏيڻ لاءِ هڪ طاقتور اوزار بڻجي ويندي آهي

بقايا 29 جوڙي ڇڏي

سان ڪيل دردناڪ واقعو ڏينهون ڏينهن شدت اختيار ڪندو پيو وڃي، هاءِ پروفائيل بڻجي وڃڻ کان پوءِ اختيارين جون ننڊون حرام ٿي ويون آهن آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو صاف ۽ شفاف جاچ ڪرائڻ لاءِ ڊي آءِ جي ميرپورخاص جي نگراني ۾ پنجن ميمبرن تي ٻڌل هڪ ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي، جنهن ۾ ايس ايس پي حيدرآباد، ايس ايس پي سانگهڙ ليگل ونگ جي ڊي ايس پي ذڪريا ڪوريجو سي آءِ اي سانگهڙ جي انچارج زاهد ڪمبوه ۽ جانچ آفيسر سب انسپيڪٽر عبدالحڪيم ڪنڀر شامل آهن جوڙيل ڪميٽي هڪ هفتي اندر جوابدارن واقعي جي اصل حقيقتن ايف آءِ آر ۾ شامل ڏوهن سميت مڙني رخن کان جانچ ڪري رپورٽ جمع ڪرائيندي

بقايا 30 شروع منصب

هڪ فيصلائتي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي جتي معاشي استحڪام ۽ ماحولياتي ذميوارين کي گڏ کڻي هلڻ اڻٽر آهي ڪوئلي تي مسلسل ڀاڙڻ هاڻي ملڪ لاءِ مالي ۽ واپاري بار بڻجي چڪو آهي اهڙو اظهار هن ڪالهه پائيدار ترقي بابت پاليسي ساز اداري جي انتظام هيٺ ڪوئلي سان هلندڙ بجلي گهرن جي نئين معاشي افاديت تي ٻڌل مشاورتي ويبنار کي خطاب ڪندي ڪيو مملڪتي وزير ٻڌايو ته پاڪستان ترقياتي حصيدارن خاص ڪري چين سان هڪ اهڙي جامع حل جي ڳولها ڪري رهيو آهي جيڪو منصفاڻو ماحول دوست ۽ پائيدار منتقلي کي يقيني بڻائيندي ٻه طرفي سهڪار کي به مضبوط رکي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته توانائي جي منتقلي جي حڪمت عملي حقيقت پسندي، فڪري ديانت ۽ قابل عمل هدفن تي ٻڌل هئڻ گهرجي ته جيئن صاف ۽ ماحول دوست توانائي ڏانهن موثر اڳڀرائي ممڪن ٿي سگهي. هن زور ڏنو ته روزگار جي تحفظ ۽ ڪارڪنن جي نئين مهارتن جي تربيت جي جامع پروگرامن کان سواءِ اها منتقلي منصفاڻي ۽ پائيدار نٿي ٿي سگهي

بقايا 31 عطاءُ الله تارڙ

من گهڙت ۽ حقيقتن جي ابتڙ خبرون هلايون ويون خيبر پختونخوا حڪومت طرفان 4 ارب رپين جا فنڊ رضاڪارانه طور لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهن لاءِ رکيا ويا، ان حوالي سان ڪي پي ڪي حڪومت جي رليف ۽ بحالي ڊپارٽمينٽ جو باقاعده نوٽيفڪيشن موجود آهي تيراهه وادي مان لڏپلاڻ کي پاڪ فوج سان جوڙڻ سراسر بي بنياد ۽ غلط آهي گذريل ڏينهن هتي سينئر صحافي عون شيرازي جي گهر واري جي وفات تي تعزيت بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي وفاقي وزير عون شيرازي جي گهر واري جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته هو تعزيت لاءِ پاڻ حاضر ٿيو آهي اسان هن ڏک ۾ غمگين ڪٽنب سان برابر جا شريڪ آهيون هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام ۽ وارثن کي صبر عطا فرمائي عطاءُ الله تارڙ چيو ته سيد عون شيرازي ۽ سندس خاندان جو صحافت سان گهرو تعلق آهي هن جنهن ذميواري ۽ وقار سان صحافت جي شعبي ۾ خدمتون انجام ڏنيون آهن، اهو ساراهه جوڳو آهي تيراهه وادي مان ماڻهن جي لڏپلاڻ جو ذڪر ڪندي هن چيو ته حڪومت تيراهه وادي مان ماڻهن کي ڪڍڻ بابت پکيڙيل ڪوڙي ۽ بي بنياد پروپيگنڊه جو سختي سان نوٽيس ورتو آهي. تيراهه وادي ۾ لڏپلاڻ کي پاڪ فوج سان جوڙڻ بلڪل بي بنياد ۽ غلط آهي وفاقي وزير چيو ته ڪي پي ڪي حڪومت جي رليف ۽ بحالي ڊپارٽمينٽ جو باقاعده نوٽيفڪيشن موجود آهي جنهن ۾ صوبائي حڪومت طرفان 4 ارب رپين جا فنڊ رضاڪارانه طور لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهن لاءِ رکيا ويا جنهن جو مقصد موسم جي شدت ۽ ٻين سببن کي نظر ۾ رکي ماڻهن کي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي هن چيو ته خيبر جي ڊپٽي ڪمشنر به ان حوالي سان وضاحت جاري ڪئي آهي ته جرڳو ٿيو آهي ۽ جيڪي ماڻهو موسم جي شدت کي نظر ۾ رکي رضاڪارانه طور وڃڻ چاهيو پئي، اها رقم انهن لاءِ رکي وئي آهي هن چيو ته انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز جو هڪ واضح ۽ منظم طريقيڪار هوندو آهي. جنهن ۾ عوام کي ڪنهن قسم جي ڏکيائي کي منهن نٿو ڏيڻو پئجي ان جي برعڪس اهو چوڻ ته فوج علائقي کي خالي ڪرائي رهي آهي غلط ۽ بي بنياد آهي. وفاقي وزير چيو ته سنڌ سماءِ واري وزارت ان حوالي سان باقاعده پريس ريليز ۽ سوشل ميڊيا تي بيان جاري ڪندي صورتحال جي وضاحت ڪئي ۽ حڪومت ان جو سختي سان نوٽيس ورتو ان معاملي کي فوج سان ڳنڍڻ سراسر غلط ۽ بي بنياد آهي جيڪڏهن اهڙي ڳالهه هجي ها ته ڪي پي ڪي حڪومت پاران رضاڪارانه طور لڏپلاڻ ڪندڙن لاءِ 4 ارب رپيا ڇو رکيا وڃن ها؟ هن چيو ته جڏهن موسمي شدت هوندي آهي ته هر سال اتان ماڻهو لڏپلاڻ شروع ڪندا آهن وفاقي وزير خيبر پختونخوا حڪومت کي مشورو ڏنو ته هو احتجاجي سياست ڪرڻ بدران عوامي مسئلن جي حل تي ڌيان ڏئي احتجاج جا سڏ ٻڌي ٻڌي عوام ٿڪجي پيو آهي ۽ ماڻهو هاڻي سهولتون امن امان ۽ بهتر زندگي جو معيار چاهين ٿا هن چيو ته صوبائي حڪومت سيف سٽي منصوبو، سي ٽي ڊي فورس، فارنزڪ ليبز جي قيام، دهشتگردي جي خاتمي سميت صحت، سماجي شعبي جي بهتري لاءِ وسيلا ڪتب آڻي هن چيو ته ڪي پي ڪي جو باشعور عوام ان ڳالهه جو حقدار آهي ته کين اهو معيار زندگي ميسر ٿئي جيڪو ملڪ جي ٻين صوبن ۾ موجود آهي. وفاقي وزير چيو ته ايندڙ چونڊن ۾ فيصلو احتجاج جي بنياد تي نه پر عوامي خدمت جي بنياد تي ٿيندو ان لاءِ عوام جي خدمت کي ترجيح ڏني وڃي

بقايا 32 ورتو

ورلڊڪپ جي حوالي سان پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي موقف تي رانديگرن کي اعتماد ۾ ورتو رانديگرن محسن نقوي جي اصولي موقف کي ساراهيندي ان جي مڪمل حمايت جو اظهار ڪيو ان موقعي تي محسن نقوي پاڪ آسٽريليا ٽي ٽوئنٽي سيريز جي حوالي سان قومي ٽيم لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو هن چيو ته ڀارت ۾ شيڊول ٽي ٽوئنٽي ورلڊڪپ نه کيڏڻ جي حوالي سان بنگلاديش ڪرڪيٽ بورڊ جو موقف اصولن تي ٻڌل آهي ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ آءِ سي سي جي ٻٽي معيار کي رد ڪري ٿو محسن نقوي چيو ته پي سي بي ڪرڪيٽ جي سونهري اصولن کي نظر ۾ رکندي بنگلاديش جي حمايت ڪئي آهي ۽ پاڪستان حڪومت جيڪو به فيصلو ڪندي، ان تي جيئن جو تيئن عمل ڪيو ويندو پي سي بي چيئرمين وڌيڪ چيو ته سياست جي ور چڙهيل ڪرڪيٽ ڪنهن جي به مفاد ۾ ناهي ۽ سڀني کي ڪرڪيٽ جي اصولن موجب هلڻ گهرجي هن چيو ته اسان جا رانديگر باصلاحيت آهن ۽ هر لحاظ کان مقابلو ڪرڻ چاهين ٿا، جڏهن ته ڪنهن به ميدان ۾ ڪاميابي ٽيم ورڪ سان ٿيندي آهي. هن چيو ته ڪرڪيٽ جي شوقينن جون نظرون پاڪ آسٽريليا سيريز تي آهن ۽ هو قومي ٽيم مان بهتري ڪارڪردگي جي اميد رکن ٿا.

بقايا 33 نماز ادا

چوڌري عبدالستار مرحوم جي گهرواري، پنجاب بار ڪائونسل جي ميمبر چوڌري رضا سبحاني جي والده ۽ پنجاب لينڊ رڪارڊ اٿارٽي جي چيئرمين چوڌري طارق سبحاني جي چاچي هئي جنازي نماز ۾ مختلف سياسي، سماجي ۽ قانوني شخصيتن ڪانسواءِ قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن سميت هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ مرحوم جي درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي شرڪت ڪندڙ پوئينرن سان تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ الله تعاليٰ مرحوم جي مغفرت فرمائي کين جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطافرمائي ۽ سوڳوار خاندان کي صبر جميل ڏئي

بقايا 34 تعزيت جو اظهار

اورڪزئي جي رهائش گاهه وئي هن نگهت اورڪزئي جي مڙس جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ فاتحه خواني ڪئي هن مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ دعا ڪئي ۽ سوڳوار ڪٽنب سان همدردي ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪيو هن چيو ته پارٽي ان ڏک جي گهڙي ۾ نگهت اورڪزئي جي گهرڀاتين جي غم ۾ برابر جي شريڪ آهي

بقايا 35 بحال ڪيو ويو

کي ڪاميابي سان انجام ڏنو پاڪ فوج برفباري دوران جنڊروٽ ۽ پير نصوره ۾ ريسڪيو ۽ رليف آپريشن ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪوٽلي کان نڪيال روڊ کي ٽريفڪ لاءِ مڪمل طور تي کولي ڇڏيو آهي. پاڪ فوج متاثر ماڻهن کي خوراڪ ۽ ٻيو امدادي سامان فراهم ڪيو پير نصوره ۾ ڪيترن خاندانن کي بچايو ويو ۽ ضروري امداد ڏني وئي فوج شديد برفباري سبب ڦاٿل ڪيترين گاڏين کي پيٽرول به فراهم ڪيو پاڪ فوج جي بروقت ۽ پيشيوارانه جواب سبب علائقي ۾ اهم زميني مواصلاتي رابطا بحال ٿيا آهن. شديد موسمي حالتن باوجود پاڪ فوج عوام جي خدمت ۽ معمولات زندگي جي بحالي کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي

بقايا 36 ناصر شاهه

طور تي سنڌ ۾ جديد ۽ پائيدار ريئل اسٽيٽ ايڪو سسٽم جي قيام ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هو ايڪسپو سينٽر ڪراچي ۾ منعقد ٿيل ڇهين پروپ ٽيڪ ڪنوينشن کي خطاب ڪري رهيو هو صوبائي وزير چيو ته سنڌ حڪومت غير قانوني تعميرن خلاف زيرو ٽالرينس پاليسي تي سختي سان عمل ڪري رهي آهي ۽ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ عنصرن خلاف بغير ڪنهن امتياز جي ڪارروائيون جاري آهن جيئن شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي ناصر حسين شاهه چيو ته ريئل اسٽيٽ شعبي ۾ ٽيڪسيشن نظام دستاويزي عمل ۽ ڪمپلائنس کي جديد بنيادن تي استوار ڪيو پيو وڃي جنهن سان شفافيت ۾ واڌ ٿيندي ۽ سيڙپڪارن جو اعتماد وڌيڪ مضبوط ٿيندو هن چيو ته رهائشي ۽ ڪمرشل منصوبن ۾ معيار اعتماد ۽ ڊگهي مدي واري ويليو کي بنيادي اصول بڻايو پيو وڃي ڇاڪاڻ ته پائيدار شهري ترقي سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي صوبائي وزير زور ڏنو ته ڪراچي جهڙي ميگا سٽي ۾ مربوط شهري منصوبابندي لاءِ حڪومت، بلڊرز ڊولپرز ۽ ريئل اسٽيٽ شعبي وچ ۾ مضبوط ڀائيواري انتهائي ضروري آهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت ريگيوليٽري سڌارن سان گڏوگڏ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل ريئل اسٽيٽ سسٽم ڊجيٽل رڪارڊ، شفاف مانيٽرنگ ۽ آن لائين منظوري نظام جي فروغ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي ناصر حسين شاهه چيو ته پروپ ٽيڪ ڪنوينشن جهڙا فورم نه صرف نون سيڙپڪاري موقعن کي جنم ڏئي رهيا آهن پر روزگار جا امڪان وڌائڻ ۽ بين الاقوامي سيڙپڪارن کي متوجه ڪرڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن جيڪا قومي معيشت لاءِ مثبت اڳڀرائي آهي

بقايا 37 تعزيت

سندس ماءُ ٻارن ۽ خاندان سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو سنڌ جي گورنر سوڳوار خاندان سان ڏک ۾ شريڪ ٿيندي شهيد جي درجات جي بلندي ۽ خاندان لاءِ صبر جي دعا ڪئي سنڌ جي گورنر اعلان ڪيو ته شهيد محمد آفتاب جي ٻارن جي سموري تعليمي خرچ جي ذميواري پاڻ کڻندو جڏهن ته گل پلازا سانحي ۾ شهيد ٿيندڙن جي سوڳوار خاندانن لاءِ پلاٽ ۽ گهريلو خرچن جي ذميواري به پاڻ کڻندو سنڌ جي گورنر چيو ته افسوس جي ڳالهه آهي ته ست ڏينهن گذرڻ باوجود ڪجهه لاش وارثن جي حوالي نه ٿي سگهيا آهن ۽ ادارا ڊي اين اي ۽ ڊيٿ سرٽيفڪيٽ جي نالي تي سوڳوار خاندانن کي ذليل ڪري رهيا آهن جيڪو انتهائي مذمت جوڳو آهي هن چيو ته گل پلازا سانحي ۾ 90 ماڻهو فوت ٿيا ۽ هن سانحي جي ذميوارن جو هر صورت ۾ احتساب ٿيڻ گهرجي سنڌ جي گورنر واضح ڪيو ته ظلم خلاف آواز اٿارڻ وارن کي سياست جو نشانو نه بڻايو وڃي سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کان مطالبو ڪيو ته گل پلازه سانحي جي شفاف جاچ لاءِ عدالتي ڪميشن قائم ڪئي وڃي ته جيئن ذميوارن جي سڃاڻپ ٿي سگهي

بقايا 38 ساراهه

ملڪ مان هر قسم جي دهشتگردي کي ختم ڪيو ويندو سيڪيورٽي فورسز امن ۽ امان بحال ڪرڻ لاءِ بي شمار قربانيون ڏنيون آهن قوم پنهنجي بهادر فوج تي هميشه فخر ڪندي سڄي قوم پنهنجي بهادر افواج جي شانه بشانه گڏ بيٺل آهي

بقايا 39 معائنو

تفصيلي معائنو ڪيو جيڪو صوبائي حڪومت جي معيار، شفافيت ۽ عوامي انفراسٽرڪچر اسڪيمن جي وقت سر مڪمل ٿيڻ جي عزم جي ورجائي ٿو ڊائريڪٽر جنرل (ايم اي سي) الطاف حسين ساريو جي اڳواڻي ۾ ٽيم ۾ انجنيئر اورنگزيب وسترو (آر ايم اي او ڪراچي) ۽ انجنيئر عمران ميمڻ پڻ موجود هئا ڪئي مانيٽرنگ ٽيم انجنيئر جنيد صديقي (ڊي پي ڊي، ميگا پراجيڪٽ - ڪي ڊي اي)، انجنيئر ڪامران (اي اي آءِ، ميگا پراجيڪٽ) ۽ انجنيئر منهاج الدين ناصري تي مشتمل ٽيم سان گڏ، تعميراتي ترقي ۽ ڪم جي معيار جو جائزو ورتو پائيدار ميٽيريل جي جانچ لاءِ شمٽ هيومر ذريعي نان ڊسٽرڪٽو ٽيسٽنگ (NDT)سميت ڪوالٽي جي معيار جي به جانچ ڪئي وئي پل جي ڊيگهه ويڪر وچ وارو حصو ۽ فٽ پاٿ سميت مجموعي ماپ 14 ڪلوميٽر آهي. ايم اي سي جي رپورٽ موجب منصوبي تي 96 سيڪڙو فزيڪل اڳڀرائي مڪمل ٿي چڪي آهي، جڏهن ته 78 سيڪڙو مالي خرچ استعمال ڪيا ويا آهن. منصوبي جي تڪميل جي ٽائيم لائن جون 2026 کان اڳ جي آهي، جڏهن ته هي پل تقريبن مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ ايندڙ هفتن ۾ عوام جي استعمال لاءِ کوليو ويندو جڏهن ته ٻين معمولي نوعيت جي ڪمن کي ڪن هفتن اندر مڪمل ڪيو ويندو. صلاحڪارن نگراني ٽيم کي هڪ تفصيلي ڊيزائن ۽ ٽيسٽنگ سسٽم پيش ڪيو ڪم مجموعي طور تي اطمينان بخش آهي جڏهن ته MEC ٽيم ڪجهه معمولي مسئلن کي اجاگر ڪيو ۽ لاڳو ڪندڙ اداري کي هدايت ڪئي ته اهي خاميون فوري طور تي دور ڪن. انهن ۾ بندن جي حفاظت لاءِ پٿرن کي پرڻ فرش جي نشانن کي بهتر بڻائڻ [illegible] تي اسڪالت جي انڊوليشن کي بهتر بڻائڻ انجنيئرنگ جي ماهريت ۽ حفاظت جي بهتري لاءِ نشانين جي مڪمل ٿيڻ شامل آهن سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه زور ڏنو ته عوامي ڀلائي جي منصوبن ۾ معيار تي ڪو به سمجهوتو برداشت نه ڪيو ويندو ۽ سڀني ٽيسٽ بين الاقوامي معيارن جي مطابق ڪيا وڃن هن بيهر ورجايو ته ڪورنگي ڪاز وي پل ڪراچي جي اهم منصوبن مان هڪ آهي ۽ شهري رابطن ۽ شهرين جي آمدورفت ۾ اهم بهتري آڻيندو وڏي وزير وڌيڪ زور ڏنو ته انجنيئرنگ جي ماهريت عوامي حفاظت، ۽ بروقت مڪمل ٿيڻ اولين ترجيحون آهن. مراد علي شاهه چيو ته ترقياتي منصوبن ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت قبول ناهي.

بقايا 40 ادا

ڪئي وئي سانحي گل پلازا ۾ جان بحق ٿيندڙ دهلي ڪالوني جي رهواسي هڪ ئي خاندان جي ڇهن مان چار ڄڻن جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنازي نماز دهلي ڪالوني عيدگاهه گرائونڊ ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي افسوسناڪ باهه واري واقعي ۾ محمد سعد، مصباح پروين، مريم ۽ نميره جي سڃاڻپ ڊي اين اي ٽيسٽ ذريعي ٿي هئي جڏهن ته ڪوثر پروين ۽ اشرف علي جي لاشن جي سڃاڻپ اڃا تائين نه ٿي سگهي آهي.

بقايا 41 ٿي ويو

گل پلازا سانحي ۾ ملبي مان انساني باقيات ڪڍڻ جو عمل جاري آهي اڄ ڊي اين اي جي مدد سان هڪ ٻي لاش جي سڃاڻپ ڪئي وئي شناختي منصوبي سي پي ايل سي جي انچارج عامر حسن موجب، سڃاڻپ ٿيل لاش عبدالحسيب نالي هڪ شخص جي آهي هاڻي تائين 23 لاشن جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي جن مان 16 لاشن جي ڊي اين اي ذريعي سڃاڻپ ڪئي وئي، جنهن کان پوءِ فوتين جو تعداد 73 ٿي ويو آهي عامر حسن موجب ڇنڇر ۽ آچر جي وچ واري رات ٻن ماڻهن جا باقيات مليا. ان دوران گل پلازا ۾ باهه لڳڻ ۾ فوت ٿيندڙ هڪ ئي خاندان جي 4 ماڻهن جي جنازي نماز دهلي ڪالوني عيدگاهه گرائونڊ ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ مائٽن سميت وڏي تعداد ۾ شهري شرڪت ڪئي ايم ڪيو ايم اڳواڻ فاروق ستار منير ظفر نجمي عالم ۽ ٻين اڳواڻن جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي ايڌي عملدارن موجب فوت ٿيندڙن ۾ چار ڀينرون ۽ هڪ ڀاءُ شامل آهن دهلي ڪالوني جي هڪ خاندان جا ڇهه ماڻهو مارجي ويا. متاثر خاندان جي ٻن ميمبرن جن ۾ عورت به شامل آهي جي سڃاڻپ اڃا تائين نه ٿي سگهي آهي متاثر خاندان شاپنگ لاءِ گل پلازا ويو هو اهڙي طرح گل پلازا سانحي ۾ شهيد محمد شيث جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنازي نماز شهيد محمد شيث جي والد جي امامت ۾ ادا ڪئي وئي، جيڪا گارڊن ڪشتي ولي مسجد ۾ ادا ڪئي وئي بعد ۾، شيث کي گارڊن جي مقامي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو گل پلازا سانحي جي جاچ لاءِ لاهور کان هڪ ٽيڪنيڪل ٽيم گل پلازا پهتي ۽ مختلف هنڌن جو معائنو ڪيو ويو ٽيم ۾ لاهور کان هڪ فارنزڪ ٽيم پڻ شامل آهي، جنهن جو پوليس ۽ ضلعي انتظاميا مختلف هنڌن تي معائنو ڪيو اربن سرچ آپريشن ٽيم مختلف هنڌن کي نشان لڳايو آهي اربن سرچ ٽيم موجب جتي ڳولا جو عمل مڪمل ٿي رهيو آهي اتي نشان لڳايو پيو وڃي. گل پلازا ۾ مختلف هنڌن تي ايڇ نشان لڳايو ويو آهي ايڇ نشان جو مطلب آهي خطري عمارت جي ڪنڊ جو خطرو آهي ريسڪيو 1122 ۽ اربن سرچ اينڊ ريسڪيو ٽيمون اڃا تائين متاثر عمارت جي ملبي ۾ انساني باقيات جي ڳولا ۾ مصروف آهن

بقايا 42 رد

برفباري ۽ مينهن جي ڪري 20 ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهن جي متاثر ٿيڻ جو امڪان آهي ٽيڪساس، اوڪلاهوما، آرڪنساس ۾ سخت برفباري ٿي، جنهن کان پوءِ 18 رياستن ۾ هنگامي حالت جو اعلان ڪيو ويو واشنگٽن، نيويارڪ، فلاڊيلفيا ۽ بوسٽن ۾ سخت برفباري جو امڪان آهي نيويارڪ جي ميئر شهرين کي گهرن ۾ رهڻ جي هدايت ڪئي آهي 9 رياستن ۾ نيشنل گارڊ کي چالو ڪيو ويو آهي تيز برفباري جي ڪري آمريڪا ۾ 10 هزار کان وڌيڪ پروازون منسوخ ڪيون ويون آهن جڏهن ته 84 هزار کان وڌيڪ صارف بجلي کان محروم آهن آمريڪي صدر چيو ته هو شهرين جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ رياستي ادارن سان گڏ ڪم ڪندو ۽ طوفان کان متاثر ٿيندڙ سڀني رياستن سان مسلسل رابطي ۾ آهي

بقايا 43 عزير

ڪراچي سنڌ واپاري يونين جي چيئرمين شيخ حبيب جي ميزباني ۾ هڪ خانگي هوٽل ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ڪراچي جي سڀني واپاري اڳواڻن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو ويو اجلاس جي صدارت سينٽرل آرگنائيزيشن آف ٽريڊرز آف پاڪستان جي صدر ڪاشف چوڌري ڪئي اجلاس ۾ سينٽرل آرگنائيزيشن آف ٽريڊرز آف پاڪستان جي جنرل سيڪريٽري سيد عبدالقيوم آغا، سينيئر وائيس چيئرمين شيخ حبيب، عتيق مير، عبدالله شر، حڪيم شاهه، حماد پوناوالا، عبدالرئوف ابراهيم، آصف گلفام، راڻا محمد اڪرم، جاويد شمس، شاڪر فينسي، قيس منصور شيخ، اسماعيل محمد قاري، اسماعيل قريشي، اسلم قريشي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. عبدالرحمان خان، ڪامران ميمڻ، نعمان شمسي، محمد احسان گجي، اشرف ڪوڪي، فرخ شهزاد، سيد حامد علي، معراج رسول، نويد رفيق، نفيس رفيق ۽ ٻين واپاري اڳواڻن شرڪت ڪئي. جلاس ۾ سڀني شرڪت ڪندڙن فوت ٿيلن جي خاندانن سان دلي همدردي جو اظهار ڪيو ۽ متاثر واپارين جي فوري ۽ مڪمل بحالي تي زور ڏنو شرڪت ڪندڙن اهو عزم ظاهر ڪيو ته متاثرين کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو ۽ انهن جي نقصان جي تلافي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا. پاڪستان جي واپارين جي مرڪزي تنظيم جي صدر ڪاشف چوڌري اعلان ڪيو ته متاثر ٿيل دڪانن جي تعمير نو امدادي سرگرمين ۽ بحالي جي سڀني معاملن لاءِ هڪ خاص ڪميٽي ٺاهي ويندي، جيڪا انهن قدمن جي نگراني ڪندي ۽ انهن کي جلد کان جلد مڪمل ڪندي هن رياستي ادارن جي ڪارڪردگي تي سخت ڇنڊڇاڻ جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته جيڪڏهن بروقت قدم کنيا وڃن ها ته قيمتي جانيون بچي سگهن ها. اجلاس ۾ عبدالرئوف ابراهيم، راڻا محمد اڪرم ۽ ٻين واپاري اڳواڻن مطالبو ڪيو ته چيف آف آرمي اسٽاف جنرل سيد عاصم منير گل پلازه سانحي جو نوٽيس وٺي ۽ مداخلت ڪري، جڏهن ته حڪيم شاهه واقعي تي ڪراچي جي ميئر جي استعيفيٰ جو مطالبو ڪيو. ڪراچي جي سنڌ واپاري اتحاد جي چيئرمين شيخ حبيب پنهنجي خطاب ۾ چيو ته گل پلازا سانحي شهر ۾ باهه جي حفاظت ۽ عمارت جي قانونن جي سنگين ڪمزورين کي ظاهر ڪيو آهي هن مطالبو ڪيو ته ذميوار ادارن ۽ فردن خلاف بي رحم ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ متاثرين کي فوري طور تي مالي مدد فراهم ڪئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته اهو وقت جي ضرورت آهي ته ڪراچي جي سڀني ڪاروباري اڳواڻن کي هڪ پليٽ فارم تي آندو وڃي ته جيئن گڏيل جدوجهد ذريعي متاثرين جي حقن جو تحفظ ڪري سگهجي اجلاس کي خطاب ڪندي عتيق مير چيو ته اهو ٻڌي حيرت ٿي ته ڪراچي جهڙي وڏي شهر ۾ صرف 32 فائر اسٽيشن آهن جڏهن ته بين الاقوامي معيارن مطابق هر هڪ لک آبادي لاءِ هڪ فائر اسٽيشن هجڻ گهرجي هن چيو ته گذريل 17 سالن ۾ سنڌ حڪومت هڪ به نئون فائر ٽينڊر نه خريد ڪيو آهي جيتوڻيڪ ڪجهه ڪاروباري ماڻهو به هن لاپرواهي جا ذميوار آهن پر ان جو مطلب اهو ناهي ته حڪومت پنهنجي ذميواري کان آزاد آهي هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سنڌ حڪومت فوري طور تي فائر برگيڊ سسٽم کي بهتر نه بڻايو ته ڪاروباري برادري سڀني ٽيڪسن جو بائيڪاٽ ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندي آخر ۾، شرڪت ڪندڙن اهو عزم ظاهر ڪيو ته گل پلازا سانحي جي ذميوارن کي بي نقاب ڪيو ويندو ۽ متاثرين جي حقن لاءِ هر فورم تي سخت جدوجهد جاري رهندي

بقايا 44 تعزيت

اظهار ڪيو ان موقعي تي وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ مرحوم جي مغفرت ۽ سندن درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي عطاءُ الله تارڙ چيو ته والد جو لاڏاڻو خاندان لاءِ هڪ ناقابل تلافي نقصان آهي، والد جو لاڏاڻو هڪ اهڙو خال آهي جنهن کي ڪو ٻيو رشتو يا وسيلو پُري نٿو سگهي هن چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ سوڳوار خاندان جي غم ۾ برابر جا شريڪ آهيون هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام ۽ پوئينرن کي صبر عطا فرمائي

بقايا 45 مراد علي شاهه

ڪئي. شروعاتي طور تي 2,368 عمارتن جو معائنو ڪيو ويندو جن جي مڪمل ٿيڻ لاءِ سخت وقت مقرر ڪيو ويندو انهي سان گڏ عوامي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ واضح حڪم ڏنا ويندا خلاف ورزي جي صورت ۾ سخت ڪارروائي ڪئي ويندي سنڌ جي وڏي وزير صوبي جي اهم سرڪاري، غير سرڪاري ۽ ڪمرشل عمارتن جي جامع فائر سيفٽي آڊٽ جي منظوري ڏني ان قدم جو مقصد حفاظتي پروٽوڪول کي اداري طور تي قائم ڪرڻ ۽ عوامي جان ۽ مال جي بهتر حفاظت ڪرڻ آهي. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ ناصر حسين شاهه، صلاحڪار گيان چند اسراڻي، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير سنڌ جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ وسيم شمشاد، ايڊيشنل آءِ جي ذوالفقار لاڙڪ، سيڪريٽري بحالي نثار ميمڻ، ڊي جي ايس بي سي اي مزمل هاليپوٽو، ڊي جي پي اينڊ ڊي الطاف ساريو، ڊي جي پي ڊي ايم اي سلمان شاهه، چيف فائر آفيسر ۽ ٻيا اعليٰ عملدار شرڪت ڪئي سنڌ جي وڏي وزير اجلاس ۾ زور ڏنو ته سڀني اهم ۽ وڏين عمارتن جو مڪمل آڊٽ هاڻي اختياري نه هوندو هن چيو ته سڀني ڪمرشل، خانگي ۽ سرڪاري عمارتن کي جديد فائر پروٽيڪشن سسٽم سان ليس ڪيو وڃي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته عمارتن ۾ واضح نشانيون هجڻ گهرجن ۽ داخلا ۽ نڪرڻ جا رستا به رڪاوٽ کان خالي هجن هن وڌيڪ چيو ته ان جو مقصد ضلعي ۽ تعلقي جي سطح تي هنگامي تيارين کي مضبوط بڻائڻ آهي ته جيئن غير متوقع واقعن کي موثر طريقي سان منهن ڏئي سگهجي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته مختلف رپورٽن ۽ معائنن ذريعي، حڪومت صوبي ۾ شروعاتي آڊٽ مرحلي لاءِ ڪل 2,368 عمارتن جي سڃاڻپ ڪئي آهي شروعاتي آڊٽ ۾ سڃاڻپ ڪيل 2,368 عمارتن جي تفصيل هن ريت آهن سکر ۾ 898، ڪراچي ۾ 562، حيدرآباد ۾ 540، شهيد بينظير آباد ۾ 171، لاڙڪاڻي ۾ 143 ۽ ميرپورخاص ۾ 54 عمارتون وڏي وزير ٽن مرحلن تي عملدرآمد جي منصوبي جي منظوري ڏني جنهن ۾ تعميل لاءِ هڪ مرحليوار ٽائيم لائن شامل آهي فائر الارم پينل پورٽيبل سامان ۽ ايمرجنسي سگنلز جو معائنو فوري قدمن جي طور تي ڪيو ويندو اسموڪ ڊيٽيڪٽرز، سينٽرل الارم سسٽم ۽ هائيڊرنٽس جي انسٽاليشن ۽ آپريشنلائيزيشن کي يقيني بڻايو ويندو جڏهن ته بهتر بجلي جي وائرنگ ۽ خودڪار فائر سپريشن سسٽم جي انسٽاليشن پڻ ضروري آهي مراد علي شاهه چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته ايس بي سي اي ۽ پي ڊي ايم اي ٽيمون اهم ۽ وڏين عمارتن جي انتظام سان ملن ۽ انهن کي فوري، مختصر مدت، وچولي مدت ۽ ڊگهي مدت جي فائر سيفٽي قدمن جي عملدرآمد لاءِ هڪ مخصوص وقت جو فريم ڏنو وڃي عدم تعميل جي صورت ۾ سخت ڪارروائي ڪئي ويندي مراد علي شاهه اهو به هدايت ڪئي ته منظور ٿيل بيسمينٽ ۽ ميزانائن صرف پارڪنگ لاءِ استعمال ڪيا ويندا ۽ دڪانن گودامن يا ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ نه سنڌ جي وڏي وزير ڪمرشل عمارتن جي سالياني حفاظتي معائني کي بيهر شروع ڪرڻ جي به منظوري ڏني جيڪا سال اڳ بند ڪئي وئي هئي هن چيو ته بجلي ۽ ٻين سهولتن سميت ايمرجنسي ايگزٽ ۽ انٽري پوائنٽس وغيره کي معائني ذريعي يقيني بڻايو ويندو وڏي وزير سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) ۽ پي ڊي ايم اي کي هدايت ڪئي ته غير تعميل عمارتن کي سخت نوٽيس جاري ڪيا وڃن سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ڪنهن به حالت ۾ حفاظتي معيارن تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

واشنگٽن ۾ پاڪستاني سفارتڪاري: عالمي سياست ۾ نئون اعتماد

صفحو 4

ستو حسن علي پيرزادو

ٻاھ، لاش ۽ سياست جي وچ ۾ قاتل شهر ڪراچي!

صفحو 4

گُل پلازه واقعو: سياست بدران غلطين جو اعتراف ڪيو وڃي!

ايڊووڪيٽ عبدالله چنڙ

صفحو 4

محمود شاھ

پهريان لاش ۽ تباهي، هاڻي امن

صفحو 4

ٽنڊوڄام ۾ ٽين چيف آف آرمي اسٽاف انٽر ڪلب هاڪي چيمپيئن شپ سميع عابد ڪلب کٽي ورتي

اڄوڪي فائنل ميچ ڏسي اندازو ٿيو آهي ته ٽنڊوڄام ۾ هاڪي جو معيار تمام اعليٰ آهي:راول شرجيل

ٽنڊوڄام جي هاڪي جي رانديگرن جي سهوليت لاءِ ٽنڊوڄام ۾ معياري آسٽروٽرف گرائونڊ جي تعمير ڪيو

جلد اسپورٽس ڪمپليڪس پڻ تعمير ڪيو ويندو، ضلعي هاڪي ايسوسيئيشن جو صدر رائو ظفر سعيد مبارڪباد جو مستحق آهي

ٽنڊوڄام (ٽ ر) ٽنڊوڄام ۾ جاري ٽين چيف آف آرمي اسٽاف انٽر ڪلب هاڪي چيمپيئن شپ سميع عابد هاڪي ڪلب کٽي ورتي پ پ اڳواڻ راول شرجيل ميمڻ ٽيمن ۾ انعام ورهايا. راول شرجيل پاران ٽنڊوڄام ۾ اسپورٽس ڪمپليڪس تعمير ڪرڻ جو اعلان خبر موجب ٽنڊوڄام ۾ جاري ٽين چيف آف آرمي اسٽاف ڊسٽرڪٽ حيدرآباد انٽر ڪلب هاڪي چيمپيئن شپ جو فائينل سميع عابد هاڪي ڪلب ۽ نواب حميد الله هاڪي ڪلب وچ ۾ کيڏيو ويو جنهن ۾ سميع عابد ڪلب 0-1 تان ڪاميابي حاصل ڪري چيمپيئن شپ پنهنجي نالي ڪري ورتي انهي موقعي تي پيپلز پارٽي اڳواڻ راول شرجيل ميمڻ ڪي ايم سي ٽنڊوڄام جي چيئرمين حاجي بدر احمد ميمڻ ۽ ٻين ونر ۽ رنر ٽيم ۾ انعام ورهايا. انهي موقعي تي راول شرجيل خطاب ڪندي چيو ته اڄوڪي فائنل ميچ ڏسي اندازو ٿيو آهي ته ٽنڊوڄام ۾ هاڪي جو معيار تمام اعليٰ آهي. ٽنڊوڄام جي هاڪي جي رانديگرن جي سهوليت لاءِ ٽنڊوڄام ۾ معياري آسٽروٽرف گرائونڊ جي تعمير ڪيو پيو وڃي ٽنڊوڄام ۾ جلد اسپورٽس ڪمپليڪس پڻ تعمير ڪيو ويندو هن چيو ته ضلعي هاڪي ايسوسيئيشن جو صدر رائو ظفر سعيد ۽ ان جي ٽيم مبارڪباد جي مستحق آهي جيڪا قومي راند هاڪي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي فائينل تقريب ۾ زرعي يونيورسٽي جو اسپورٽس ڊائريڪٽر انوار خانزادو، ڪي ايم سي وائيس چيئرمين سيد شفقت شاھ جنيد اقبال اختر خانزادو، واپاري اڳواڻ ممتاز راجپوت، پ پ اڳواڻ شريف قريشي، عمران رشيد، سينيئر صحافي علي محمد جمالي، اورنگزيب پلو، اختر رضا آرائين ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. فاتح ٽيم نيشنل چيمپيئنشپ ۾ حيدرآباد جي نمائندگي ڪندي

ٽنڊوڄام: راول شرجيل فاتح ٽيمن ۾ ٽرافيون ورهائي رهيو آهي

مسو ڀرڳڙي پرسان حضرت امام حسينؑ جي يوم ولادت باسعادت عقيدت سان ملهائي وئي

مسو ڀرڳڙي (ن ع) مسو ڀرڳڙي لڳ رسول خدا جي پياري ڏوهٽي حضرت امام حسين عليه السلام جو 1439 يوم ولادت باسعادت عقيدت ۽ احترام سان ڳوٺ نور خان چانگ جي قديمي امام بارگاه الحسيني ۾ ملهايو ويو. ان موقعي تي خطاب ڪندي علامه سيد جبران حيدر زيدي ۽ چيو ته زنده قومون پنهنجي هيروز کي ياد ڪنديون آهن امام حسين عليه السلام اسان جا رهبر ۽ امام آهن مولا حسين جو چوڏنهن سو اوڻيتاليهون جنم ڏينهن مومنن کي مبارڪ هجي ان موقعي تي منقبت محترم محمد جواد جعفري صاحب جن پڙهي ان موقعي تي متولي سيد محمد علي شاھ چيو ته اسان شڪرگذار آهيون سيد محمد علي شاھ، سيد ذوالفقار علي شاھ، سيد محسن علي شاھ، سيد تقي شاھ، سيد مهر علي شاھ، سيد جمن شاھ جن جا جنهن سالانه جشن ملهايو. ان موقعي تي زوار نثار علي، علي بخش ڪلهوڙو، زوار نور حسين، زوار ذاڪر حسين، زوار محمد علي، سفر جرار، منظار علي، زوار حسن علي بلاول، ساجد چانگ، شهباز، ذيشان، زوار مولا بخش، زوار عرفان مولوي سهيل ڪيريو جن قصيده خواني ڪئي. جشن جي آخر ۾ امام حسين عليه السلام جي ولادت جي سلسلي ۾ ڪيڪ ڪٽيو ويو ۽ نياز حسين جو اهتمام ڪيو ويو

سڪرنڊ ۾ مزاحمتي ڪردار ڪامل ولي حيدر شاھ سنائي جو 511 هون ساليانو عرس مبارڪ عقيدت سان ملهايو ويو

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ جي روحاني بزرگ، مزاحمتي ڪردار، سماج سڌارڪ ۽ حق گو ڪامل ولي حيدر شاھ سنائي جو 511 هون ساليانو عرس مبارڪ سندس آخري آرامگاه تي مذهبي ريتن رسمن تحت ملهايو ويو جنهن جو افتتاح درگاھ جي سجاده نشين سيد بدرالزمان شاھ پاران مزار تي چادر چاڙهي ڪيو ويو ساڻس علائقي جو معتبر شخصيتون پڻ ساڻ هيون

ميهڙ: قلندر جي درگاھ تي شهيدن جي ياد ۾ منعقد تقريب ۾ شرڪت لاءِ قافلو

شيعه علماءِ ڪائونسل ميهڙ جي اڳواڻي ۾ سوين مومنين 20 گاڏين جي قافلي سان روانا

شهيدن جي ورسي ۾ شرڪت ڪري اهو ثابت ڪنداسين ته شهيد ڪڏهن وساريا نه ويندا: اڳواڻ

ميهڙ(ن ع) 9 سال اڳ 16 فيبروري 2017 ۾ قلندر لعل شهباز رح جي روضي تي دهشتگردن پاران ٿيل بم ڌماڪي ۾ شهيدن ٿيلن جي ياد ۾ درگاھ جي گولڊن گيٽ تي منعقد ٿيل مڪ تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ شيعه علماءِ ڪائونسل ميهڙ پاران علامه مشتاق احمد چانڊيو، مختيار سنڌي، سيد آصف علي شاھ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ علمدار چونڪ ميهڙ مان 20 گاڏين تي مشتمل سوين مومنين جو قافلو روانو ٿي ويو تنظيمي اڳواڻن علامه مشتاق احمد چانڊيو، مختيار سنڌي، سيد آصف شاھ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته قائد ملت جعفريه پاڪستان سيد ساجد علي نقوي جي حڪم تي سيوهڻ جي شهيدن جي ورسي تقريب ۾ شرڪت لاءِ روانا ٿي رهيا آهيون سيوهڻ جي شهيدن جي ورسي ۾ شرڪت ڪري اهو ثبوت ڏينداسين ته اسان شهيدن کي ڪنهن به صورت ۾ وساري نه ٿا سگهون دهشتگرد هر دور ۾ پنهنجي مقصدن ۾ ناڪام رهيا آهن دهشتگردن جو ڪوبه مذهب ناهي هوندو

ميهڙ: قافلو قلندر جي درگاھ تي روانگي وقت بيٺل آهي

ميرپورخاص ۾ نوڪريون ڏيارڻ جي نالي تي ساڍا 6 ڪروڙ رپين جي فراڊ جو انڪشاف

حساس ادارن، سياسي ۽ پوليس عملدارن جا نالا استعمال ڪندڙ گروھ جو هڪ جوابدار گرفتار

گرفتار جوابدار مصطفيٰ گجر گرفتاري بعد جاچ دوران ساڍا 6 ڪروڙ رپيا شهرين کان حاصل ڪرڻ جو انڪشاف ڪيو

ايس ايس پي نوٽيس وٺندي ٽيم جوڙي ڇڏي، جاچ مڪمل ٿيڻ بعد ڪيس قانون موجب عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص ۾ شهرين کان حساس ادارن جو عملدار ۽ سياسي ماڻهن سميت پوليس جي اعلا عملدارن جي نالي ۾ نوڪريون ڏيارڻ ۽ گرفتار ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ سميت مختلف ھرين سان هراسان ڪري شهرين کان تقريبن ساڍا 6 ڪروڙ روپيا حاصل ڪندڙ گروھ جي هڪ ڇڙي ھمايون مصطفا گجر جي گرفتاري بعد جاچ دوران وڏا انڪشاف ڪندي ساڍا 6 ڪروڙ روپيا شهرين کان حاصل ڪرڻ جو انڪشاف ڪيو آهي جڏهن ته شروعاتي جاچ دوران هن هڪ منظم گروھ جو انڪشاف ڪيو آهي، جنهن تي ايس ايس پي سمير نور چنا نوٽيس وٺندي ٿاڻون ٿاڻي تي داخل ٿيل ڪيس جي جاچ کي وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ خاص جاچ ٽيم جوڙي ڇڏي آهي. جاري ڪيل ليٽر موجب ڊي ايس پي سنڌڙي عامر صديق پلي جي سربراهي ۾ ٽيم جوڙي وئي آهي. ٽيم ۾ انسپيڪٽر وجي ڪمار انسپيڪٽر ذيشان لاشاري ۽ ايس آءِ پي عبدالرشيد ميمبر طور شامل آهن ٽيم کي هدايت ڏني وئي آهي ته جوابدار کان صحيح نموني پڇا ڳاڇا ڪئي وڃي ۽ ڪيس جي مڪمل شفاف جاچ ڪري ڪنهن به ڪوٽ کي ختم ڪيو وڃي پوليس اختيارين موجب جاچ مڪمل ٿيڻ بعد ڪيس قانون موجب عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو جڏهن ته ٽيم کي روزانو جي بنياد تي جاچ جي اڳڀرائي رپورٽ سربراھ وسيلي ايس ايس پي آفيس کي جمع ڪرائڻ جي پڻ هدايت ڪئي وئي آهي، ٻئي طرف جاچ جو دائرو وسيع ٿيڻ تي فراڊ ڪندڙ گروھ جي ڪارندن ۾ ڏڪڻ مچل آهي جيڪي پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڪوشش ۾ رڌل آهن، جڏهن ته گرفتار جوابدار پاران ٻن ڇڙن عمران ۽ رضا جي نشاندهي ڪئي هئي جيڪي هن ساڻ فراڊن ۾ ملوث هئا، اهي ٻئي ڇڙا فرار ٿي ويا آهن، جيڪي سوشل ميڊيا تي پنهنجن حمايتين ذريعي خبرون هلندڙ صحافين ۽ ميڊيا جي ادارن ۽ پوليس خلاف مهم ب هلائي رهيا آهن ۽ ڪين تنقيد جو نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن .

ٽنڊوڄام پريس ڪلب جون چونڊون، اورنگزيب پلو صدر ۽ ناصر گدي جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا

ٽنڊوڄام (ٽ ر) ٽنڊوڄام پريس ڪلب جون ساليانو چونڊ اليڪشن ڪميٽي جي چيئرمين حامد گوهر جي نگراني هيٺ ٽنڊوڄام پريس ڪلب ۾ ٿي گذري جنهن ۾ اورنگزيب پلو صدر جنيد پلي نائب صدر ناصر حسن گدي جنرل سيڪريٽري، حاڪم زرداري جوائنٽ سيڪريٽري، واجد چانڊيو خزانچي ۽ منصف ڪاليرو آفيس سيڪريٽري طور چونڊيا ويا. پريس ڪلب جا سمورا عهديدار بنامقابلي چونڊجي ويا. جڏهن ته خادم لاکو کي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو چيئرمين چونڊيو ويو انهي موقعي تي چونڊجي آيل عهديدارن کي سينيئر صحافي علي محمد جمالي، اختر رضا، حامد گوهر عمران سوهو احسان جمالي، مستنصر علي، ڪريمداد ٿهيم پير بخش سمون، فراز شيخ علي غلام خاصخيلي ۽ ٻين ميمبرن پاران گلن جا هار ۽ اجرڪون پارائي مبارڪباد ڏني وئي ٻئي طرف مختلف سياسي سماجي اڳواڻن پاران پريس ڪلب جي نئين چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي

ٽنڊوڄام: پريس ڪلب جا نوان چونڊيل عهديدار

ٽنڊوالهيار پوليس جون منشيات خلاف ڪارروايون، وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ، 4 ڇڙا گرفتار

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ايس ايس پي سيد سليم شاھ جي حڪم تي ڊي ايس پي سٽي سڪندر سميجو ـ ايس ايڇ او اي سيڪشن اشفاق منگي پوليس جي وڏي نفري سان گڏ شهر جي منصور ڪالوني ـ طالب المولا ڪالوني ـ زرداري ڪالوني ـ بلوچ پاڙو ـ خانزاده ڪالوني سميت مختلف علائقن ۾ ڪارروائي ڪندي 2 سئو ڪلو خام مال ـ 12 سئو مين پڙيون ـ چرس ـ آئيس ۽ ٻي منشيات هٿ ڪري 4 ڇڙن کي گرفتار ڪري الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن انهي حوالي سان ڊي ايس پي سٽي سڪندر سميجو ـ ايس ايڇ او اي سيڪشن اشفاق منگي سان گڏ ميڊيا کي بريفنگ ڏيندي چيو ته ايس ايس پي سيد سليم شاھ جون سخت هدايتون آهن ڪنهن به صورت ۾ منشيات فروشن کي بخش نه ڪيو ويندو اڄ سموري ضلعي جي پوليس سان گڏ شهر جي مختلف هنڌن تي منشيات فروشن خلاف ڪارروايون ڪري 4 ڇڙن کي گرفتار ڪيو آهي

پرياسٽي تعلقي بار جون چونڊن ۾ ايڊووڪيٽ راڻا تنوير احمد 30 ووٽ کڻي ڪاميابي ماڻي

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي تعلقي بار جون چونڊن ۾ ساٿي لائرز پينل ۽ انڊيپينڊنٽ لائرز پينل ۾ مقابلو ٿيو جنهن ۾ ترتيبوار غير حتمي رزلٽ موجب تعلقي بار لاءِ صدر ايڊووڪيٽ راڻا تنوير احمد 30 ووٽ کڻي ڪامياب جڏهن ته ايڊووڪيٽ درياخان اڄڻ 29 ووٽ هارائي ويو ۽ جنرل سيڪريٽري تي ايڊووڪيٽ عابد علي راجپوت 31 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو

ڪڪڙ پرسان سرڪاري قيمتي لوھ چوري مامري اڳوڻي ايس ايڇ او ۽ اهلڪار تي ڪيس داخل

اڳوڻو ايس ايڇ او شاهنواز اوٺو ۽ موبائل ڊرائيور عنايت ٻبر تي ڪيس داخل ڪيو ويو

سرڪاري ملڪيت جي چوري واري معاملي تي علائقي ۾ ڳڻتي پيدا ٿي وئي

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ پرسان سرڪاري قيمتي لوھ چوري مامرو اڳوڻي ايس ايڇ او شاهنواز اوٺو ۽ اهلڪار عنايت ٻبر جي مٿان سرڪاري لوھ چوري ڪرڻ جو ڪيس داخل جڏهن ته جوابدار گرفتار نه ٿيا ڪڪڙ پرسان ايريگيشن کاتي جي ڪاري موري مان نڪتل سرڪاري لوھ ۽ لوهي پليٽن جي چوري واري معاملي ۾ اهم اڳڀرائي حاصل ٿي وئي اڳوڻي ايس ايڇ او ڪڪڙ شاهنواز اوٺو ۽ پوليس موبائل ڊرائيور عنايت ٻبر خلاف ڪڪڙ ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو ايريگيشن کاتي جي درخواست تي ڪيس نمبر 4/2026 داخل ڪيو ويو آهي. ڪيس ايريگيشن سب ڊويزن جوهي جي ايس ڊي او عاشق حسين چانڊيو جي درخواست تي ايريگيشن کاتي جي ملازم داروغو قمبر آرائين جي فرياد تي ايس ايڇ او ڪڪڙ مظهر حسين نائچ پاران داخل ڪيو فريادي ڪيس جي متن ۾ ڄاڻايو آهي ته مان ايريگيشن کاتي ۾ داروغو طور مقرر آهيان ۽ سندس ڊيوٽي ڪاري موري آر ڊي 77 تي آهي 3 سال اڳ مهابوڏ دوران ڪاري موري ڊهڻ کانپوءِ زرعي پاڻي جي ڪراسنگ لاءِ قيمتي پليٽون لڳايون ويون هيون اهو قيمتي سرڪاري قيمتي لوھ ۽ لوهي پليٽون اتي موجود هيون جن جي سار سنڀال ۽ حفاظت لاءِ ايريگيشن کاتي جي ذميواري سنڀال طور ڊيوٽي مقرر ٿيل هئي هن اهلڪارن تي الزام هڻندي چيو ته اڳوڻو ايس ايڇ او ڪڪڙ شاهنواز اوٺو ۽ پوليس اهلڪار موبائل ڊرائيور عنايت ٻبر ڪار ذريعي ڪاري موري تي پهچي ٽريڪٽر ٽرالي وسيلي زوردستي سرڪاري لوھ ۽ لوهي پليٽون کڻي ويا آهن واقعي جي اطلاع فوري طور تي اعليٰ اختيارين کي ڏنو

ٽنڊومحمدخان ۾ زليخان فائونڊيشن پاران مستحقن ۾ گرم ڪپڙا تقسيم

رضيا سهتو مختلف علائقن جي مستحقن ۾ ڪمبل، سوئيٽر، راشن ورهايو

ڪيترن علائقن ۾ رهندڙ مسڪين ماڻهون سخت سئي پوڻ ڪري پريشان آهن:رضيا سهتو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ سخت سئي پوڻ ڪري ڪري ضلعي اندر ڪيترن ئي ڪچن گهڻ جڳهين ۽ ميداني علائقن ۾ رهندڙ جنهن ۾ شهر جي سستي بستي ڳوٺ ڪريم آباد ڪالوني، سچل آباد ۽ احمد شير ڪالوني، ڦلڪارا سميت مختلف علائقن اندر معصوم ٻار عورتن ۽ بزرگن کي پوندڙ پوندڙ سئي جي حفاظت لاءِ زليخان فائونڊيشن جي چيئرپرسن رضيا سهتو پاران ڪين گرم ڪمبل سوئيٽر ۽ راشن درجنين غريبن ۾ رسلينن کي ڏنو ويو ان موقعي تي زليخان فائونڊيشن جي چيئر پرسن رضيا سهتو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان هن مشڪل گهڙي ۾ مسڪين غريبن سان گڏ آهيون هتن غريبن کي اڪيلو نه ڇڏينداسين هر ممڪن مدد ڪنداسين ۽ منهنجي ڪوشش هوندي آهي ته انسان ذات جي خدمت ڪريان غريبن جي خدمت ڪرڻ کي فرض سمجهان ٿي هن چيو ته ٽنڊو محمد خان جي ڪيترائي علائقن ۾ رهندڙ مسڪين ماڻهون سخت سئي پوڻ ڪري پريشان آهن انتظاميه سندن ڪابه پرگهور نه لڌي آهي اسان انهن علائقن ۾ پهچي عوام کي هر ممڪن مدد ڪئي آهي ۽ ڪندا رهنداسين ... هن چيو ته سئي پوڻ ڪري ٻارڙا ،بزرگ ،سخت بيمار آهن انهن جي علاج جو بندوبست به زليخان فائونڊيشن طرفان ڪيو ويو آهي هتن کي ساٿي پڻ ڏيون پيا اهيو اسانجو فرض ۾ شامل آهي سندن هرممڪن مدد پڻ ڪنداسين .

ٽنڊو محمد خان: زليخان فائونڊيشن پاران مستحقن ۾ گرم ڪپڙا ورهايا پيا وڃن

احتجاج
احتجاج
احتجاج
هالا سميت ضلعي متياري ۾ ڦرون
چوريون ڌاڙا ۽ منشيات بند ڪرايو
ضلع جي ماڻهن کي تحفظ ڏيو
پاران متياري عوامي اتحاد

هالا: بدامني ۽ سماجي برادرين خلاف عوامي اتحاد پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

هالا ۾ بدامني ۽ سماجي برادرين خلاف عوامي اتحاد جي احتجاجي ريلي

شهر ۾ ڦرون، ڌاڙا معمول آهن، جوا ۽ فحاشي جا اڏا سرعام هلي رهيا

پوليس انتظاميه شهرين کي تحفظ ڏيڻ بدران منٿليون وٺڻ ۾ مصروف آهي، نوٽيس ورتو

هالا (ٽ ر) هالا ۾ بدامني ۽ سماجي برائين خلاف عوامي اتحاد ضلعي متياري پاران سروري پارڪ کان ريلي ڪڍي درگاھ سرور نوح اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاج ۾ متياري عوامي اتحاد جي ڪنوينر فقير محمد لاکو عبدالرشيد ڏيٿو سروري سرهاڻ جي مرڪزي اڳواڻ مخدوم حسيب الزمان مسلم ليگ ن جي نصير احمد ميمڻ هندو پنچائت جي اڳواڻن ڪي ڪي نارائن داس نند ڪمار سميت واپاري اڳواڻن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي درگاھ سرور نوح تي پهتي جتي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته هالا شهر بدامني ۽ سماجي برائين جي ور چڙهيل آهي شهر ۾ ڦرون ڌاڙا معمول بڻيل آهن جڏهن ته منشيات، جوا ۽ فحاشي جا اڏا سرعام هلي رهيا آهن هنن چيو ته پوليس انتظاميه شهرين کي تحفظ ڏيڻ بدران منٿليون وٺڻ ۾ مصروف آهي جنهن جي ڪري ڏوهاري ماڻهو سرعام شهرين کي ڦري لٽي رهيا آهن هنن چتاءُ ڏنو ته هالا مان سماجي برايون ختم ۽ بدامني ختم نه ٿي ته ڪي فيبروري تي آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائي ڀرپور احتجاج جو لائحه عمل جوڙيو ويندو هنن وزير اعلي سنڌ، آءِ جي سنڌ ۽ ٻين اعلي اختيارين کان ڀرپور مطالبو ڪيو آهي ته هالا جي ڦريل شهرين جو سامان واپس ڪرائي شهر مان سماجي برائين جا اڏا بند ڪيا وڃن

راڌڻ ريلوي اسٽيشن تي ايم ايل ٽو ٽريڪ ۽ بند ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاج

حبيب ڪوٽ کان سيوهڻ تائين ٽريڪ جي مرمت ڪرائي وڃي: مظاهرين

ريلوي ٽريڪ جا اڪثر ملازم وڏا تي ويل آهن جيڪي گهر ويٺي پگهار کڻن ٿا

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ريلوي اسٽيشن تي صحافي حسين بخش بروهي ماما نظير احمد بروهي مظهر علي پنڊ شوڪت علي جاتوري صابر بروهي جي اڳواڻي ۾ ڪوٽڙي سيوهڻ دادو راڌڻ لاڙڪاڻو حبيب ڪوٽ ريلوي لائين ايم ايل 2 جون بند پيل ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هنن حڪومت سان مخاطب ٿيندي چيو ته حبيب ڪوٽ کان سيوهڻ شريف تائين ٽريڪ جي مرمت ڪرائي وڃي ٽرينن جي آمدورفت کي بهتر بڻايو وڃي روز گاڏيون ڏه ڏه ڪلاڪ ليٽ ٿيون اچن ان جو ڪارڻ ٽريڪ جي مرمت نه ٿيڻ ۽ لاهور جي متعصب ۽ سنڌ دشمن اعلي ريلوي آفيسرن پاران ٽرانسپورٽرن کي فائدو ڏيڻ آهي هن لائين تي هلندڙ ٽرينون خوشحال خان خٽڪ ۽ بولان ميل جو هڪڙو ريڪ (ڊبا) هلايا وڃن ٿا جنهن ڪري اهي ٻئي گاڏيون ٻئي ٽئين ڏينهن تي هلن ٿيون جنهن ڪري هر مسافرن کي ان گاڏين جي آمدرفت جي خبر نٿي پوي جو هو ان ۾ سفر ڪن اها به ريلوي آفيسرن جي سازش آهي ته مسافر ريلوي ٽرينن بدران ڪوچن ويگنن ۽ ڊورن ۾ سفر ڪن جڏهن ته ان ٽريڪ جي اسٽيشنن تي ڪو به ٿڌو پاڻي دستياب نه آهي نه وري مسافرن لاءِ ڪو واش روم ٺهيل آهي انتظاميا هٿ وٺي سسٽم کي خراب ڪن ٿا ته جيئن ٽرينون بند ٿين ته گهر ويٺي پگهار کڻي سگهن ڪيون ۽ مسافر بسن ۾ سفر ڪرڻ کي ترجيح ڏين.ان ڪري هن ريلوي ٽريڪ جا تقريبن اڪثر ريلوي ملازم وڏا تي ويل آهن جيڪي گهر ويٺي پگهار کڻن ٿا مظاهرين وفاقي وزير ريلوي جنرل مينيجر ريلوي ۽ ڊي ايس سکر ۽ ڪراچي کان مطالبو ڪيو ته بند ڪيل گاڏيون هلائي ۽ ايم ايل 2 ٽريڪ جو مرمتي ڪم ڪرائي گاڏين جي آمدورفت کي درست ڪري عوام کي سفري سهولت مهيا ڪئي وڃي جيئن گاڏيون وقت سراچڙ ۽ بند ڪرل گاڏيون هلايون وڃن نه ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو جن جا ذميوار ريلوي اعلي آفيسر هوندا

راڌڻ: بند ٿيل ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

هالا ۾ ڦر جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف واپاري برادري جو احتجاج

ڏينهن ڏٺي سوا ڪروڙ رپين جا موبائل فون ۽ لکين رپيا ڦر ڪيا ويا:مظاهرين

پوليس 72 ڪلاڪ گذرڻ باوجود اڃا تائين جوابدارن جي نشاندهي به ناهي ڪئي

هالا(ن ع) هالا ۾ اقليتي برادري سان تعلق رکندڙ واپاري جي دڪان مان سوا ڪروڙ رپين جي موبائل ڦر واري واقعي ۾ پوليس طرفان 72 ڪلاڪ گذرڻ باوجود جوابدارن جو ڪو به سراغ نه لڳائڻ خلاف سياسي سماجي تنظيمن جا اڳواڻ اقليتي برادري ۽ واپاري احتجاج طور روڊن تي نڪري آيا ۽ پوليس جي ڪارڪردگي تي سخت تحفظات جو اظهار ڪيو مظاهرين الزام هڻندي چيو ته ڏينهن ڏٺي درگاھ روڊ هالا تي واقع ڪانتيش موبائل دڪان مان سوا ڪروڙ رپين جا موبائل فون ۽ لکين رپيا نقد ڦر ڪيا ويا، پر واقعي کي 72 ڪلاڪ گذرڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي، جنهن سبب شهر ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي ۽ شهري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن.احتجاج ۾ مسلم ليگ ن جو صوبائي اڳواڻ نصير ميمڻ،سروري سرهاڻ تنظيم پاڪستان جو مرڪزي اڳواڻ مخدوم حسيب الزمان جماعت اسلامي جو اڳواڻ فقير محمد لاکو ڪي ڪي نارائن داس، منصور نواز پيپ اياز ميمڻ، رشيد ڏيٿو ڊاڪٽر رام ۽ ٻين شرڪت ڪئي.اڳواڻن الزام هنيو ته ايس ايس پي مٽياري نه رڳو هن وڏي واردات ۾ ٻين ڏوهن ۽ منشيات جي روڪٿام ۾ به ڪا سنجيدگي نه ڏيکاري آهي ۽ متاثر واپارين سان رابطو به ناهي ڪيو .مظاهرين وڌيڪ چيو ته ميرٽ بدران سفارشي آفيسرن جي مقرري سبب ڏوهن ۾ واڌ ٿي رهي آهي ۽ عوام عدم تحفظ جو شڪار آهي هنن صدر مملڪت، وزيراعظم پاڪستان، وزيراعلي سنڌ، صوبائي وزير داخلا ۽ آءِ جي سنڌ پوليس ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو ته فوري نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦريل ڪروڙين رپين جا موبائل فون ۽ نقد رقم واپس ڪرائي وڃي ۽ شهرين کي جاني ۽ مالي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.مظاهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن شهرين کي تحفظ فراهم نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌائيندي نيشنل هاءِ وي به بلاڪ ڪيو ويندو جنهن جي ذميواري انتظاميا تي عائد هوندي

ٺٽون ڳوٺ: عوامي اتحاد جو صدر منشيات فروشن خلاف گاھ کائي احتجاج ڪندي

ڏگهڙي ۾ موالي پنهنجي زال تي تشدد ڪري زخمي ڪري ڇڏيو جوابدار گرفتار

اطلاع تي پوليس پهچي عورت مسمات سونيا کي ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو

مڙس فاروق راجپوت نشي جو عادي آهي، تشدد ڪندو رهي ٿو هن سان نٿي رهڻ چاهيان: مسمات سونيا

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ۾ منشيات جو عادي مڙس پنهنجي زال تي تشدد ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو ڏگهڙي پوليس زخمي عورت کي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيوخبر موجب ڏگهڙي جي مير جان محمد ڪالوني جي رهواسي منشيات جو عادي شخص فاروق راجپوت پنهنجي زال مسمات سونيا تي وحشيانه تشدد ڪري ڪيس سخت زخمي ڪري ڇڏيو اطلاع ملڻ تي ڏگهڙي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمي عورت کي ريسڪيو ڪري تعلقه اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو.زخمي مسمات سونيا ٻڌايو ته سندس مڙس منشيات جو عادي آهي ۽ ڪيس غير اخلاقي ڪمن لاءِ مجبور ڪندو رهيو آهي انڪار ڪرڻ تي مٽس تشدد ڪيو ويو هن چيو ته اسان جا پنج ٻار آهن مڙس نشي جي حالت ۾ اڪثر مون تي تشدد ڪندو آهي هاڻي مان هن سان گڏ رهڻ نٿي چاهيان مون کي انصاف ۽ منشيات جي عادي مڙس کان تحفظ گهرجي ٻئي پاسي ڏگهڙي پوليس زخمي عورت کي ميڊيڪل ليٽر جاري ڪري تعلقه اسپتال منتقل ڪيو آخري اطلاع تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو نه ئي پوليس واقعي ۾ ملوث منشيات جي عادي شخص فاروق راجپوت کي گرفتار ڪيو آهي

ڏگهڙي: مڙس جي تشدد ۾ زخمي ٿيل زال پيل آهي

موري ۾ ايس يو پي جي ڪارڪنن جي گرفتاري ۽ ڇاپن خلاف احتجاج

مورو (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ ضلعي نوابشاھ جي صدر ڊاڪٽر زين پلو جي گرفتاري ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ڪارڪنن مٿان ٿيندڙ گرفتاريون ڇاپا ۽ سياسي ڏاڍ خلاف مورو ۾ سخت احتجاج ڪيو ويو. جنهن جي اڳواڻي ضلعي نوشهروفيروز جي صدر ياسين سومرو امتياز ڏاهري، روشن ڪوريجو لياقت پلي ڊاڪٽر بهادر ملاح، خالد پيٽ وقار پلي سائين رکيو سهتو مهراڻ سولنگي فراز مبيجي اسحاق ديوان مهدي پلو ۽ ٻين ڪئي. احتجاجي مظاهري دوران اڳواڻن ۽ ڪارڪنن حڪومت جي سياسي انتقامي ڪارروائين جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي قيادت ڪارڪنن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي عوامي آواز کي دٻائڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن جيڪي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون وينديون هنن چيو ته ڊاڪٽر زين پلو سميت ٻين ڪارڪنن جون گرفتاريون جمهوري قدرن انساني حقن ۽ آئين جي ڀڃڪڙي آهن سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي سنڌ جي حقن وسيلن ۽ خودمختياري لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي ۽ ڪنهن به ڏاڍ آڏو جهڪڻ واري ناهي احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته ڊاڪٽر زين پلو سميت سمورن گرفتار ڪارڪنن کي ترت آزاد ڪيو وڃي ۽ سياسي ڪارڪنن خلاف جاري ڪارروايون بند ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

اسان جي ترجيح عوام جي خدمت ڪرڻ ۽ ضلعي اندر وڌ ڪان وڌ ترقياتي ڪم ڪرائڻ آهي:نويد قمر

گل پلازا واقعي تي متاثر خاندانن سان سنڌ حڪومت گڏ آهي سندن هر ممڪن مدد ڪئي پئي وڃي

بلاول ڀٽو جي مفاهمت واري پاليسي قومي مفادن لاءِ بهتر آهي سنڌ ورهاڱي جي ڳالهه اجائي واويلا ڪئي پئي وڃي

سنڌ کي ڪير به الڳ نٿو ڪري سگهي ۽ نه ئي سنڌ ۾ ڪو به نئون صوبو قائم ٿي نه سگهندو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) اڳوڻي وفاقي وزير پ پ ايم اين اي سيد نويد قمر ٽنڊو غلام حيدر جي مختلف اسڪيمن جي افتتاح ڪرڻ ۽ چيئرمين گل حسن لغاري پاران ڏنل آجياڻي جي موقعي تي خطاب ڪندي چيو آهي ته اسان جي اولين ترجيح عوام جي خدمت ڪرڻ آهي ۽ پوري ضلعي اندر وڌ کان وڌ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن جيڪو پ پ جو منشور آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت جي بهترين ڪارڪردگي آهي گل پلازا واقعي تي متاثر خاندانن سان سنڌ حڪومت گڏ آهي سندن هر ممڪن مدد ڪئي پئي وڃي مخالف اجايو مخالفت ڪن پيا پيپلزپارٽي عوامي جماعت آهي عوام کي ڏک جي گهڙي ۾ اڪيلو نه ڇڏيندي هن چيو ته پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي مفاهمت واري پاليسي قومي مفادن لاءِ بهتر آهي سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه اجائي واويلا ڪئي پئي وڃي سنڌ کي ڪير به الڳ نٿو ڪري سگهي ۽ نه ئي سنڌ ۾ ڪو به نئون صوبو قائم ٿي نه سگهندو سنڌ ۽ پاڪستان هڪ آهي ، ايم ڪيو ايم کي سنڌ جي ورهاڱي واري ڪا به ڳالهه نه ڪرڻ گهرجي جنهن سان ڪو تعصب جو ماحول پيدا ٿئي هن چيو ته سنڌ ۾ رهندڙ سموريون ٻوليون ڳالهائيندڙ سنڌي آهن ، تقريب کي اڳوڻي اي پي اي عبدالڪريم سومرو خطاب ڪندي چيو ته اسان عوام جي اڳ به خدمت ڪئي آهي ۽ ڪندا رهنداسين شهيد بينظير ڀٽو به هن ملڪ ۽ عوام خاطر جان جو نذرانو ڏنو اسان ان جي نقش قدم تي هلندي عوام جي خدمت ۽ عوام کي ترقياتي ڪم ڪرائي گهر گهر سهولت ڏينداسين ته ڪٿي به روڊ ،گهٽيون نه رهجي وڃن عوام کي بنيادي سهولت فراهم ڪرڻ عوام جو حق آهي ان موقعي تي پ پ ايم پي اي خرم سومرو ڊپٽي ڪمشنر ڏرمو مل باواڻي ،چيئرمين لکي ايٽ مير واهه گل حسن لغاري،حافظ سفيع الله سومرو ۽ ٻيا موجود هئا.

ٽنڊو محمد خان: پ پ اڳواڻ نويد قمر ترقياتي منصوبن جو افتتاح ڪندي

حيدرآباد ۾ آئي بي اي پاس پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي اميدوارن جو احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي آئي بي اي پاس پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي 40پلس ويٽنگ اميدوارن 5 سالن کان آفر آرڊر نه ملڻ ۽ خالي پوسٽن تي ٻاهرين بدلي ڪرائي آيلن کي مقرر ڪرڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪير علي سولنگي، فقيرمحمد چانڊيو صوبيا، سعديه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. اميدوارن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي مطالبن جي منظوري لاءِ نعريبازي به ڪئي. ان موقعي تي هنن چيو ته 40 کان وڌيڪ مارڪون کڻندڙ حيدرآباد جي اميدوارن کي ڊويزن سطح جي اسڪولن ۾ جوائن ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي وئي هئي.جنهن لاءِ حيدرآباد جي فيميل اميدوارن کان حلف نامو ۾ ورتو ويو پر اڃا تائين آفر آرڊر ڏئي جوائننگ نه ڪرائي وئي آهي.هنن چيو ته حيدرآباد جو سيٽون بدلين جي نالي تي ٻاهرين اسڪولن کي وڪرو ڪري مقامي اميدوارن جي حق تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي. هنن چيو ته ٻين ضلعن ۾ ڊي آر ايس ۽ پرتين تي نظرثاني ڪئي پئي وڃي پر حيدرآباد جي اميدوارن کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي. هنن چيو ته ان سلسلي ۾ تعليم کاتي سنڌ جي وزير سردار شاھ کي شڪايتون ڪيون آهن پر ان تي ڪو به عمل نه ٿيو آهي. هنن چيو ته صوبائي وزير کي چٽي چڪا آهيون ته اسان کي ڪنهن به جاءِ تي مقرر ڪيو وڃي. اسان نوڪري ڪرڻ تيار آهيون. هنن مطالبو ڪيو ته ڪين نوڪريون ڏئي انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊوآدم، طور ڪالوني جي گهر مان چور سونا زيور، موبائل ۽ روڪ رقم کڻي فرار

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي علائقي طور ڪالوني ۾ ڏينهن ڏٺي جو نامعلوم چور نثار علي ڪلوئي جي گهر مان روڪ رقم سونا زيور ۽ موبائل فون چوري ڪري فرار ٿي ان سلسلي ۾ نثار علي ڪلوئي ٻڌايو ته هو منجهند جي وقت تقريبن 3 وڳي پنهنجي ٻارن کي وين اڏي تي ڇڏڻ ويو هو جنهن دوران نامعلوم چور گهر ۾ داخل ٿي گهر مان 23 هزار رپيا روڪ رقم سوئيون واليون جن جي ماليت لڳ ڀڳ 60 هزار رپيا ٻڌائي وڃي ٿي جڏهن ته سامسنگ ڪمپني جو هڪ عدد ٽچ موبائل فون ماڊل AO65F/DSماليت لڳ ڀڳ 25 هزار رپيا چوري ڪري فرار ٿي ويا چوري ٿيل سامان جي ڪل ماليت لڳ ڀڳ هڪ لک اٺ هزار رپيا ٻڌائي وڃي آهي اهڙي اين سي سٽي ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي آهي متاثر شهري اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته چورن کي جلد گرفتار ڪري سندس نقصان جو ازالو ڪيو وڃي

ٺٽون ڳوٺ ۾ عوامي اتحاد راڌڻ جي صدر جو منشيات فروشن خلاف گاھ کائي انوکو احتجاج

ٺٽون ڳوٺ(ن ع)ٺٽون ڳوٺ سياسي سماجي اڳواڻ سوشل ورڪر عوامي اتحاد راڌڻ جو صدر ڪامريڊ انور ملاح منشيات فروشن خلاف گاھ کائي انوکو احتجاج ڪندي چيو ته ٺٽون ڳوٺ راڌڻ شاھ پنجو سميت سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر جي گهٽي گهٽي ۾ شراب چرس آئيس نشي آور سوپاريون سري عام پوليس جي سرپرستي ۾ وڪرو ٿي رهيون آهن مان مختلف شهرن ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرايا آهن پوليس منشيات تي ڪنٽرول ڪرڻ بدران هنن کان مڃي منتقلي وٺي منشيات هلائڻ جي اجازت ڏني ويئا آهن مان ڊي ايس پي ڏانهن به ويو تنهن به موٽائي ڇڏيو موٽڪي خبر پئي آهي ته ڊي ايس پي به منتقلي وٺي ٿو آئون آئي جي سنڌ کان مطالبو ڪريان ٿو راڌڻ شهر ۾ هلندڙ منشيات جو نوٽيس وٺن ۽ شهر جي تباهه ٿيڻ کان بچائن

راڌڻ ۾ شاھ پنجو سلطان جو ميلو شروع

ميلي ۾ سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان جي ناميارا ملهه پهلوان زور آزمائي ڪندا

راڌڻ (ن ع) شاھ پنجو سلطان جو ميلو اڄ کان لڳي رهيو آهي ميلي ۾ ملاکڙو پڻ ٿيندو جنهن ۾ سنڌ ۽ پنجاب سميت بلوچستان جا ملهه پهلوان مقابلا ڪري انعام حاصل ڪندا ميلي ۾ چوڏيل پيڙيون ۽ جهولا ۽ وڏا وڏا مٺائي جا دڪان لڳندا آهن گادي نشين فقير شاھ حسين اعواڻ اهو اعلان ڪيو آهي پريس ڪلب شاھ پنجو هن ميلي جي ملهه جي لائيو ٽوهان تائين پهچائڻ ڪوشش ڪندي ميلي جا خاص مهمان پاشا خان ڀٽ ڊاڪٽر نعيم الدين سومرو پرويز علي اعواڻ سهيل خان سومرو هوندا جڏهن ته ملهه پهلوانن ۾ ماجد ڊکڻ جونيئر بخشل ڊکڻ ڪيبڙي شيدي غلام حسين پٺاڻ ۽ ٻين ملهه پهلوانن جا زبردست مقابلا ٿيندا جڏهن ته هن ميلي ۾ جنن وارين عورتن فقيرن جي سازن تي ڪنڌ پڻ هڻنديون آهن

ٺٽون ڳوٺ پرسان مبينه قتل ٿيل اميد علي سرگاڻي جي تدفين

اميد علي سرگاڻي جي جنازي نماز ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ ڳوٺاڻن جي شرڪت

وارث ايندا ته ڪيس داخل ڪيو ويندو واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون:ڊي ايس پي

ٺٽون ڳوٺ(رپورٽ محمد رفيق سرگاڻي)ٺٽون ڳوٺ پرسان هڪ ڏينهن اڳ مبينه قتل ٿي ويل نوجوان جي آبائي ڳوٺ ۾ آلين اکين سان تدفين جنازه نماز ۾ سياسي سماجي ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ٺٽون ڳوٺ لڳ ڳوٺ گهارو واسي هڪ ڏينهن اڳ ميهڙ ۾ مبينه قتل ٿي ويل نوجوان اميد علي پٽ ديدار علي سرگاڻي جون آخري رسمون آبائي ڳوٺ گهارو ۾ ادا ڪيو ويون جنهن ۾ چيف سردار لعل حسين خان سرگاڻي پاڪستان پيپلز پارٽي يوسي جو اڳواڻ ناظم وڏيرو طفيل احمد لاکير غلام حسين سرگاڻي اڪبر سرگاڻي ظفر سرگاڻي وڏيرو ياسر لاکير رئيس سڪندر علي سرگاڻي وڏيرو پپن ڪلهوڙو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مقتول نوجوان کي چار اولاد ٻه پٽ ۽ ٻه نياڻيون آهن جڏهن ته مبينه قتل ٿي ويل نوجوان جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي ڊي ايس پي ميهڙ معشوق علي ٻڌايو ته وارث ايندا ته ڪيس داخل ڪيو ويندو ۽ واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون

ٺٽون ڳوٺ: مبينا قتل ٿيل اميد علي سرگاڻي جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ٽنڊوالهيار ۾ عورت جو پنهنجي مڙس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

مڙس محمد صالح پنهور زبردستي ڌمڪيون ڏئي ٻارن کي پاڻ وٽ رکي ٿو: شبانا پنهور

آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد قانوني تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪن

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار شهر جي عباس ڀائي ٽائون منصور ڪالوني واسڻ عورت شبانا پنهور پنهنجي مڙس جي زيادتين خلاف پريس ڪلب پهچي وئي ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي شبانا پنهور چيو ته منهنجي مڙس مون تي ڪوڙا الزام هڻي گهران ڪڍي ڇڏيو آهي آئون پنهنجي ڀيڻ سدوري پنهور وٽ ترسيل آهيان منهنجو مڙس محمد صالح پنهور ڪجھ ڏينهن اڳ ڀيڻ جي گهر اچي مون تي تشدد ڪري طلاق جي پيپرن تي زوري صحيح وٺي ويو آهي منهنجا 6 ٻار آهن جن مان 2 پٽ مون وٽ آهن ۽ 4 ٻار مڙس زبردستي پاڻ وٽ ويهاريو ويٺو آهي هن چيو ته مڙس مون کي ۽ ٻارن کي موتمار ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيو آهي منهنجا مائٽ دادو جا رهواسي آهن آئون اتي وڃڻ چاهيان ٿي پر مڙس ڀيڻ جي گهران به نڪرڻ نٿو ڏي ۽ منهنجا ٻار به واپس نٿو ڏي مجبور ٿي انصاف لاءِ هتي پهتي آهيان هن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کان گهر ڪئي ته مڙس خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مون کي منهنجا ٻار واپس ڏياري تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊوالهيار: عورت پنهنجي مڙس خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

حيدرآباد ۾ سنڌياڻي ۽ قومي عوامي تحريڪ جو عورتن جي قتل ۽ زيادتين خلاف احتجاج

چوٽياريون ۾ وڏيري جي پٽ وزير راڄڙ شاد بانو ملاح سان زيادتي ڪري بليڊن سان چيريو جيڪو انسانيت کي شرمائيندڙ آهي:زينت سمون

ٿل ۾ پوليس اهلڪارن نياڻي آسيا ڪوسو سان اجتماعي زيادتي ڪئي، جنهن بعد وارثن کي ڌمڪيون ڏئي بيان تبديل ڪرايا ويا:نصرت خاصخيلي

چوٽياريون ۽ ٿل جا واقعا ثابت ڪن ٿا ته پوليس قانون جي رکوالي نه رهي، پر ڏوهارين جي ساٿي بڻجي وئي آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌياڻي تحريڪ ۽ قومي عوامي تحريڪ عورتن جي قتل ۽ زيادتين جي واقعن خلاف حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي زينت سمون، نصرت خاصخيلي، سيما جوڻيجو، زرينه بلوچ، ماروي خاصخيلي، عزيزه نوناري، عذره رند ۽ ٻين ڪئي. ان موقعي تي هنن چيو ته چوٽياريون ۽ ٿل جا واقعا الڳ الڳ ڪيس ناهن. پر اهي پيپلزپارٽي جي عورت دشمن حڪومت جو نتيجو آهن. اڄ سنڌ ۾ نه ڌيءَ محفوظ آهي، نه ماءُ، نه غريب، نه مرد ۽ نه عورت ڪو به محفوظ ناهي. اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ جهنگ جو قانون لاڳو آهي. چوٽياريون ۾ وڏيري جي پٽ وزير راڄڙ 14 ورهين جي ڌيءَ شاد بانو ملاح سان جنسي زيادتي ڪري بليڊن سان سندس جسم چيريو جيڪا انسانيت کي شرمائيندڙ وحشت آهي. ٿل ۾ پوليس اهلڪارن نياڻي آسيا ڪوسو سان ٿاڻي جي حدن اندر اجتماعي زيادتي ڪئي، جنهن بعد وارثن کي ڌمڪيون ڏئي بيان تبديل ڪرايا ويا آهن. اڳواڻن چيو ته پوليس تحفظ ڏيڻ بدران هاڻي قاتلن ۽ ڏوهارين سان ٿ بڻيل آهي چوٽياريون ۽ ٿل جا واقعا ثابت ڪن ٿا ته پوليس قانون جي رکوالي نه رهي. پر ڏوهارين جي ساٿي بڻجي وئي آهي اينٽي ريپ ڪرائسس سيل جيڪو عورتن جي تحفظ لاءِ ٺاهيو ويو هو مڪمل طور غيرفعال آهي. قانون موجود آهي نوٽيفڪيشن جاري آهن. پر عملي طور رياست عورتن کي غير محفوظ ڇائن تشدد ۽ جنسي درندن حوالي ڪري ڇڏيو آهي اڳواڻن چيو ته هي سماج هاڻي قانون سان نه پر طاقت، دٻاءُ ۽ دهشت سان هلي رهيو آهي هي حڪومت انصاف سان نه پر مجرمن ساڻ گڏ بيٺل آهي هي نظام عورتن کي بچائي نٿو پر قرباني جو بڪرو بڻائي ٿو اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ نياڻين جو اغوا عورتن جو قتل ۽ زيادتيون معمول بڻجي ويو آهي سنڌ ۾ نياڻين جو اغوا عورتن جو قتل ۽ زيادتيون معمول بڻجي ويو آهي. سڌريل دنيا ۾ اهڙن واقعن تي حڪمران استعيفائون ڏئي ڇڏين ٿا پر وفاق ۽ سنڌ حڪومت ٻي خبر ۽ ٻي حس بنيل آهن ڪنهن به واقعي جو نوٽيس نٿو ورتو وڃي

ٻانڌي ۾ مبينا گم ٿيل نوجوان جي بازيابي لاءِ وارثن جي احتجاجي ريلي

مظاهرين احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان سخت نعريبازي ڪئي

12ڏينهن گذرڻ باوجود انتظاميا نينگر جي بازيابي لاءِ ڪو به قدم ناهي کنيو:مظاهرين

ٻانڌي (ن ع) ٻانڌي مان ٻارنهن ڏينهن اڳ گم ٿيل 12 سالا معصوم نينگر غلام مصطفيٰ جي بازيابي لاءِ شهر ۾ سخت احتجاج ڏسڻ ۾ آيو ٻانڌي صاحبزاده مفتي افتخار احمد عباسي، تاجران اتحاد صدر حاجي هدايت الله جمالي، ايڊووڪيٽ زاهد جمالي ۽ ٻين اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ فاروق ٽائون کان هڪ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ريلي شهر جي مختلف چوڪن ۽ بازارن مان گذرندي نيشنل پريس ڪلب ٻانڌي پهتي. جتي ريلي جي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٻارنهن ڏينهن گذرڻ باوجود انتظاميا نينگر جي بازيابي لاءِ ڪو به سنجيده قدم نه کنيو آهي. جڏهن ته پوليس هميشه وانگر روايتي سستي جو مظاهرو ڪري رهي آهي هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن جلد غلام مصطفيٰ کي بازياب نه ڪرايو ويو ته هو مهراڻ هاءِ وي تي ڌرڻو هڻڻ تي مجبور ٿيندا، جنهن جي سموري ذميواري انتظاميا تي عائد ٿيندي

ٻانڌي: گم ٿيل نوجوان جا وارث بازيابي لاءِ احتجاج ڪندي

ڪڪڙ ۾ صحافي عبدالرزاق هنگورو جي چاچو لاڏاڻو ڪري ويو

ڪڪڙ(ن ع) ڪڪڙ ۾ صحافي جو چاچو لاڏاڻو ڪري ويو اهم شخصيتون نماز جنازي ۾ شريڪ ، خبر موجب ڪڪڙ جو رهواسي سيٺ قربان علي ، غلام مصطفي هنگورو جو ننڍو ڀاءُ ۽ نجي ٽي وي رپورٽر عبدالرزاق هنگورو جو چاچو واپاري سيٺ محمد اعظم هنگورو ساهه جي سخت تڪليف سبب لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ادا ڪرڻ کانپوءِ آبائي قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي جنازي نماز ۾ هنگورو برادري جي چڪي مڙس سردار سيف الله هنگورو ، وڏيرو يونس هنگورو ۽ سياسي سماجي ادبي ، واپارين دڪاندارن وڪيلن سميت سوين ماڻهن شريڪ ٿيا جڏهن ته تعزيت جو سلسلو جاري آهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پهلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز
جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 26 جنوري 2026ع

واشنگٽن ۾ پاڪستاني سفارتڪاري: عالمي سياست ۾ نئون اعتماد

ويجهڙ وارن مهينن دوران پاڪستان جنهن ريت واشنگٽن ۾ پنهنجي سفارتڪاريءَ کي منظم، فعال ۽ نتيجه خيز بڻايو آهي، تنهن عالمي مبصرن کي حيران ڪري ڇڏيو آهي. بين الاقوامي رسالن، خاص طور تي ’دي ڊپلوميٽ‘، پاڪستان جي هن سفارتي ڪاميابيءَ کي نه رڳو تسليم ڪيو آهي پر ان کي ڏکڻ ايشيا جي طاقت جي توازن ۾ اهم موڙ به قرار ڏنو آهي. اهو وقت جڏهن ڪيترائي ملڪ عالمي سياسي اڪيلائيءَ جو شڪار ٿي رهيا آهن، پاڪستان پنهنجي سفارتڪاري وسيلي امريڪا سان لاڳاپن کي نئين اوچائين تي پهچائي ڇڏيو آهي ’دي ڊپلوميٽ‘ موجب پاڪستان علائقائي ٽڪراءَ کي صرف دفاعي مسئلي طور نه ڏٺو پر انهن کي سفارتي موقعن ۾ تبديل ڪيو. خاص طور تي پاڪ- ڀارت ڇڪتاڻ جي پسمنظر ۾ پاڪستان جي حڪمت عملي انتهائي سنجيده ۽ مدبرانه رهي. جڏهن ڀارت امريڪي ٽياڪڙيءَ کي رد ڪندي پاڻ کي سفارتي تنهائيءَ ۾ آڻي ڇڏيو تڏهن پاڪستان ان خال کي ڀرڻ لاءِ متحرڪ ٿي ويو صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ٽياڪڙيءَ واري ڪردار کي کليءَ دل سان ساراهڻ پاڪستان لاءِ هڪ اهڙو قدم ثابت ٿيو جنهن اعتماد جي نئين فضا پيدا ڪئي. وزيراعظم شهباز شريف ۽ صدر ٽرمپ جي وچ ۾ ٿيندڙ غير رسمي ڳالهه ٻولهه، جنهن کي ميڊيا ۾ ’سرگوشيون‘ سڏيو ويو دراصل ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اعتماد جي واڌ جو علامتي اظهار هو. اهي لمحات ظاهر ڪن ٿا ته سفارتڪاري صرف رسمي بيانن تائين محدود نه هوندي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن اشارا به وڏي اهميت رکن ٿا. پاڪستان ان نڪتي کي سمجهي، امريڪي قيادت سان رابطا مضبوط ڪيا.

رسالي جي رپورٽ موجب پاڪ- ڀارت جنگ کانپوءِ صدر ٽرمپ پاران پاڪستاني آرمي چيف کي وائيٽ هائوس ۾ دعوت ڏني ۽ پوءِ سيپٽمبر 2025ع ۾ وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جو گڏيل دورو، واشنگٽن ۾ پاڪستان جي وڌندڙ اهميت جو ثبوت آهن. اهي دورا رڳو رسمي ملاقاتون نه هئا، پر انهن ۾ سيڪيورٽي کان علاوه واپار، سيڙپڪاري ۽ معاشي تعاون جهڙا اهم موضوع به شامل رهيا. ’دي ڊپلوميٽ‘ لکي ٿو ته ڊونلڊ ٽرمپ ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه سيڪيورٽي دائري کان نڪري واپاري ۽ معاشي مفادن تائين پهتي ان سان گڏ پاڪ امريڪا دهشتگرديءَ خلاف تعاون جي ٻيهر بحالي ٻنهي ملڪن جي پراڻي ڀائيواري کي نئين زندگي ڏئي ڇڏي آهي اهو تعاون نه صرف پاڪستان جي اندروني سلامتيءَ لاءِ اهم آهي پر خطي جي استحڪام لاءِ به ضروري سمجهيو پيو وڃي واپار جي ميدان ۾ به پاڪستان اهم اڳڀرائي ڪئي آهي جولاءِ 2025ع ۾ پاڪستان ۽ امريڪا وچ ۾ ٽيرف ۾ گهٽتائيءَ بابت واپاري معاهدو طئي ٿيڻ سان، پاڪستاني برآمدات لاءِ نوان در کوليا ويا. ان کان علاوه صدر ٽرمپ جو اعلان ته امريڪا ۽ پاڪستان گڏجي وڏن تيل جي ذخيرن کي ترقي ڏيندا، پاڪستان جي توانائي بحران جي حل لاءِ هڪ اميد افزا خبر آهي ڊسمبر 2025ع ۾ پاڪستان پاران ايف-16 جهازن جي اپ گريڊ لاءِ امريڪي منظوري حاصل ڪرڻ دفاعي لاڳاپن جي بحاليءَ جو هڪ ٻيو اهم قدم هو اهو فيصلو واضح ڪري ٿو ته امريڪا پاڪستان کي خطي ۾ هڪ ذميوار ۽ قابلِ اعتماد ساٿي طور ڏسي رهيو آهي جنوري 2026ع ۾ پاڪستان هڪ متوازن سفارتي حڪمت عملي تحت چين سان لاڳاپن جي تجديد تي به زور ڏنو جڏهن ته امريڪا پاران بي ايل اي ۽ مجيد بريگيڊ کي دهشتگرد تنظيمن جي فهرست ۾ شامل ڪرڻ پاڪستان جي موقف جي عالمي سطح تي تائيد جو ثبوت آهي اهو قدم خاص طور تي بلوچستان جي صورتحال بابت پاڪستاني خدشن کي عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو ان جي ابتڙ ’دي ڊپلوميٽ‘ لکي ٿو ته ڀارت امريڪا سان واپاري معاهدو نه ڪري سگهڻ سبب سفارتي ۽ معاشي نقصان کي منهن ڏئي رهيو آهي امريڪا پاران ڀارت تي 50 سيڪڙو ٽيرف لاڳو ٿيڻ دهليءَ لاءِ هڪ وڏو ڌڪو آهي جيڪو ان جي عالمي سفارتي حيثيت کي ڪمزور ڪري رهيو آهي

مجموعي طور تي ڏسجي ته پاڪستان واشنگٽن ۾ پنهنجي سفارتڪاريءَ ذريعي نه رڳو امريڪا سان لاڳاپا بحال ڪيا آهن، پر انهن کي هڪ نئون رخ ڏنو آهي. اها ڪاميابي ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته جيڪڏهن سفارتڪاري وژن، توازن ۽ قومي مفاد جي بنياد تي ڪئي وڃي ته عالمي سياست ۾ به ملڪ پنهنجي جاءِ مضبوط بڻائي سگهي ٿو. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هي سفارتي رفتار برقرار رکي وڃي ۽ ان جا فائدا عوامي بهتريءَ ۾ تبديل ڪيا وڃن.

پهريان لاش ۽ تباهي، هاڻي امن

محمود شام

آمريڪا جو پرڏيهي وزيرچوي ٿو ته اسان جو صدر ڊونلڊ ٽرمپ جيڪو به چوندو آهي اهو ڪري به ڏيکاري ٿو. 5120 جي لڳ ڀڳ اوچائيءَ تي درياهه جي ڪناري، برف ۾ ڍڪيل ڏهه هزار کان ڪجهه وڌيڪ آباديءَ واري شهر ڊيووس ۾ ٽي هزار عالمي اڳواڻ گڏ ٿيل آهن آمريڪي صدر پنهنجي نئين تعميراتي منصوبي ’بورڊ آف پيس‘ جي شروعات جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي پاڪستان سميت ويهه ملڪ هن منصوبي ۾ سيڙپڪاري ڪري رهيا آهن ڊيووس اسين به هڪ ڀيرو ٿي آيا آهيون اڪرام سهگل هتي هر سال ”پاڪستاني ناشتي“ جو اهتمام به ڪندو رهيو آهي علمي اقتصادي فورم جي ڏينهن ۾ هتي غيرملڪي اڳواڻن سميت ڇهه ويهه هزار مهمان موجود هوندا آهن ۽ سڀ ننڍا وڏا هوٽل ڀريل هوندا آهن ترقي پسند يورپي مفڪر هن اجتماع کي ”برف زار ۾ ٿلهين امير ٻلين جو ميلاپ“ چوندا آهن غزه پٽيءَ جي ٻيهر اڏاوت جي بنياد ۾ ستر هزار فلسطينين جو رت شامل هوندو، جن مان گهڻا ٻار آهن فلسطينين جي نسل ڪشي، اسپتالن ۽ درسگاهن جي کنڊرن مٿان غزه کي وندرگاهه بڻايو پيو وڃي اڳوڻا آمريڪي صدر به دنيا ۾ انسانن ۽ ملڪيتن جي خريد و فروخت ڪندا رهيا آهن ٽرمپ ته پيشاور واپاري ۽ سوديبازيءَ جو ماهر آهي هو فخر سان چوي ٿو ته سودو ڪرڻ هن پنهنجي پيءُ کان سکيو هن نئين سودي جون ڳالهيون سندس ناٺيءَ سامهون رکيون آهن لڳي ٿو ته اهو سندن گهريلو منصوبو آهي ڇا ٻين ملڪن جا اڳواڻ به ان ۾ ذاتي طور شامل آهن؟ منصوبو فلسطين جي ترقيءَ تي اڏيو آهي ته پوءِ ترقيءَ جي ملڪ فلسطيني رياست جو هن بابت ڪهڙو موقف آهي؟

روزاني ’الشرق الاوسط‘ ۾ فلسطين جي صدر جي صلاحڪار ڊاڪٽر محمود الهباش به ڏينهن اڳ چيو آهي ته هيءَ فلسطين جي خواهش ته آهي پر اسان مٿان مڙهيل امن جو منصوبو آهي اسان ان کي ان لاءِ قبول ڪري رهيا آهيون جو اهو گهٽ بڇڙو رستو آهي ان سان فلسطينين کي غزه مان زبردستي ڪڍڻ وارو عمل رڪجي ٿو پر فلسطينين جي حمايتي تنظيمن مان گهڻين هن منصوبي کي رد ڪيو آهي ڇهه ملين آباديءَ واري فلسطيني رياست دنيا جي سڀ کان بي وس رياست آهي هڪ سئو ستاونجاهه ملڪ ان کي خودمختيار مڃين ٿا، پر حقيقت ۾ اها خودمختيار ناهي ته ان وٽ بري فوج آهي ته سامونڊي، نه هوائي ان جي حفاظت جي ذميواري به ساڳي اسرائيلي فوج وٽ آهي جيڪا ان تي سڀ کان وڌيڪ جارحيت ڪري ٿي ڪالهوڪو ڏينهن موڪل جو ڏينهن هو. پٽن، ڌيئرن، پوٽن، پوٽين، ڏهٽين، ڏهٽين پلجائين ۽ ناٺين سان گڏ منجهند جي مانيءَ تي ويهڻ ۽ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو ڏينهن گل پلازا ۾ لاش ۽ ڪنبر شهر قائد کي سوڳوار بڻائي ڇڏيو آهي منهنجي اوهان کي گذارش آهي ته پنهنجي اولاد کان ضرور پڇو ته جنهن اسڪول، مدرسي، ڪليج يا يونيورسٽيءَ ۾ هو پڙهن ٿا، يا جنهن آفيس ۾ نوڪري ڪن ٿا يا جيڪڏهن سندن پنهنجي ڪمپني آهي ته اتي باهه لڳڻ يا ڪنهن به هنگامي حالت ۾ بچاءَ جون ڪهڙيون تياريون آهن؟ ڇا ڪڏهن عملي مشق ٿي آهي ته هنگامي حالت ۾ عمارت مان ٻاهر ڪيئن نڪرڻو آهي؟ بهتر اهو آهي ته اوهان پاڻ به وڃي ڏسو الله نه ڪري، پر گل پلازا جهڙي حالت ٻي ڪنهن سان به پيش نه اچي ڳوادر کان واڳهه تائين والدين کي اها تڪليف ضرور ڪرڻ گهرجي ۽ اولاد کي به پنهنجي والدين کان پڇڻ گهرجي ته جتي هو ڪم ڪن ٿا يا خريداريءَ لاءِ وڃن ٿا، اتي اڳواٽ ڄاڻو وٺن ٿا يا نه ته هنگامي نڪرڻ جا در ڪٿي ڪٿي آهن افسوس جو هاڻي رواج ناهي رهيو ته ڪنهن به منصوبي ۾ شامل ٿيڻ کان اڳ ان جا خطرا ۽ صورتون ڏٺيون وڃن بورڊ ۾ شامل ٿيندڙ مسلمان ملڪن ڇا اهو به سوچي ڏٺو آهي ته جنهن آمريڪي صدر جي سڏ تي هو وڏي انگ ۾ شامل ٿي رهيا آهن اهوئي آمريڪا ته هن ظلم ۽ جابر رياست جو سڀ کان وڏو سهارو آهي؟ اوهان سان ڳالهائڻ کان اڳ مون ٿوري ڪوجنا ڪئي آهي ان مطابق 1972ع کان وٺي اڄ تائين آمريڪا، اسرائيل خلاف سلامتي ڪائونسل ۾ آندل ٺهراءُن کي ٽيهه کان وڌيڪ ڀيرا رد ڪري چڪو آهي 1948ع ۾ اسرائيل کي سڀ کان پهريان مڃيندڙ ملڪ به آمريڪا ئي هو ٻي عالمي جنگ کان پوءِ آمريڪا اسرائيل کي اربين ڊالرن جي فوجي ۽ مالي مدد ڏئي چڪو آهي تازن سالن ۾ ٽي سئو ارب ڊالر رڳو بچاءَ جي مدد طور ڏنا ويا آهن ڏهه ملين آباديءَ واري اسرائيل ۾ ٽيهتر سيڪڙو يهودي ۽ ايڪيهه سيڪڙو عرب آهن آمريڪي سهڪار سبب اسرائيل جا پرڏيهي ناڻي جا محفوظ ذخيرا به سئو ايڪيتيهه ارب ڊالر آهن اسرائيل ۾ ٻه هزار پنج سئو آمريڪي ڪمپنيون ڪم ڪن ٿيون، جتي ٻيهه هزار اسرائيلي روزگار ڪن ٿا، اتي ست لک آمريڪي شهري واپار سان لاڳاپيل آهن جن وٽ ٻٽي شهريت به آهي آمريڪا ۾ اسرائيل جي مذهبي حمايت ڪندڙ يهودين جو انگ پنجهتر لک آهي حماس خلاف اسرائيلي جنگ ۾ سڀ کان وڌيڪ فوجي سياسي ۽ سفارتي سهڪار به آمريڪا ئي ڏنو آهي 2028ع تائين لڳ ڀڳ چار ارب ڊالر سالياني مدد ڏني ويندي ۽ ميزائل بچاءَ لاءِ به هر سال پنج سئو ملين ڊالر ڏنا پيا وڃن اسرائيلي بچاءَ واري وزارت پارليامينٽ کي ٻڌايو ته آمريڪا، حماس سان مقابلي لاءِ اسرائيل کي نوي هزار ٽن هٿيار، اٺ سئو جنگي جهازن ۽ هڪ سئو ڇاليهه سامونڊي جهازن وسيلي پهچايا هاڻي اسان کي سوچڻو پوندو ته جنهن اسرائيل لاءِ آمريڪا 1948ع کان لڳاتار سيڙپڪاري ڪري رهيو آهي ان جي ترجيح فلسطينين جي خودمختياري هوندي يا اسرائيلي اجاره داري؟ موجوده هجي يا اڳوڻا اسرائيلي وزيراعظم هميشه اسرائيلي مفادن ۽ دنيا ۾ يهودي برادريءَ کي اوليت ڏيندا رهيا آهن آمريڪي رياست جي پاليسي به اها ئي رهي آهي ته وچ اوڀر ۾ پنهنجي بالادستي قائم رکڻ لاءِ اسرائيل کي ڪليل فوجي ۽ مالي سهڪار ڏنو وڃي اسرائيل سان آمريڪا جي واپار جو انگ به سڀ کان وڏو آهي 2019ع کان 2023ع تائين آمريڪا جو واپار هڪ سئو چاليهه ارب ڊالر، چين جو چوهاسي ارب ڊالر ۽ ترڪيءَ جو پنجٽيهه ارب ڊالر رهيو، هن وقت جيڪي اسلامي ملڪ خوشيءَ سان هن بورڊ ۾ شامل ٿي رهيا آهن تن جي ذهن ۾ آخر ڪهڙيون ترجيحون آهن؟ فلسطيني رياست ته پاڻ به ان کي ’گهٽ بڇڙو‘ سڏي مجبورن قبول ڪري رهي آهي پاڪستان، سعودي عرب، ترڪيه، بحرين، گڏيل عرب امارتون، مصر ۽ انڊونيشيا جا مقصد ڪهڙا آهن؟ اسرائيل ته اڄ به روزانو غزه ۾ فلسطينين کي قتل ڪري رهيو آهي مسلمان ملڪن آمريڪا کان ڪهڙا شرط مڃرايا آهن؟ اسلامي ملڪن جي تنظيم ڪهڙيون ضمانتون گهريون آهن؟ بورڊ آف پيس جي اربين ڊالرن سان ڇا فلسطينين جي شهيدن جو رت رنگ لاٿيندو؟ ڇا غزه جا ٻار جوانيءَ تائين پهچندا؟ ڇا کين سٺي تعليم ۽ مناسب علاج ملندو؟ ڇا اسين پنهنجي وزيراعظم کان قومي اسيمبليءَ ۾ اهي سوال پڇي سگهون ٿا؟

باهه، لاشن ۽ سياست جي وچ ۾ قاتل شهر ڪراچي!

سنڌو حسن علي ٻيڙ

ڪراچي شهر جو هڪ واپاري مرڪز گل پلازا باهه جي ڀيٽ ۾ سڙي مٽيءَ جو ڍير بڻجي چڪو آهي. مليل ڄاڻ مطابق ڪيترن ئي لاشن جا سڙيل عضوا هٿ ڪيا ويا آهن. جڏهن ته سوين ماڻهو اڃان به لاپتا آهن. روزانو ڪروڙين رپيا آمدني ڏيندڙ گل پلازا هن وقت وفاقي توڙي ايم ڪيو ايم ۽ بلڊر مافيا جي نشاني تي اچي چڪو آهي. گل پلازا جي عمارت ۾ لڳل باهه جي حوالي سان اکين ڏٺن شاهدن بي خوف ٿي چيو آهي ته باهه تمام تيزيءَ سان پکڙجي وئي، ائين لڳو ڄڻ ڪو ڪيميڪل استعمال ڪيو ويو هجي! جيڪڏهن ٽيڪنيڪل حوالي سان ڏسجي ته باهه لڳڻ سبب هميشه عمارتون سڙي وڃڻ باوجود انهن جا بناوتي ڍانچا بچي ويندا آهن پر گل پلازا جي عاليشان ۽ مضبوط عمارت ڏسندي ڏسندي مٽيءَ جو ڍير بڻجي وئي. ٻئي طرف باهه لڳڻ جي پهرين ڏينهن کان وٺي ايم ڪيو ايم، جماعت اسلامي ۽ نواز ليگ جا وفاقي نمائندا هڪ پيج تي بيٺل نظر آيا، جنهن مان ڄڻ ٿي طرح چئي سگهجي ٿو ته گل پلازا ۾ لڳل باهه از خود ناهي لڳي پر سياست ۾ سازش ڪندڙن لڳائي آهي ته جيئن بلديا سانحي جي ياد تازي ڪجي. ان سان گڏوگڏ ڪراچيءَ کي ڌار ڪرڻ جا نعرا هڻجن ۽ ٽيون شڪار گل پلازا جي اربين رپين جي پراپرٽيءَ کي تين وال ڪجي. اها هڪ الڳ ڳالهه آهي ته ڪراچي جيڪو ملڪي معيشت جي شهه رڳ رکندڙ سمجهيو وڃي ٿو سو پ پ پ جي حڪومت ۾ ميئر هوندي به اڄ لاوارث بڻيل آهي. هتي جڏهن به ڪا باهه لڳي ٿي، ڪا عمارت ڪري پوي ٿي يا ڪو سانحو جنم وٺي ٿو ته صرف دونهن ۽ لاشن جا ته انبار لڳن ٿا پر اسان جي حڪمرانن جي سياست ۽ نظام جي بي حسي به سامهون اچي وينديون آهي. تازو گل پلازه کي لڳل باهه اهڙي ئي هڪ ياد ڏياريندڙ سانحو هو. جنهن ڪراچيءَ جي زخمن کي ٻيهر تازو ڪري ڇڏيو. گل پلازه ۾ باهه ڪا قدرتي آفت نه هئي، بلڪ اها مافيائي ڪرپشن جي سياسي سرپرستيءَ جو نتيجو هئي. فائر سيفٽيءَ جا انتظام نه هئڻ، ايمرجنسي دروازن جو بند هجڻ، غيرقانوني تعمير ۽ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽيءَ جي اک ٻوٽي ويهڻ، اهي سڀ حقيقتون نيون ناهن. اهڙا منظر اسان اڳ به ڏسي چڪا آهيون پر گل پلازه سانحي تي جهڙي نموني سياست جا سهولتڪار ٻاهر نڪري آيا، ائين لڳو ڄڻ ڪراچيءَ ڪو ڪيڪ جو ٽڪرو هجي، جنهن کي ڪاٽڻ لاءِ وفاق توڙي ماضيءَ ۾ خونريزي ڪندڙ سياستدان ڏند ڪڍندا اچي پهتا. اها ڳالهه به واضح آهي ته سڀ کان پهرين ڏنا ويندڙ بيان هن هيڏي سانحي تي افسوس، ارمان ۽ قاتل ماڻهن جي بچائڻ لاءِ نه هئا پر ايم ڪيو ايم جي نئين جڳي مڙس ميڊيا تي اچي چيو ته 18هين ترميم ختم ڪري ڪراچيءَ کي وفاق حوالي ڪيو وڃي. وري نواز ليگ جي هڪ اڳواڻ قومي اسيمبليءَ ۾ خطاب ڪندي چيو ته 18هين ترميم بيڪار ثابت ٿي آهي، ملڪ ۾ مقامي نظام آڻجي ۽ صوبن کي ڏنل اختيار وفاق جو نقصان آهن. اهڙا بيان ظاهر ڪن ٿا ته نواز ليگ ۽ ايم ڪيو ايم طاقتور ڌرين جي آشيرواد سان گل پلازا سانحي کي بنياد بڻائي ڪراچيءَ کي پنهنجي وس ۾ ڪرڻ چاهين ٿيون پر کين خبر هجي ته ڪراچي شهر هاڻي اصل وارثن جي هٿن ۾ آهي، پهرين پ پ پ وفاق يا ايم ڪيو سان اتحاد ڪري ڪراچيءَ لاءِ ڪو وڏو فيصلو ڪري پر سنڌ جو شعور ۽ تاريخي حقيقتون سنڌ جا ٽڪرا ٿيڻ ڪڏهن به ٿيڻ نه ڏينديون. وفاق توڙي ايم ڪيو ايم ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ ۽ مقامي نظام آڻڻ جي ڳالهه تڏهن ڪري رهيون آهن. جڏهن بلدياتي چونڊون پڻ اچي ويجهو ٿيون آهن اصل ۾ وفاق توڙي تعصب پرست تنظيم جي پراڻي ڪارڪنن کي ڪراچيءَ ۾ اختيار، ملڪيتون، زمين ۽ پئسو گهرجي، جيڪو هنن جي بيانن مان واضح ٿي رهيو آهي. گل پلازه سانحي جا متاثر پنهنجن پيارن لاءِ بي حال آهن ۽ نفرت جي سياست ڪندڙ افسوس ڪرڻ بجاءِ ڪراچيءَ کي وفاق حوالي ڪرڻ جا راڳ آلاپي رهيا آهن! جيڪڏهن ڏسجي ته گل پلازه جي زمين جا سودا، ليز ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلاميءَ جي دور ۾ ٿيا آهن. ميڊيا موجب ڪراچيءَ ۾ سڙي ويل گل پلازا جي پلاٽ جي ليز بابت شروعاتي جاچ رپورٽ ۾ ڇرڪائيندڙ انڪشاف سامهون آيا آهن. جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته گل پلازه جي زمين ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي ملڪيت هئي، جيڪا 1883ع ۾ ٽرام سروس لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي 99 سالن جي ليز تي ڏني وئي هئي ليز ختم ٿيڻ کان هڪ مهينو اڳ زمين جنهن گروپ خريد ڪئي ان جو ڪاتو جماعت اسلامي جي ميئر عبدالستار افغانيءَ جي دور ۾ تبديل ٿيو، ليز ختم ٿيڻ باوجود عبدالستار افغانيءَ جي دور ۾ ئي تعميراتي ڪم شروع ڪيو ويو. گل پلازا جي عمارت بنا ليز جي لڳاتار ستن سالن تائين تعمير ٿيندي رهي، بعد ۾ زمين ايم ڪيو ايم جي ميئر فاروق ستار جي دور ۾ ليز تي ڏني وئي. 3 نومبر 1991ع تي زمين فاروق ستار جي صحيح سان گل پلازا لاءِ الاٽ ڪئي وئي، 1991ع ۾ فاروق ستار زمين جي باضابطه طور تي ليز جاري ڪئي. 2003ع ۾ جماعت اسلامي جي ميئر نعمت الله گل پلازا جا اضافي فلور ريگولرائيز ڪرڻ جي منظوري ڏني. اها الڳ ڳالهه آهي ته پ پ پ جي حڪومت اهڙن وارداتن تي يا خاموش رهي آهي، ڇو ته گل پلازا سميت ڪنهن به عمارت جي حفاظت لاءِ سنڌ سرڪار ڪوبه قدم ناهي کنيو. شروعاتي جانچ مطابق گل پلازا ۾ باهه مصنوعي گلن جي دڪان ۾ لڳي، امڪان آهي ته ٻار دڪان اندر ماچيس يا لائيٽر سان کيڏي رهيا هئا. شروعاتي طور باهه دڪان ۾ موجود سامان کي لڳي، جيڪا بجليءَ جي تارن ذريعي ڦهلجي وئي ۽ باهه شارٽ سرڪٽ سبب ناهي لڳي. باهه لڳندي ئي عمارت ۾ موجود ماڻهو خارجي رستن ڏانهن ڀڳا، جڏهن ته عمارت جا دروازا بند هئڻ سبب ڀاڄ پئجي وئي ۽ عمارت ۾ اڪثر دڪان کليل هئا. عمارت جي ڇت ڏانهن ويندڙ رستي تي به لوهي جهنگلو لڳل هيو. جڏهن ته باهه لڳڻ سبب عمارت ۾ لڳل سي سي ٽي وي سسٽم پڻ مڪمل طور متاثر ٿي ويو. ان هوندي به سنڌ سرڪار توڙي جو گل پلازا کي لڳل باهه جي ڪيميڪل يا ٻئي سبب جي جاچ ڪري رهي آهي پر اڄ تائين اهڙي سانحن جي ڪابه جاچ ان ۾ ملوث هئڻ کي سزا نه ڏياري سگهي آهي. مثال جي طور تي ڪراچيءَ جي تاريخ ۾ جيڪڏهن ڪنهن هڪ سانحي کي سياسي ڏوهن جي علامت سمجهيو وڃي ته اهو بلديا ٽائون فيڪٽري سانحو آهي، جتي سوين مزدور زنده سڙي ويا. فيڪٽريءَ جا دروازا بند هئا، حفاظتي انتظام بلڪل به نه هئا ۽ حڪمران خاموش هئا. ان سانحي کان پوءِ به وڏيون ڳالهيون ٿيون، ڪميٽيون ٺهيون، تقريرون ڪيون ويون پر نتيجو نه نڪتو؟ اڄ به ڪراچيءَ جون عمارتون، ڪارخانا ۽ پلازا موت جا کڏا بڻيل آهن. اها به بدقسمتي آهي جو جڏهن ڪراچيءَ ۾ ماڻهو سڙي مرن ٿا، تڏهن به سياستدانن جا بحث مسئلن جي حل بدران اقتدار جي ورهاست تي مرڪوز هوندا آهن. اڄ هڪ طرف ايم ڪيو ايم الڳ صوبي جي ڳالهه ڪري ٿي ته ٻي طرف نواز ليگ ڪراچيءَ کي وفاق حوالي ڪرڻ جا بيان ڏئي ٿي. سوال اهو آهي ته ڇا صوبي بدلجڻ سان گل پلازه ۾ فائر الارم لڳي ويندا؟ ڇا وفاق حوالي ڪرڻ سان بلديا سانحي جهڙا بند دروازا کُلي ويندا؟ ڪراچيءَ کي سياسي نعرا نه پر ذميوار حڪمراني گهرجي. افسوس جو مقام اهو آهي ته ڪراچيءَ کي هميشه طاقت جي سياست ۾ استعمال ڪيو ويو آهي، ڪڏهن شهري-ڳوٺاڻو ڪارڊ، ڪڏهن صوبي جو نعرو، ڪڏهن وفاقي ڪنٽرول پر ڪڏهن به عام شهرين جي زندگيءَ کي مرڪز ۾ ناهي رکيو ويو. سياستدانن کي اهو سمجهڻ گهرجي ته ڪراچي ڪو زمين جو ٽڪرو ناهي پر ڪروڙين انسانن جو گهر ۽ روزگار جو وسيلو آهي. جيڪڏهن ايم ڪيو ايم واقعي شهري حقن جي نمائندگي ڪري ٿي ته ان کي باهه لڳندڙ عمارتن، غير قانوني پلازائن ۽ ڪرپٽ ادارن خلاف آواز اٿارڻ گهرجي. جيڪڏهن نواز ليگ کي ڪراچي وفاق حوالي ڪرڻ جو خيال آهي ته پهريان اهو ٻڌائي ته وفاق ماضيءَ ۾ ڪراچيءَ کي ڪهڙو تحفظ ڏنو آهي؟ حقيقت اها آهي ته ڪراچيءَ جو مسئلو انتظامي ڍانچي کان وڌيڪ اخلاقي بحران جو آهي. قانون موجود آهن. فائر سيفٽيءَ جا ضابطا به لکيل آهن پر انهن تي عمل ڪرائڻ وارو ڪو به طاقتور ناهي.

گل پلازه جي باهه کان پوءِ به جيڪڏهن اسان صرف بيانن، سياست ۽ الزامن تائين محدود رهياسين ته ايندڙ سانحو ڪنهن ٻي عمارت، ڪنهن ٻي فيڪٽري ۽ ڪنهن ٻي گهٽيءَ ۾ اسان جو انتظار ڪري رهيو هوندو. ڪراچيءَ کي نوان نعرا نه پر نئون نظام، شفاف احتساب ۽ انساني جانين جي حقيقي قدر جي ضرورت آهي. ملڪ جو معاشي حب ڪراچي باهه سان نه پر بي حسيءَ سان سڙي رهيو آهي ۽ جيستائين سياستدان اقتدار جي راند کان مٿي نه ايندا، تيستائين گل پلازه جهڙا سانحا اسان جي تقدير لکندا رهندا. ان ڪري بلديا توڙي گل پلازا جهڙن سانحن جي ذميوارن کي عوام آڏو بي نقاب ڪري عبرت جو نشانو بڻايو وڃي ته جيئن ڪراچي توڙي ملڪ ڪنهن جي سياست جي ور نه چڙهن.

’خالي هٿن جو سفر ۽ نيڪيءَ جي لازوال خوشبوءِ‘

حڪيم پرويز چانڊوائي

ڪائنات جي هن وسيع پسمنظر ۾ انسان جي حيثيت هڪ مسافر جهڙي آهي جيڪو هڪ اڻڄاتل سفر تان اچي ٿو ۽ هڪ اهڙي منزل ڏانهن روانو ٿي وڃي ٿو جتان واپسيءَ جو ڪو رستو ناهي. زندگيءَ جي ان سچائيءَ کي جڏهن شاعراڻي پيرائي ۾ پرکجي ٿو ته هڪ نهايت گهرو فلسفو سامهون اچي ٿو:

’خالي هٿن سان اچبو آ،
خالي هٿن سان وڃبو آ.‘

هي محض ڪجهه سٽون ناهن پر انساني وجود جي پوري تاريخ ۽ ان جي بي وسيءَ جو اعتراف آهن.

وجود جي ابتدا ۽ انتها جو فلسفو: انسان جڏهن هن دنيا ۾ اک کولي ٿو ته هن جون مٺيون ٻيڙيل هونديون آهن، ڄڻ ته هو پوري دنيا کي پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ جو عزم کڻي آيو هجي. پر قدرت جو نظام ڏسو ته جڏهن اهو ئي انسان پنهنجو آخري سفر شروع ڪري ٿو ته هن جون هٿيليون کُليل هونديون آهن. هيءَ کُليل هٿ پوري ڪائنات کي اها گواهي ڏين ٿا ته مادي دنيا جي هوس، سون چانديءَ، محل ۽ ماڙيون سڀ هتي ئي رهجي وڃن ٿيون. اسان جو اچڻ به خالي هو ۽ وڃڻ به خالي آهي.

سبق آموز حقيقت: ڇا پلٽي رهجي وڃي ٿو؟ شاعريءَ جو ٻيو بند هڪ سواليه نشان بڻجي اسان جي روح کي جهنجهوڙي ٿو:

’سبق انهيءَ مان ملندو آ،
ڇا پلٽي باقي رهندو آ.‘

هي سوال اسان کي پنهنجي عملن جي احتساب ڏانهن وٺي وڃي ٿو جيڪڏهن اسان خالي هٿين وڃون ٿا ته پوءِ اسان جي هجڻ جو مقصد ڇا آهي؟ ڇا رڳو مال گڏ ڪرڻ؟ يا رڳو پنهنجي ذات لاءِ جيئڻ؟

حقيقت اها آهي ته جڏهن جسم مٽيءَ جو ڪاچ بڻجي وڃي ٿو تڏهن رڳو اهي اثر باقي بچن ٿا، جيڪي اسان ٻين جي زندگيءَ تي ڇڏي وڃون ٿا. تاريخ گواهه آهي ته وڏا وڏا بادشاهه ۽ سڪندر جهڙا فاتح به خالي هٿين ويا پر انهن مان ياد رڳو اهي رهيا جن انسانيت لاءِ ڪو ڪم ڪيو.

نيڪي ۽ نيڪ نامي: واحد ورثو هن فڪر جو نچوڙ آخري سٽ ۾ آهي:

’نيڪي نيڪ نامي باقي رهندي آ.‘

هيءَ اها ميراث آهي جنهن کي زوال ناهي. نيڪي رڳو عبادت جو نالو ناهي پر نيڪي نالو آهي: ڪنهن جي ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي تاري ڇڏڻ جو ڪنهن جي لڙڪن کي مرڪن ۾ بدلائڻ جو سچائيءَ جي رستي تي ثابت قدم رهڻ جو ۽ بغير ڪنهن غرض جي انسانيت جي خدمت ڪرڻ جو جڏهن اسان هن فاني دنيا مان رخصت ٿيون ٿا ته اسان جا پويان اسان جي مال ۽ ملڪيت جي ورهاست ڪن ٿا پر معاشرو اسان جي ڪردار جو حساب ڪري ٿو اها نيڪ نامي ئي آهي جيڪا انسان کي مرڻ کان پوءِ به زنده رکي ٿي.

حاصلِ ڪلام: زندگي هڪ اهڙو موقعو آهي جتي اسان کي پنهنجي خالي هٿن کي نيڪين جي خوشبوءِ سان ڀرڻو آهي هيءَ شاعري اسان کي قناعت، تواضع ۽ اخلاق جو درس ڏئي ٿي هي اسان کي ياد ڏياري ٿي ته حرص ۽ هوس جي اُڃ ۾ اسان پنهنجو اصل مقصد نه وساريون جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته اسان جي وڃڻ کان پوءِ به اسان جو نالو روشن رهي ته اسان کي پنهنجي زندگيءَ جو محور نيڪيءَ کي بڻائڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته هر شيءِ فاني آهي رڳو چڱائي ۽ سچائي ئي اها حقيقت آهي جيڪا ابدي آهي اچو ته پنهنجي خالي هٿن سان گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن جي مدد ڪريون ته جيئن جڏهن هتان روانا ٿيون ته اسان جي پٺيان نيڪ نامي جو هڪ اڻکٽ سلسلو موجود هجي

خالي هٿن سان اچبو آ،
خالي هٿن سان وڃبو آ،
سبق انهيءَ مان ملندو آ،
ڇا پلٽي باقي رهندو آ.
نيڪي نيڪ نامي باقي رهندي آ.

گُل پلازه واقعو: سياست بدران غلطين جو اعتراف ڪيو وڃي!


ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ

ماڻهو سڙي رهيا هجن ۽ انهن جا وارث، عزيز ۽ رشتيدار هنن جي لاشن جي ڳولا خاطر هنجون وهائي هارين ته يقيناً اهي منظر انتهائي ڏکوئيندڙ ٿي سگهن ٿا. اتفاقي حادثي جو ٿيڻ ڪنهن مقرر ناهي هوندو پر جيڪڏهن اهڙيون حالتون درپيش هجن ته پوءِ انهن مٿان ڪنٽرول ڪرڻ کي ائين نه ٿو چئي سگهجي، جيئن پاڻ هميشه ٿيندڙ حادثاتي واقعن کانپوءِ ڏسندا رهندا آهيون. ماضيءَ ۾ ڪراچيءَ جي بلديه فيڪٽريءَ ۾ جيڪو واقعو پيش آيو هو. ان ڏينهن ۾ اهي ڳالهيون سامهون آيون هيون ته جڏهن انهيءَ واقعي ۾ ماڻهو سڙندا رهيا ته انتظاميه پاران انهن کي ٻاهر ڪڍڻ ۽ زخمين کي ريسڪيو ڪرڻ لاءِ گيٽ به بند ڪيا ويا هئا ته جيئن اڃان وڌيڪ جاني نقصان ٿئي. سنڌ جي دل ڪراچيءَ مان هر ايندڙ ڏينهن تي ڪا نه ڪا ناخوشگوار خبر ملندي رهي ٿي، ڪڏهن لياريءَ ۾ پراڻيون عمارتون ڊهڻ کانپوءِ انهن شهرين جا لاش ڪڍيا وڃن ٿا ته وري ڪڏهن گئس سلينڊر ڦاٽڻ کانپوءِ ڪيترائي شهري توڙي گهرڀاتي سڙيل حالت ملن ٿا. اهڙن حادثن جي پيش اچڻ کان پوءِ حڪومت ۽ انتظاميه ڦڙتيون هڻندي نظر ايندي آهي باوجود ان جي ماضيءَ ۾ واقعا ٿيا آهن. تن بابت ڪا دادرسي نه پنهنجي جاءِ تي پر اعلانيل انڪوائريون به ڪاغذن تائين محدود بڻجي ويون. اهڙن واقعن کان پوءِ سياسي اڳواڻن جون هڪ ٻئي خلاف پيڪيون ٻڌندا رهندا آهيون. جيئن تازو گل پلازه ۾ واقعو پيش آيو. آرٽيڪل فائيل ٿيڻ تائين 70 ماڻهو مُئل، سڙيل ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيل حالت ۾ مليا آهن ۽ اڃان هڪ سئو کان وڌيڪ ماڻهو (جيڪي پلازه ۾ ڪم ڪار يعني دڪانداري، مزدوري يا رهائش پذير ٻڌايا پيا وڃن) تن جي ڳولا جاري آهي. هتي قيامتِ صغريٰ جهڙا منظر ڏسڻ کانپوءِ جتي سڀني اسٽيڪ هولڊرن، سياسي، سماجي ۽ مذهبي ماڻهن کي پنهنجو انفرادي ڪردار ادا ڪرڻو هو. اتي گذريل هڪ هفتي کان رڳو هڪ ٻئي تي تنقيد کانسواءِ ٻيو ڪجهه نظر نه ٿو اچي.

ڪراچيءَ جي محمد علي جناح روڊ تي واقع گل پلازه 1980ع واري ڏهاڪي ۾ ٺهيو. جتي شروعاتي طور تي ايتري تعداد ۾ ڪي دڪان فليٽس وغيره ٺهيل ڪونه هئا پر هن پلازه ۾ ڪوڙيون اين او سيز وٺي 1998ع ۾ اضافي ڪم ڪرايو ويو بعد ۾ 2003ع ۾ به پلازه اندر اضافي تعميراتي ڪم ڪيو ويو. جنهن دوران به ڪنهن جا چپ به ڪونه چُريا. هتي هميشه ٿيندو ائين آهي جو جڏهن ڪو نقصان ٿي ويندو آهي ته پوءِ اسان جا سياستدان ائين ويهي پنهنجا عيب لڪائڻ ۾ پورا هوندا آهن. جيئن هاڻ سڀ ڳالهيون سامهون اچڻ جو سلسلو جاري آهي. هتي جيڪڏهن ڪا غيرقانوني تعميرات ٿئي ٿي ته ان خلاف بروقت ڪو آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. باقي جڏهن اهڙا واقعا پيش اچن ٿا ته پوءِ هڪ ٻئي جون چنگهون ڇڪيون وڃن ٿيون. ڪراچي ۾ جيڪي به هزارين پراڻيون عمارتون آهن حڪومت پاران انهن خلاف ڪيل ڪارروائين جو ڪاغذن ۾ ته رڪارڊ ٺاهيو ويندو آهي پر اصل جڳهه تي ڪابه ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ڪوبه تيار ناهي. گل پلازه جيڪو هڪ ڪاروباري مرڪز به هو. جتي ميڊيا موجب ته فرسٽ فلور تائين ڪي 15 سئو جي لڳ ڀڳ دڪان ۽ مارڪيٽون هيون. جتي مختلف قسمن جي خريد ۽ فروخت ٿيندي هئي ۽ خاص طور تي غريب طبقي جا ماڻهو گهڻو ڪري هتي اچي شيون خريد ڪندا هئا ۽ هڪ وڏو هول سيل جو ڪاروبار ٿيندو هو. خبرن موجب معمول مطابق پلازه رات جو 10 وڳي بند ٿيندو هو ۽ شاپنگ سينٽر جي چوڌاري کان 26 گيٽ دروازا ٻڌايا پيا وڃن. واقعي واري رات صرف ٻه دروازا کُليل هئا ۽ باقي 24 دروازا رات جو 10 وڳي تائين بند هئا. ڪراچي گل پلازا شاپنگ مال واقعو ڪيئن پيش آيو؟ ان بابت اڃان تائين ڪابه هاڪاري پيشرفت نه ٿي سگهي آهي. رڳو واپاري برادريءَ پاران ٻڌايو پيو وڃي ته پلازه جي هيٺين حصي مان باهه لڳڻ شروع ٿي جيڪا آهستي آهستي سڄي شاپنگ مال کي وڪوڙڻ کانپوءِ 36 ڪلاڪن تائين ٻرندي رهي، جنهن جي نتيجي ۾ هيڏو وڏو نقصان ٿيو آهي. شايد ويجهي ماضيءَ ۾ ڪو پهريون واقعو ٿي ٻڌايو پيو وڃي، جتي باهه مان سڙي مئلن جو حقيقي تعداد اڃان تائين واضح نٿي سگهيو آهي. هتي جيڪڏهن حقيقت تي نظر ڦيرائجي ۽ ٻئي طرف جيڪي ڪراچي واسي پنهنجن پيارن جي ڳولا ۾ ڳوڙها ڳاڙهيندي نظر اچن ٿا ته انهن گم ٿيل ماڻهن جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي، جنهن جي ڪٿا ڪير به نٿو ڪري سگهي.

پاڻ ڳالهه پئي ڪئي ته آخر اهي جيءَ جهوريندڙ واقعا ڇو ۽ ڪيئن جنم وٺن ٿا؟ لاڳاپيل ذميوار ماڻهو، حڪومت ۽ انتظاميه وقت سِر چو حرڪت ۾ نٿا اچن؟ اتفاقي واقعا ضرور آهن پر جڏهن به ڪو ڏکيو وقت اچي ٿو ته اهو قدرتي ٿي هوندو آهي پر سنڌن مٿان قابو ائين ناهي پائبو جيئن گل پلازه ۾ باهه لڳڻ کانپوءِ نه رڳو ڪراچيءَ جو ميئر 24 ڪلاڪن کانپوءِ واقعي واري هنڌ پهتو پر متاثر دڪاندار، جن جو ڪروڙين روپين جو نقصان ٻڌايو پيو وڃي. اهي ماڻهو ٻڌائين رهيا آهن ته جيئن ئي پلازه ۾ باهه لڳي ته انهن پاران بروقت اطلاع ڏنو ويو پر باهه کي وسائڻ لاءِ جيڪي فائربرگيڊ جون گاڏيون اچڻيون هيون، انهن مان صرف هڪ فائر برگيڊ هڪ ڪلاڪ بعد پهتي، جنهن ۾ پاڻي بلڪل نه هو ۽ واقعي وقت اهي ڪاروباري دڪاندار دانهون ڪندا رهيا ته فائر برگيڊ گاڏين جو انتظام ڪيو وڃي پر ڪوبه ٻڌڻ وارو نظر نه آيو.

تنهنڪري اها ڳالهه ضرور قبولڻ گهرجي ته اسان جون حڪومتون وقت سِر ٿيندڙ نقصان کان بچاءَ لاءِ ڪوبه پوتو ڪونه ٿيون ٻارين؟ ان ۾ ڇو نه ڪراچيءَ جي دعويٰ ڪندڙ ماضيءَ جون سياسي پارٽيون هجن يا اڄوڪي حڪومت هجي، هتي جڏهن به ڪراچيءَ ۾ ڪو واقعو ٿيندو آهي ته پوءِ سڀني سياسي پارٽين کي ڪراچي صوبي جهڙيون ڳالهيون ياد اينديون آهن. ساڳئي وقت وفاق جا نمائندا زخمن تي مرهم پٽي رکڻ بجاءِ لوڻ ٻرڪڻ واريون خبرون ڪرڻ ۾ رُڌل آهن. جماعتِ اسلامي يا ايم ڪيو ايم جا اڳواڻ ڪراچيءَ جي لاءِ گهٽيون خبرون ڪن ٿا پر جيڪڏهن مجموعي طور ڏٺو وڃي ته ڪراچي ۾ جيڪي به شهري آبادين ۾ غيرقانوني اضافي تعميراتي ڪم ٿيو آهي ته پوءِ اهو به سندن ئي حڪومتن دوران ٿيو آهي. گل پلازه ۾ جيڪا 2003ع ۾ اضافي ڪنسٽرڪشن ٿي ان وقت اهي ماڻهو ڪٿي گم هئا يا وري جيڪڏهن جماعت اسلامي جو ذڪر ڪجي ته انهن جو ماڻهو به ڪراچيءَ جو ميئر رهي چڪو آهي، تن پاران ڪهڙا قدم کنيا ويا هئا؟ اهي عمل منظر تي ڇو نه پيا آندا وڃن؟ هن وقت گل پلازا شاپنگ سينٽر اندر جيڪا صورتحال آهي يا وري انهيءَ نقصان مٿان بروقت ڪنٽرول ڪجي ها ته نه رڳو اضافي فائر برگيڊ پر انهن گاڏين جو به بندوبست ٿيڻ گهرجي ها، جن جي ذريعي وڏين وڏين عمارتن مٿان چڙهي سگهجي ٿو. مقامي رهواسين توڙي دڪاندارن جو اهو به چوڻ آهي ته جيڪڏهن وقت سِر نه رڳو پاڻيءَ جو اضافي بندوبست ڪجي ها. گڏوگڏ پلازه جا بند ٿيل دروازا ٽوڙجن ها ته شايد ايترو جاني نقصان نه ٿي سگهي ها، ڇو ته اڪثر ماڻهن جي موت جو سبب ٻاهر نه نڪري سگهڻ آهي. هتي حالتون اهڙيون ٻڌايون پيون وڃن ته اڪثر ماڻهو دونهن سبب ساهه ٻوساٽجڻ ۽ اندر ڦاسي وڃڻ کانپوءِ سڙي موت جو شڪار ٿيا آهن. هفتو گذرڻ کان پوءِ اڃان تائين ريسڪيو پاران جيڪو پلازه مان ملبي هٽائڻ جو ڪم ڪيو پيو وڃي، ان مان به مسلسل لاش ملڻ جو سلسلو جاري آهي.

لطيفي لات ——— **شاهه عبداللطيف ڀٽائي**

پِيَ پَسايو پانهِنجو، نِظارو ناگاهه؛
لَٿو ڪَٽُ قُلُوبَ تان، تِي وِرُوهَڻَ واهه؛
اُميدُون اِرواحَ، پِيَ پَسندي پُنِيُون.

(سُرُ سارنگ)

اڄوڪو ڏينهن - 26 جنوري

مختيار انڙ

حفيظ الله حامي

حفيظ الله حامي شڪارپور ضلعي جو مشهور شاعر آهي. هن جو جنم محمد صالح خادم مهر جي گهر اڄوڪي ڏينهن تي 1966ع ۾ ڳوٺ صادق جي واند ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان چڪ شهر جي هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين. ان بعد اسلاميه ڪليج سکر مان بي ڪام جو امتحان پاس ڪيائين. هن 1985ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي، بعد ۾ مضمون پڻ لکڻ شروع ڪيائين. پاڻ پنهنجي شاعريءَ جا ٻه مجموعا ترتيب ڏئي چڪو آهي.

آغا بدرالدين دراني



سنڌ جي هن مشهور سياستدان 23 مارچ 1912ع تي شڪارپور جي مشهور دراني خاندان ۾ جنم ورتو. ڪجهه حوالن ۾ سندس جنم جي تاريخ 26 مارچ ٻڌائي وئي آهي. سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول ڪراچي ۽ علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪيائين. سياسي طور تي سڄي عمر مسلم ليگ سان سلهاڙيل رهيو ۽ انهيءَ ئي پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ جو ٻه ڀيرا ميمبر چونڊيو. هن 1947ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر ۽ 1953ع ۾ اسپيڪر طور ذميداريون نڀايون. کيس ادب ۽ صحافت سان به گهڻي دلچسپي هئي. هن 1937ع ۾ ”پيغام صلح“ ۽ 1945ع ۾ ”نواءِ انقلاب“ نالي سان اخبارون جاري ڪيون ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ ”مسافر حجاز“، ”ڪامرس ان پاڪستان“ ۽ ”سنڌ ۽ هتي جا ماڻهو“ شامل آهن. هن ڳڙهي ياسين ۾ آشيانه ادب جي نالي سان هڪ لائبريري به قائم ڪئي هئي. هن 26 جنوري 1965ع تي وفات ڪئي. آغا بدرالدين دراني بوائز هاءِ اسڪول ڳڙهي ياسين ۽ گورنمينٽ آغا بدرعلم دراني لا ڪاليج سکر سندس نالي سان منسوب ٿيل آهن.

ماڻڪ



اڄ سنڌ جي بيباڪ ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار ماڻڪ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. نوشهري فيروز ۾ 5 مارچ 1943ع تي جنم وٺندڙ هن ناميارو ليکڪ جو اصل نالو منير احمد هو. ايم اي، ايم ايڊ ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول ۾ استاد طور شروع ڪيائين. بعد ۾ ڪلارڪي ڪيائين. صحافت سان به لاڳاپيل رهيو ۽ آخر ۾ وڪالت به ڪيائين. هن جي ادبي پورهئي ۾ هڪ سئو کان مٿي ڪهاڻيون، ڪجهه ناول ۽ ناوليٽ شامل آهن. هو 1970ع واري ڏهاڪي جي وڏن ليکڪن مان هڪ هو. مصور حسين سندس لکڻين ۽ شخصيت بابت مختلف اديبن جا تاثرات گڏ ڪري ”منير کان ماڻڪ تائين“ ڪتاب 2019ع ۾ ڇپايو آهي. سنڌي ادب جي هن نالياري ليکڪ 26 جنوري 1982ع تي پنهنجي پاڻ جو پاڻ انت آڻي ڇڏيو.

ٻهاول انڙ

ٻهاول انڙ لاڙڪاڻي ضلعي جو مشهور زميندار ۽ سماج سڌارڪ هو. هن 10 آگسٽ 1939ع تي ڏوڪري تعلقي جي مشهور ڳوٺ پراڻي آباد ۾ محمد عالم انڙ جي گهر ۾ اکيون کوليون. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ پڙهيو ۽ بي اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين. 1983ع ۾ هن سماٽ تنظيم جو بنياد رکيو. انهيءَ تنظيم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ هن سڄي سنڌ جا دورا ڪيا ۽ پنهنجي خرچ تي ڪيترائي سيمينار ۽ پروگرام منعقد ڪرايا. هن 26 جنوري 1998ع تي چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻي ۾ دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيو.

حاتم علي علوي



اڄ ڪراچيءَ جي مشهور ڪاروباري، سماجي ۽ سياسي شخصيت مرحوم حاتم علي علويءَ جي وفات جو ڏينهن آهي. سندس واسطو ڪراچيءَ جي بوهري خاندان سان هو. هو 20 آڪٽوبر 1989ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائو ۽ سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول مان تعليم حاصل ڪري پنهنجو خانداني ڪاروبار سنڀالڻ لڳو. ڪاروبار سان گڏوگڏ سماجي ۽ سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين. 1917ع ۾ هو ڊاڪٽر اينِي بسنت جي هوم رول ليگ جو سيڪريٽري مقرر ٿيو ۽ سنڌ جو پهريون مسلمان هو، جنهن آل انڊيا ڪانگريس ۾ شموليت اختيار ڪئي. هن 1919ع ۾ ڪانگريس جي سنڌ صوبي واري ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽريءَ طور خدمتون سرانجام ڏنيون. 1927ع ۾ ڪراچي ميونسپل جو سيڪريٽري چونڊيو ۽ 1931ع ۾ انهيءَ ميونسپل جو نائب صدر چونڊيو. 1938-39ع ۾ ڪراچيءَ جي ميئر طور ذميداريون سنڀاليائين. هو ڪراچي پورٽ جو ٽرسٽي ۽ سنڌ صوبي جي ڪوآپريٽو بئنڪ جو نائب صدر رهيو. هن کي اسڪائوٽنگ سان خاص دلچسپي هئي ۽ ڪراچيءَ جي بوائز اسڪائوٽنگ ايسوسيئيشن جو صدر رهيو. هو ڪراچيءَ جي ٻين به ڪيترين ئي سماجي، سياسي، تعليمي ۽ ڪاروباري ڪاميٽين جو ميمبر رهيو. هن سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ واري هلچل ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو ۽ ڪانگريس ڇڏي آل انڊيا مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. سائين جي ايم سيد پنهنجي مشهور ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ هن جي زندگيءَ جو تفصيلي احوال لکيو آهي. هن 26 جنوري 1986ع تي وفات ڪئي.

ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي

سنڌ جي هن ناليواري سائنسدان، تعليمي ماهر ۽ انتظامي سربراهه جو جنم 25 جون 1929ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس واسطو تصرپور جي مشهور قاضي خاندان سان هو. هن مئٽرڪ تائين تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان ڪراچيءَ مان پاس ڪيو. اڳتي هلي ڪنگس ڪاليج لنڊن مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪيميا واري شعبي ۾ فيڪلٽي ميمبر طور ڪئي. اڳتي هلي پاڻ ساڳئي شعبي جو باني ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. اڄڪلهه انهيءَ اداري کي ”ڊاڪٽر ايم اي قاضي انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري“ سڏيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر قاضيءَ ڪيترن ئي اهم عهدن تي رهي خدمتون سرانجام ڏنيون، جن ۾ تعليم کاتي جو سيڪريٽري، يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن ۽ پاڪستان ڪائونسل آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو چيئرمين، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ لاءِ پاڪستان جي صدر جو صلاحڪار ۽ ٻيا عهدا شامل آهن. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سائنس سوسائٽيءَ جي باني ميمبرن مان هڪ هو ۽ ”سائنس“ رسالي جو ايڊيٽر رهيو. هو هڪ وڏو ليکڪ پڻ هو ۽ مختلف سائنسي موضوعن تي 17 ڪتاب لکيائين. ڊاڪٽر ممتاز علي قاضيءَ 26 جنوري 1988ع تي هن فاني جهان مان موڪلايو.

اينيمري شمل



اڄ تصوف جي جڳ مشهور ماهر ۽ شاهه جي شاعريءَ تي عالمي سطح جي تحقيق ڪندڙ اسڪالر اينيمري شمل جي وفات جو ڏينهن آهي. اسلام، تصوف ۽ صوفي ازم جي پارکو هن عظيم عورت جو جنم جرمنيءَ جي شهر ايرفورٽ (Erfurt) ۾ 7 اپريل 1922ع تي ٿيو. جرمنيءَ جي برلن يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران هن شمس الدين تبريزي ۽ مولانا جلال الدين روميءَ جي شاعريءَ جو مطالعو ڪيو. 1941ع ۾ هن ڊاڪٽريٽ جي سند حاصل ڪئي 1946ع ۾ هوءَ جرمنيءَ جي ماربرگ يونيورسٽيءَ ۾ عربي ۽ اسلامڪ اسٽڊيز جي پروفيسر مقرر ٿي انهيءَ يونيورسٽيءَ مان هن 1954ع ۾ مذهبن جي تاريخ تي ڊاڪٽريٽ جي پي ايڇ ڊي سند حاصل ڪئي. 1957ع کان 1967ع تائين هن انقره يونيورسٽيءَ ۾ مذهبن جي تاريخ جي پروفيسر طور ڪم ڪيو ۽ ترڪي ٻوليءَ تي عبور حاصل ڪيو. 1967ع کان 1992ع تائين لاڳيتا 25 سال هن جڳ مشهور هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر طور ڪم ڪيو. 1980ع واري ڏهاڪي ۾ هوءَ مذهبن جي انسائيڪلوپيڊيا جي ايڊيٽوريل بورڊ جي ميمبر رهي. 1992ع ۾ هارورڊ يونيورسٽيءَ مان رٽائر ٿيڻ بعد هن جرمنيءَ جي بون يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر ايميرائيٽس طور ڪم ڪيو. اينيمري شمل صوفي ازم، اسلامي ڪلاسيڪي شاعري ۽ اسلامي لوڪ ادب جي وڏي ڄاڻو هئي. هن الهالاج، حافظ، رومي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، علامه اقبال ۽ اسلامي دنيا جي ٻين ڪيترن ئي شاعرن جي شاعريءَ ۽ پيغام جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو. هن کي عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ سميت دنيا جي 25 وڏين ٻولين جي ڄاڻ هئي. هن 105 ڪتاب لکيا، جن ۾ مختلف ٻولين مان ترجمو ٿيل ڪتاب به شامل آهن. اينيمري شمل حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو ڪجهه حصو جرمن ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. هن 25 آڪٽوبر 1982ع تي گوئٽي انسٽيٽيوٽ ڪراچيءَ ۾ مڪليءَ جي ٽڪريءَ بابت هڪ تفصيلي ليڪچر ڏنو اهو ليڪچر بعد ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ڊاڪٽر نواز علي شوق انهيءَ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو جيڪو سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. هن عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي شاعري ۽ ديني ڪتابن جو به اڀياس ڪيو. هن خواجه مير درد ۽ ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جي صوفياڻي شاعري ۽ موضوعن جي ڀيٽ ڪندي هڪ ڪتاب Pain and Grace لکيو جنهن ۾ استعاري طور هن لفظ Pain مير درد لاءِ ۽ Grace ڀٽائيءَ لاءِ استعمال ڪيو آهي. هن سنڌي ادب ۽ سنڌي صوفي شاعريءَ تي ڪيترائي مقالا لکيا. هن عظيم عورت 26 جنوري 2003ع تي هن دنيا مان موڪلايو. هن وصيت ڪئي هئي ته وفات کان پوءِ کيس مڪليءَ جي قبرستان ۾ پير حسام الدين شاهه راشديءَ جي آخري آرامگاهه جي پر ۾ دفن ڪيو وڃي. افسوس جو سندس اها خواهش پوري نه ڪئي وئي ۽ کيس جرمنيءَ ۾ دفنايو ويو. البت پير حسام الدين راشديءَ جي مزار پرسان اينيمري شمل جي علامتي قبر جي هڪ تختي آويزان ڪئي وئي آهي.

گل محمد چنا



هن ناميارو اديب 3 اپريل 1947ع تي نواب شاهه ۾ محمد عمر چنا جي گهر ۾ اکيون کوليون. ايڇ ايم خواجه هاءِ اسڪول نواب شاهه مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري ساڳئي ئي اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. اڳتي هلي ماستري نوڪري ڇڏي بئنڪ ۾ ملازمت اختيار ڪيائين ۽ 1997ع ڌاري رٽائر ٿيو. ادب سان ننڍي هوندي کان ئي ڪافي لڳاءُ هئس. شاگرديءَ واري زماني ۾ ”ادا“ مئگزين جاري ڪيائين. بئنڪ ۾ ملازمت دوران ”بينڪنگ ميگزين“ ڇپائڻ شروع ڪيائين. هو سڄي عمر سنڌي ادبي سنگت جو ميمبر رهيو ۽ اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪيترائي ليک لکيائين. 2007ع ۾ ”پيار ۽ پڇتاءُ“ نالي سندس هڪ ناول شايع ٿيو. هن 26 جنوري 2003ع تي وفات ڪئي.

بقايا 1 قتل جا اطلاع

ڳوٺ ٺور ماڊل وليج جي رهواسي آصف علي کوسو سان پسند جي شادي ڪئي هوئي جنهن بعد جتوئي ۽ کوسا ڌر وچ ۾ تڪرار بعد پلاٽ ۾ پڻ عورتن سڪينا کوسو ۽ سوئيا کوسو جي مبينا اغوا ڪيو ويو هو جنهن بعد سياسي توڙي ٻنهي ڌرين جي چڱن مڙسن وچ ۾ اچي مبينا اغوا ٿيل عورتون واپس ڪرائي تڪراري ناري نظيران جتوئي کي قاضي احمد پوليس حوالي ڪيو هو عدالت ڪيس سيف هائوس نواب شاهه منتقل ڪيو هو جنهن بعد ناري کي پنهنجي وارثن حوالي ڪيو ويو هو قتل ٿيل ناري نظيران جتوئي 2024 ۾ گهران نڪري ٺور ماڊل وليج واسي آصف کوسو سان عدالتي پيار جو پرڻو ڪيو هو

بقايا 2 گهر سڙي رک

متاثر خاندان کليل آسمان هيٺ ويهڻ تي مجبور آهن ۽ سخت سردي سبب ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن. متاثر خاندان پاران سرڪاري ادارن، سماجي تنظيمن ۽ مخير حضرات کان فوري امداد ۽ واهر جي اپيل ڪئي وئي آهي

بقايا 3 اسپتال داخل

نوجوان جمن چانڊيو کي ٽڪر لڳو جنهن جي نتيجي ۾ مستائي جي هڪ ٻانهن موقعي تي ئي ضايع ٿي وئي، جنهن بعد موقعي تي موجود شهرين کيس ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪنائي ٽراما سينٽر پهچايو جتي ڊاڪٽرن طرفان نوجوان کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي. ان موقعي ڊاڪٽرن پاران مستائي نوجوان جمن چانڊيو جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي.

بقايا 4 لاش هٿ

موجب لاش جو پوسٽ مارٽم ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته فوتگي جا سبب اڃا تائين معلوم نه ٿي سگهيا آهن. پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ مختلف پهلوئن کان معاملي جي ڇنڊڇاڻ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 5 راهو جي تعزيت

اسماعيل راهو معاون خصوصي براءِ اقليتي معاملا ڊاڪٽر شام سندر ايڊواڻي ۽ اڳوڻي سينيٽر ڪرشنا ڪماري چيو ته ڪيلاش جو قتل انتهائي افسوسناڪ واقعو آهي جنهن سموري سنڌ کي سوگوار ڪري ڇڏيو آهي سنڌ پوليس بروقت ڪاروائي ڪندي ڪجهه ڏينهن ۾ قاتل کي گرفتار ڪيو باقي پرامن احتجاج هر شهري جو جمهوري حق آهي هنن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ گهرو وزير ضيا لنجار ان معاملي کي ڏسي رهيا آهن ان موقعي تي معاون خصوصي براءِ اقليتي معاملا ايم پي اي ڊاڪٽر شام سندر ايڊواڻي چيو ته انساني جان جي اهميت تمام گهڻي آهي ان جو ڪوبه نعمل بدل نه آهي هن ڪيلاش ڪولهي جي وارثن لاءِ 10 لک روپيا ڏيڻ جو اعلان ڪيو هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي اقليتي ڀائرن سان گڏ آهي قاتل جي گرفتاري کان سزا ڏيارڻ تائين مقتول جي وارثن سان گڏ آهي هن چيو ته ان معاملي ۾ ڪيلاش جا وارث پاڻ کي اڪيلو نه سمجهن

بقايا 6 لاڏاڻو ڪري ويو

ڪيو ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ سياسي سماجي ادبي صحافتي حلقن سميت پ پ جي اڳواڻن ڪارڪنن سميت پ پ ڪلچرل ونگ جي اڳواڻن ڪارڪنن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي مرحوم جوتڏو حيدرآباد جي غريب نواز ڪالوني ۾ پراڻي سبزي منڊي پرسان وڇايو ويو آهي پ پ فيڊرل ڪائونسل جي ميمبر اڳوڻي ايم اين اي قاضي اسد عابد پ پ اڳواڻ لياقت علي شاهاڻي جي والد جي لاڏاڻي تي ڏک جواظهار ڪندي دلي تعزيت جواظهارڪيو آهي ڪامريڊ سخي محمدرمضان خاصخيلي يادگارڪاميٽي جي چيئرمين صحافي غلام حسين خاصخيلي سنڌجي ناميارو اديب شاعر صحافي ديدارشاد گوپانگ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي فنانس سيڪريٽري جاني خاصخيلي پ پ ڪلچرل ونگ سنڌجي سيڪريٽري جنرل لياقت علي شاهاڻي جي والد عبدالله خان شاهاڻي جي وفات تي ڏک جواظهارڪندي مرحوم جي پٽن لياقت علي شاهاڻي شوڪت علي شاهاڻي جاويد شاهاڻي سان ڏک جواظهارڪندي دلي تعزيت جواظهارڪندي الله سائين جي در دعا ڪئي آهي ته الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعلي درجو عطاڪندس

بقايا 7 احتجاجي مظاهرو

چوڪ کان نيشنل پريس ڪلب ٺٽو تائين جيئي سنڌ تحريڪ جي اڳواڻ راول ڪرناٽي علي ڪرناٽي قومپرست سياسي اڳواڻن ۽ شهرين گلاب لنڊ حفيظ آزاد زنئور فرهاد ميمڻ مبين جوکيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نڪتل احتجاجي ريلي ۾ نوجوانن جي هٿن ۾ پينافليڪس ۽ پلي ڪارڊ هئا جيڪي شهري آبادين مان هيوي گاڏين جي گذر خلاف نعرا هڻي رهيا هئا احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي قومپرست سياسي ۽ نوجوان اڳواڻن چيو ته ٺٽي ۽ مڪلي جي شهري آبادين مان ڊمپرن سميت هيوي گاڏين گذرڻ روز جو معمول بڻيل آهن جنهن سبب ڪيترائي خوفناڪ حادثا ٿيا آهن ۽ انساني زندگيون ضايع ٿي ويون آهن هنن پرزور مطالبو ڪندي چيو آهي ته شهري آبادين مان ڊمپرن ۽ هيوي لوڊيڊ گاڏين جي گذرڻ تي پابندي لاڳو ڪري انهن کي متبادل باءِ پاس رستي تان گذاريو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 8 انصاف نه ٿيو

جڏهين ته فوتي جو والد نابين آهي ۽ يتيم ٻار بي يارو مددگار ٿي ويا آهن هن جي وارثن لاءِ سيٺ موهن کي جلد مالي مدد ڪرڻ گهرجي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 9 نوجوان قتل

پنهنجي نوجوان ڌيءَ گلناز ۽ نوجوان مبينا آشنا خان محمد عرف خاتو چاچڙ کي قتل ڪري ڇڏيو پوليس ذريعن موجب جوابدار پنهنجي ساٿين جي مدد سان ٻنهي مقتولن جا لاش درياءَ ۾ وهائي ڇڏيا ته جيئن ثبوت مٽائي سگهجن واقعي ڪانپوءِ جوابدار فرار ٿي ويو پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري جوابدار جي گرفتاري لاءِ مختلف علائقن ۾ ڇاپا هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي واقعي بعد علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو آهي.

بقايا 10 احتجاج

ڪمالديرو ايس ايڇ او ذيشان مهيسر ٻالاڻن جي ونگاري بڻجي بناجواز گهرن تي چڙهائي ڪري ٺو روڊ رستن تي چيڪنگ بهاني ماڻهن گرفتار ڪري گهري رشوت وٺي آزاد ڪري ٿو هنن جو چوڻ هيو ته اسان سولنگي غريب مسڪين آهيون مزدوري ڪري گهر جو گذرسفر ڪيو ٿا ڪوبه فريادي يا ڪيس داخل ناهي پر ٻالاڻن جي ونگاري پوليس جي ظلمن سبب اسان لڏپلاڻ تي مجبور آهيون هنن پاران سنڌ جي گهرو وزير آئي جي سنڌ ڊي آئي جي ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز وس وارن اپيل ڪئي ته پوليس جي ظلمن جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ايس ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو لڳايو ويندو.

بقايا 11 احتجاجي مظاهرو

مهينا اڳ چانڊيا برادري جي ماڻهن اسان جي پٽ سليم تيوڻو مٿان موٽرسائيڪل چوري جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري اسان جي گهر مٿان به پيرا چڙهائي ڪرائي هئي، جيڪا ثابت نه ٿيڻ ڪري پوليس واپس موٽي وئي هئي. هنن چيو ته سليم تيوڻو بلوچستان ۾ مزدوري ڪري گهر جو گذرسفر ڪندو هو جتي ڪيس ٽنگهه ۾ ڌڪ لڳڻ سبب هو واپس ٻاڍهه موٽي آيو ۽ علاج لاءِ ڏوڪري وڃي رهيو هو ته ڪيس زبردستي ڪٽي پوليس حوالي ڪيو ويو آهي. هنن چيو ته اسان جو پٽ بيگناهه آهي، ڪيس ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار مٿي ڄاڻايل ماڻهو هوندا، اسان اهڙي واقعي جي ٻاڍهه ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل ڪرائي آهي. هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪري بيگناهه گرفتار ٿيل پٽ کي ڇڏائي اسان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 12 مڃتا لاءِ احتجاج

تائين سنڌن مسئلا حل نه ٿيا آهن. سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ 40 کان وڌيڪ نمبر حاصل ڪندڙ اميدوارن کي ايڊجسٽ ڪيو ويو آهي، جڏهن ته سکر سٽي جا ويٽنگ اميدوار اڃا تائين آفر آرڊر جا منتظر آهن. هن چيو ته سکر ۾ ميرٽ اڃا تائين 50 نمبر تي قائم آهي، جڏهن ته ٻين علائقن ۾ 32 ۽ 33 نمبر حاصل ڪندڙن کي پڻ نوڪريون ڏئي ڇڏيون ويون آهن. مظاهرين الزام لڳايو ته وزير تعليم سردار شاهه ۽ وزيراعليٰ سنڌ پنهنجن حلقن ۾ گهٽ نمبر وارن اميدوارن کي هزارين جي تعداد ۾ آفر آرڊر جاري ڪيا آهن، جڏهن ته سڄي سنڌ ۾ 7 کان 8 هزار اهڙا اميدوار آهن جن جا نمبر 40 کان 50 جي وچ ۾ آهن ۽ اهي اڃا تائين بيروزگار آهن. مظاهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن انهن جون گهرجون مڃيون نه ويون ته اهي ڪراچي ۾ شديد احتجاج ڪندا ۽ بلاول هائوس ۽ وزيراعليٰ هائوس جو گهيرو به ڪندا، جنهن جي مڪمل ذميواري سنڌ حڪومت تي هوندي.

بقايا 13 صدام بلهڙو

انفارميشن سيڪريٽري مير صدام بلهڙو ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته گل پلازا ۾ باهه جي واقعي کي بهانو بڻائي سنڌ وفاق حوالي ڪرڻ ۽ 18ترميمير کي ختم ڪرڻ جون ڳالهيون ڪندڙ عقل کان ڪم وٺن، هن چيو ته سنڌ صدين جي تاريخ آهي جيڪا موهن جو دڙو عمر ڪوٽ ، ڪوٽ ڏيجي ۽ مهراڻ جي ڪنارن تي جنم وٺندڙ اها ڌرتي آهي، جنهن هزارين سالن کان حملن، سازشن ۽ غلاميءَ خلاف مزاحمت ڪئي آهي. جنهن ڌرتي شاهه لطيف جهڙا عظيم مفڪر سچل سرمست جهڙا باغي شاعر ۽ هوشو شيدي جهڙا امر ڪردار پيدا ڪيا هجن. ان سنڌ کي ڪنهن به سازش سان ڪمزور نٿو ڪري سگهجي. مير صدام بلهڙو چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هر سنڌ دشمن منصوبي، هر نفرت انگيز بيان ۽ هر اهڙي عمل کي سختي سان رد ڪري ٿي، جيڪو سنڌ جي وحدانيت کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪري. سنڌ خلاف ڪنهن به سياسي، مذهبي يا لسانئي سازش کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي تاريخ شاهد آهي ته جڏهن به هن ڌرتي تي وار ٿيو آهي، تڏهن سنڌي قوم گڏ ٿي جواب ڏنو آهي. اڄ به سنڌ جو عوام پنهنجي وحدانيت، وسيلن ۽ قومي وقار جي تحفظ لاءِ هر محاذ تي جدوجهد ڪرڻ ڄاڻي ٿو پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ آخري ساهه تائين سنڌ جي سالميت، تاريخي حيثيت ۽ قومي سڃاڻپ جي حفاظت ڪندي رهندي. مير صدام بلهڙو وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ، شهيد بينظير ڀٽو صاحبه پاڪستان جي سالميت ۽ بقا خاطر قرباني ڏئي چئني صوبن کي جڪڙي رکيو آهي پاڻ ۾ پر ڪجهه عناصر چاهن ٿا ته پاڪستان جي سلاميت نه رهي ۽ وفاق ڪمزور ٿئي.

بقايا 14 نفيسه شاهه

شاهه پاران تاجر اڳواڻن ۽ دڪاندارن کي هر مُمڪن ۽ جائز مدد جي يقين ڏياڻي ڪرائي وئي شهر ۾ انتظاميه پاران غير قانوني حددخلين خلاف ٿيندڙ آپريشن سئو سنوڻ آهي ڊاڪٽر نفيسه شاهه چيو ته انتظاميه پاران هلندڙ آپريشن ۾ ڪنهن به دڪاندار سان ناجائزي نه ٿيندي اگر ڪوئي دڪاندار غير قانوني حددخلين ۾ مُلوث آهي ته اهو حددخليون ختم ڪرائي ۽ غير قانوني عمل کان پري رهي خيرپور شهر اسان سڀني جو آهي ۽ اسان کي پنهنجي شهر جو خيال رکڻو آهي هن چيو ته ضلعي انتظاميه پاران غير قانوني حددخلين خلاف هلندڙ آپريشن ۾ تاجر اڳواڻن ۽ دڪاندارن کي انتظاميه کي سپورٽ ڪرڻ گهرجي ته جيئن شهر مان حددخلين جو خاتمو ٿي سگهي.

بقايا 15 لاڏاڻو ڪري ويو

ويو سندس جنازي نماز ۾ ميونسپل ڪميٽي پولهاڙي جي چيئرمين فقير داد کوسو وائيس چيئرمين منثار علي خاصخيلي فوڪل پرسن مير اصغر کوسو رئيس منظور حسين کوسو انچارج 15 ٽنڊوالهيار سرمد کوسو محمد اشرف کوسو ايس ايڇ او نيڪ محمد کوسو سائين ممتاز علي کوسو رئيس طارق کوسو سينيئر صحافي ڏٿي بخش باريجو سينيئر صحافي غلام حسين زخمي سينيئر صحافي اسد مگريو سنڌ بار ڪائونسل جو ميمبر مير احمد مگريو ڊاڪٽر منظور احمد کوسو بلوچستان ڊاڪٽر جاويد احمد زهري عبدالوحيد کوسو آصف علي کوسو سياسي سماجي صحافي ۽ علائقي واسين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي مرحوم کي خدا جي بستي قبرستان ۾ هزارين ماڻهن آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو جڏهن ته تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي

بقايا 16 صدر منتخب

سيڪريٽري تي شوڪت علي پوهيو 304 ووٽ حزب الله خاصخيلي 193 ووٽ، ايڊيشنل سيڪريٽري تي شير محمد اڄڻ 281 نصير خان لغاري 203 ووٽ، انفارميشن سيڪريٽري تي علي رضا خانزادو 259 ووٽ کٽي ڪامياب ٿيو رياض حسين سولنگي 224 ووٽ کنيا. جوائنٽ سيڪريٽري تي اختر علي پريچو 254 ووٽ لائبريري سيڪريٽري تي ثناءُ الله عباسي 291 خزانچي تي اظهر علي رند ڪامياب ٿيو

بقايا 17 ڪانفرنس منعقد

خطاب ڪندي قائد ملت جعفريه پاڪستان علامه سيد ساجد علي نقوي، صوبائي صدر سنڌ ڊاڪٽر علامه سيد اسد اقبال زيدي، سينيئر نائب صدر علامه سيد محسن علي شاهه جنرل سيڪريٽري علامه جعفر سبحاني علامه محمد محسن مهدوي، علامه سيد عمران عباس ڪاظمي علامه [illegible] علامه مدد علي [illegible] مولانا ڪفايت حسين قريمي محمد حسين چانڊيو قربان علي حيدري ۽ ٻين علمائي ڪرام ذاڪرين خطاب ڪندي چيو آهي ته درگاهون امن جو پيغام ڏينديون آهن اهي ڪهڙا عناصر هئا جن کي امن پسند نه آيو؟ سيوهڻ درگاهه سانحي کي 9 سال گذري ويا آهن پر واقعي جي ذميدارن کان عوام اڄ تائين بي خبر اهي ان ڪري حڪومت ۽ ادارا پنهنجي ذميواري پوري ڪن هنن چيو ته سيوهڻ سانحي سميت ڪراچي، خيرپور، شهدادڪوٽ، ڪوٽڙي، نوابشاهه، ٽنڊو آدم، شڪارپور ۽ جيڪب آباد جي واقعن جون حقيقتون سامهون آنديون وڃن ۽ ملوث دهشتگردن خلاف قانوني ڪاروائي عمل ۾ آندي وڃي. حڪمران مهانگائي ۽ بيروزگاري تي توجهه ڏين ملڪي معيشيت کي مضبوط ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي. سنڌ جي مختلف علائقن ڪشمور، دادو، ڪنڌڪوٽ، شڪارپور، گهوٽڪي، جيڪب آباد ۽ ٻين علائقن ۾ امن امان جي صورتحال تمام خراب آهي ڌاڙا ڦرون اغوا ۽ ڀتاخوري جي بازار گرم آهي، سنڌ جو وڏو وزير سنڌ جي ڪچي جي علائقن ۾ امن بحال ڪرائي. هنن چيو ته عزاداري اسان جو آئيني حق ۽ شهري آزادي جو مسئلو آهي ان ڪري سبيلن جي قيام ۽ عزاداري ۾ ڪابه رڪاوٽ قبول ناهي، آخر ۾ شهيدن جي ايصال ثواب جي دعا سان گڏ ملڪي ترقي خوشحالي ۽ سالميت لاءِ دعا پڻ گهري وئي.

بقايا 18 تيزي سان جاري

ڪنڌڪوٽ سائيٽ تي هن وقت تائين ٿيل ڪم موجب پل جا 379 پائل، 363 شافٽ، 115 ٽرانسمر ۽ 30 گرڊر مڪمل ڪيا ويا آهن جڏهن ته ڪنڌڪوٽ واري حصي ۾ پل جي ڊيگهه لڳ ڀڳ 6 ڪلوميٽر آهي گهوٽڪي سائيٽ تي به ڪم جاري آهي جتي هن وقت تائين 43 پائل ۽ 3 شافٽ مڪمل ڪيا ويا آهن، جڏهن ته گهوٽڪي واري حصي ۾ پل جي ڊيگهه لڳ ڀڳ 0.75 ڪلوميٽر آهي ذريعن موجب هي منصوبو پاڪستان جي وڏن پلن مان هڪ آهي جيڪو موجوده سال مڪمل ٿيڻ کان پوءِ 2027 جي شروعات ۾ افتتاح ٿيڻ جو امڪان رکي ٿو پل جي تعمير سان ڪنڌڪوٽ ۽ گهوٽڪي ضلعن جي وچ ۾ سفر جو فاصلو گهٽجي ويندو جنهن سان عوام کي آمدرفت ۾ سهولت ملندي ۽ علائقي ۾ واپار، صنعت ۽ ڪاروباري سرگرمين کي هٿي ملندي علائقي جي رهواسين پاڪستان پيپلزپارٽي جي حڪومت ۽ وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي قدمن کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته هي منصوبو نه صرف ٽرانسپورٽ جو وڏو مسئلو حل ڪندو پر ٻنهي ضلعن جي معاشي ترقي ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪندو

بقايا 19 پارڪ جو دورو

اتي موجود ٻارڙن ۾ مٺائي ورهائي ۽ جهولي تي ٻارڙن کي جهولائيندي ڏسي خوشي جو اظهار ڪندي چيو ته پارڪ ۾ ٻارڙن جي تفريح جا وڌيڪ سامان لڳايا وڃن، هتي شهر سميت ٻين آس پاس جي علائقن جا ماڻهون پڻ ٻارڙن سان تفريح لاءِ اچن ٿا.

بقايا 20 حلقن ۾ سوڳ

تنقيد ۾ "ويچار" ۽ سنڌي ڪهاڻي ۾ "جڏهن مان چوهٽ جو هيندس" جهڙا ڪتاب ڏئي وڏو ڪم ڪيو ممتاز مهر جا ڪتاب سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ اهم مقام رکن ٿا. هن چيو ته ته ممتاز مهر ڪراچي يونيورسٽي مان فلسفي ۾ ماسٽرس ڪئي ۽ وڏي عرصي تائين سنڌي ادبي سنگت سان سلهاڙيل رهيو [illegible] سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جو چوڻ هو ته ممتاز مهر جي وڇوڙي تي سندس پوئلڳين سان گڏ سنڌ جي سڀني ادبي حلقن سان عذرخواهي ڪجي ٿي.

بقايا 21 ملهايو ويو

جي مدرسه دارالعلوم فيض محمديه حسينيه پرائو بس اسٽينڊ ۾ سنڌ جي مشهور درگاهه حسين آباد قمبر جي سجاده نشين پير سيد عطاءِ الله شاهه بخاري جي صدارت هيٺ گڏيل طور جلسو منعقد ڪيو ويو ان موقعي تي حضرت قبلا پير سيد نصرالله شاهه بخاري منعقد ڪيل جلسي ۾ خصوصي طور شرڪت ڪري پنهنجي خطاب ۾ چيو ته بابا سائين حضرت پير سيد غلام حسين شاهه بخاري پنهنجي حياتي ۾ دين اسلام لاءِ تمام وڏي تبليغ ڪري دين کان پاسي پيل مسلمانن کي الله پاڪ ۽ سندس پياري حبيب ڪريم ﷺ جي ڏسيل رستي تي آندو جنهن عمل سان مسلمانن جي زندگي توڙي آخرت سنوارجي وئي، جڏهن ته بابا سائين جن جي ظاهري طور ڌار ٿيڻ کان پوءِ سندس فرزند پير سيد عطاءِ الله شاهه بخاري دين اسلام لاءِ تبليغ ڪري رهيو آهي ته جيئن ڪوبه مسلمان پنهنجي دين کان ڀٽڪي نه سگهي، جيڪو عمل اڳتي به جاري رهندو. هن وڌيڪ چيو ته پير سيد گل محمد شاهه بخاري هميشه بابا سائين جن سان گڏ رهي دين اسلام لاءِ تمام گهڻي قرباني ڏني هئي، جنهن کي هميشه سنهري اکرن ۾ ياد رکيو ويندو هن مسلمانن کي هدايت ڪئي ته الله پاڪ ۽ سندس پياري محبوب حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي ڏسيل رستي تي هلندي نماز، قرآن، نيڪ عمل، انسان ذات جي مدد ۽ خدمت واري جذبي کي عام ڪيون وڃي ته جيئن هن معاشري مان برائين جو مڪمل طور تي خاتمو ٿي سگهي ۽ عالم اسلام هميشه آباد رهي. ان موقعي تي حضرت قبلا صاحبزاده سيد ثناءِ الله شاهه بخاري، سيد محمد مطهر شاهه بخاري، مفتي عبدالقادر بروهي، مولانا قاري طارق حسين جت، مولانا قاري شوڪت جت، قاري غلام اڪبر سهڙو مولانا همت علي حسيني، مولانا صفدر حسيني، صفدر لاڙڪ، حافظ عنايت الله وڏن مولوي صدام حسين ٽگڙ حافظ عبدالوحيد جت سميت هزارن جي تعداد ۾ حسيني جماعت جي فقيرن پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي جلسي جي اختتام تي درگاهه حسين آباد قمبر جي سجاده نشين پير سيد عطاءِ الله شاهه بخاري طرفان ملڪ ۽ قوم جي ترقي، خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي.

بقايا 22 متاثرن وٽ پهتو

رات تشدد ڪيو ويو هن دعويٰ ڪئي ته راجا مهر ڏي سندس 20 ڪروڙ رپيا آهن. جڏهن ته ايم پي اي سندس نالي تي بئنڪن مان ڪروڙين رپيا قرض به ورتا آهن. وشال ڪمار پنهنجي والد لال چند جي اغوا جو به الزام لڳايو جنهن موجب لال چند مغرب وقت گهوٽڪي کان خانپور مهر ويندي رستي تان مبينا طور گم ٿي ويو ۽ اهو سڀ ڪجهه ڪيس بيان ڏيڻ لاءِ دٻاءُ وجهڻ خاطر ڪيو ويو ٻئي طرف پيپلز پارٽي جي ايم پي اي علي نواز عرف راجا مهر تشدد جا الزام سختي سان رد ڪري ڇڏيا آهن هن چيو ته وشال ڪمار سندس بزنس پارٽنر آهي ۽ ڪيس اطلاع مليو هو ته وشال ڪجهه ماڻهن سان مبينا فراڊ ڪيا آهن، جنهن بعد هن حساب ڪتاب طلب ڪيو راجا مهر جو چوڻ هو ته سندس سياسي مخالف هن معاملي کي استعمال ڪري سندس خلاف پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن، ۽ هن معاملي جي صاف شفاف جاچ جو مطالبو پڻ ڪيو بعد ۾ وشال ڪمار جي والد لال چند پاڻ اغوا يا يرغمال بڻجڻ واري الزام کي رد ڪري ڇڏيو. لال چند موجب معمول موجب رات جي ماني دوران دير ٿي وئي هئي، جنهن بعد هو گهر پهچي ويو هو ڪيس نه ڪنهن اغوا ڪيو ۽ نه ئي يرغمال بڻايو ويو. هوڏانهن سموري ڪي سرچاءِ ڪرڻ لاءِ صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر سرگرم ٿي ويو خانپورمهر ۾ هندو پنچائت وٽ صوبائي وزير پهتو ۽هندو برادري ۽پنچائت سان گڏجاڻي ڪئي جتي پيپلز پارٽي جي صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر ضلعي چيئرمين بنگل خان مهر ۽ هندو پنچائت جي مکي چندر ٻان تشدد جو نشانو بڻايل وشال ڪمار جو ولد لال چند. مکي سورج ڪمار رميش لال. مينهون مل. گهنشام داس ٻيا پڻ موجود هئا. صوبائي وزير وشال ڪمار جي ولد لال چند سان ڀاڪر پائي مليو ۽ هندو برادري کي انصاف جي خاطري ڪرائي، گڏجاڻي ۾ وشال ڪمار پڻ موجود هو ذريعن موجب ان موقعي صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر هندو پنچائت جي اڳواڻ سان گڏجاڻي ڪئي. ذريعن موجب محمد بخش خان مهر چيو ته منهنجي موجودگي ۾ جيستائين مان يا بنگل خان مهر موجود آهيون، ڪنهن کي به انڌيا وجهڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، ۽ مسئلا ٿورا يا گهڻا هر وقت پيدا ٿيندا رهندا ٻئي پاسي، ايس ايس پي گهوٽڪي انور کيتران چيو آهي ته پوليس وٽ هن معاملي جو ڪوبه فريادي (شڪايت ڪندڙ) اڃا تائين نه آيو آهي. هن واضح ڪيو ته "جڏهن ڪو فريادي ايندو ته قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 23 تنوير آرائين

حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس هميشه صحافين جي حقن ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ صحافتي ادارن جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ عملي ڪوششون ڪيون آهن. تنوير احمد آرائين چيو سنڌ جي صحافين لاءِ سرگرم آهن ۽ پاڪستان جي سڀني صحافين جي نمائندگي ڪندڙ تنظيمون آهن جن صحافين جي تحفظ ۽ حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي ۽ مستقبل ۾ به ڪوششون جاري رهنديون سينئر نائب صدر چيو ته حڪومت جي صحافين جي تحفظ جي دعوائن جي باوجود، صحافين کي ڪيترين ئي مشڪلاتون درپيش آهن. هن چيو ته PFUJ ۽ HUJ هر موڙ تي صحافين ۽ صحافتي ادارن کي مڪمل تعاون ۽ مدد فراهم ڪئي آهي. تنوير احمد آرائين چيو ته يونين پي اي سي اي قانون خلاف احتجاج ۽ سخت جدوجهد پڻ ڪئي آهي. هن چيو ته ايڇ يو جي جا نوان چونڊيل عهديدار صحافت جي مقصدن لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندا.

بقايا 24 عمل نه ٿيو

ويٺي اهڙي حڪم نامي کان پوءِ گذريل 7 هفتن کان ڪوٽڙي سائيٽ ۽ ڪراچي واهه تي پلجنڊڙ علائقا پاڻي جي ڪوٽ کي منهن ڏيئي ٿڪجي پيا جنهن کان پوءِ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ضلعي اڳواڻ يونس اوٺو ۽ ٻين جي قيادت ۾ ايڊمور پمپ لڳ ڪوٽڙي اوور فلائي هيڊ پل تي آبپاشي ۽ ضلعي انتظاميا خلاف ڌرڻو هڻي احتجاج ڪيو ويو ڌرڻو ختم ڪرائڻ لاءِ ضلعي انتظاميا 25 جنوري تائين ڪراچي واهه ۾ پاڻي ڇوڙ ڇڏي هڪ ڀيو ڪوڙ ڳالهايو پر ڄاڻايل تاريخ تي پاڻي جاري نه ڪيو جنهن کان پوءِ سائيٽ ڪوٽڙي جي عوام سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي ڄامشورو جي اڳواڻ يونس اوٺو جي قيادت ۾ هڪ دفعو ٻيهر 27 جنوري تي تاريخي ڌرڻي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. رابطي ڪرڻ تي سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي ڄامشورو جي اڳواڻ يونس اوٺو ٻڌايو ته جهڙي طريقي سان انتظاميا ڳالهيون ڪيون لڳو نه پئي ته ڳالهين تي عمل نه ڪيو ويندو هنن کي عوام نظر نه ٿو اچي جيڪو پاڻي ڍڪ لاءِ واجهائي رهيو آهي پاڻي لاءِ عوام کي وڏا ڪشالا ڪرڻ ٿا پون پر حڪومتي نمائندا خاموش تماشائي بڻيل آهن 27 جنوري وارو جلسو سنڌن جي پٽ واڪڪي ڪرڻ لاءِ آهي جيڪي هنن عوام سان ڪيو . هن چيو ته هن دفعي ڌرڻو پاڻي ڪراچي واهه ۾ ڇوڙ ڪرائي پوءِ ختم ڪنداسين

بقايا 25 دعوي

هن آپريشن جي قيادت ايس ايس پي سکر اظهر خان مغل پاڻ ڪئي ۽ ڊاڪوز خلاف موثر حڪمت عملي تيار ڪئي. واقعي مطابق، پوليس کي اطلاع ملي هئي ته باگڙجي ڪچي ۾ ڊاڪوز شهرين لاءِ خطرو بڻجي چڪا آهن ۽ علائقي ۾ وارداتون ڪري رهيا آهن. فوري طور تي آپريشن شروع ڪيو ويو ۽ ڊرون حملي ذريعي ڊاڪوز کي گهيرو ڪري ڪارروائي ڪئي وئي. پوليس اختيارين ٻڌايو ته هلاڪ ۽ زخمي ٿيل ڏوهارين جي قبضه مان وڏي مقدار ۾ هٿيار، گوليون بارود ۽ ٻيو غير قانوني سامان به برآمد ٿيو جيڪو علائقي ۾ ڪيترن ئي وارداتن ۾ استعمال ٿي رهيو هو. ايس ايس پي اظهر خان مغل شهرين کي يقين ڏياريو ته سکر پوليس علائقي ۾ امن قائم رکڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي ۽ ڏوهارين خلاف ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي. هن ڪارروائي کان پوءِ مقامي ماڻهن پوليس جي هن مؤثر ڪارروائي جي ساراهه ڪئي ۽ علائقي ۾ امن قائم رکڻ تي انهن جو شڪريو ادا ڪيو. پوليس وڌيڪ چيو ته باقي بچي ويل ڊاڪوز جي ڳولا لاءِ ڇاپا ۽ ٻيا آپريشن جاري رهندا ته جيئن مڪمل صفائي ممڪن بڻائي سگهجي.

بقايا 26 ملهائي وئي

فورم سنڌ جي گڏيل اهتمام هيٺ ٿي. ان موقعي تي سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي آڊيٽر اياز لطيف دايو پالڪ ادبي فورم سنڌ جو مرڪزي صدر عبدالحئي پٽو سنڌي ادبي سنگت شاخ ماٿيلو مومل جي ماڙي جو سيڪريٽري علي حسن منگي، امير بخاري اڪيڊمي سنڌ جو چيئرمين شاهه خالد، ٽاليوارو ليکڪ رئوف پارس دايو سارنگ ڪلادي، صحافين سائينڏنو عباسي، الهورايو بوزدار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج گهوٽڪي جي پرنسپال پروفيسر عبدالحفيظ دايو سميت عبدالوحيد شيخ، سيد فدا حسين شاهه بخاري، استاد منير احمد مهر سراج احمد پٽو گلشير وسين رميش ڪمار دلبر علي مهر ڪانڌيرو ڪلادي، صدام ملڪ، امجد علي مهر جادل محمدائي، علي رضا منگي، علي گوهر منگي ۽ ٻيا ڪيترائي علمي، ادبي ۽ سماجي شخصيتون شريڪ ٿيون. تقريب کي خطاب ڪندي مقررن چيو ته سيد امير بخاري بيباڪ اديب، شاعر ڪالم نگار ۽ مزاحمتي صحافي هو جنهن سنڌي ادب ۽ صحافت ۾ اڻ مٽ نقوش ڇڏيا. سندس ڪالمن حق ۽ سچ جي ترجماني ڪندي عوام کي سجاڳ ڪيو جنهن سبب هو هميشه لاءِ امر ٿي ويو هنن وڌيڪ چيو ته امير بخاري سنڌي توڙي اردو ادب، صحافت ۽ سماج جي خدمت لاءِ سڄي زندگي وقف ڪري ڇڏي. سندس شاعري امن، محبت، ڀائيچاري، انسانيت، صوفي ازم ۽ تصوف جو پيغام ڏئي ٿي. هن ظلم ۽ ڏاڍ خلاف هميشه بيباڪي سان آواز اٿاريو مقررن ٻڌايو ته سيد امير بخاري جو نه رڳو سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام جو منظوم اردو ترجمو هڪ عظيم ادبي ڪارنامو آهي، جڏهن ته سندس نثر سنڌي ٻاراڻي ادب ۽ تحقيقي ڪتابن جو وڏو ذخيرو موجود آهي. هو هڪ بهترين استاد پڻ هو جنهن سوين شاگرد ۽ ڪيترائي صحافي تيار ڪيا. آخر ۾ تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن ثقافت کاتي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته سيد امير بخاري جا اڻ ڇپيل ڪتاب فوري طور تي ڇپرايا وڃن ته جيئن ايندڙ نسل به سندس علمي ۽ ادبي ورثي مان لاڀ حاصل ڪري سگهي.

بقايا 27 نوٽيس جو مطالبو

جي حد ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿي وئي آهي شهري غير محفوظ بڻجي ويا آهن چورين ڦرين جا واقعا وڌندا پيا وڃن پر پوليس ڪا به ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ۽ شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام آهي هنن چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ منظور لُنڊ جي گهر جي دروازي تي بيٺل نئين سي ڊي موٽر سائيڪل 2026ع ماڊل چابي چور با آسانئي فرار ٿي ويا هئا جنهن واقعي جي مختلف هنڌن کان هٿ آيل سي سي ٽي وي فوٽيج سينارجا پوليس کي فراهم ڪيا ويا جنهن ۾ ملوث چور صاف ظاهر آهن پر ان باوجود 10 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس ملوث چورن کي گرفتار ڪري نه سگهي آهي ۽ ايس ايڇ او سينارجا ڪابه ڪاروائي ۽ تعاون ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جنهن ڪري شهري بي يارو مددگار ۽ عدم تحفظ جو شڪار بڻجي ويا آهن هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته فوري نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري امان قائم ڪرائي سينارجا واسين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 28 ايس پي خيرپور

خيرپور پوليس ڪچي واري علائقي ۾ پريالو کان سڪيون تائين وڏي اٽڳ ۾ پوليس اهلڪار مقرر ڪيا آهن، جن ڏوهارين جي ڪمين گاهن کي گهيري ۾ آندو آهي هن ٻڌايو ته ڪچي ۾ ڏوهارين خلاف آپريشن دوران 4 ڊي ايس پي، 20 ايس ايڇ اوز ۽ سوَن جي تعداد ۾ پوليس اهلڪار موجود آهن، جيڪي پريالو کان سڪيون تائين ڪچي واري علائقي ۾ مقرر ڪيا ويا آهن. ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو چيو ته پوليس فورس سان گڏ بڪتر بند گاڏيون، ڊرون ڪيمرا ۽ جديد هٿيار به موجود آهن. هن وڌيڪ چيو ته جيڪي ڏوهاري پاڻ کي قانون جي حوالي ڪندا، تن سان قانون موجب سلوڪ ڪيو ويندو هن ٻڌايو ته ڏوهارين جي داخلي ۽ خارجي رستن تي خاص پوليس پڪٽون قائم ڪري اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. ايس ايس پي چيو ته امن دشمن عنصرن جو خاتمو ڪري خيرپور ضلعي کي ڏوهارين کان پاڪ ڪيو ويندو.

بقايا 29 ٻه جوابدار گرفتار

ڪاميابي حاصل ڪري ورتي آهي. ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي سي آءِ انچارج گل حسن لغاري ۽ سٽي انچارج بدين اياز انصاري جي اڳواڻي ۾ پوليس وهنائي شريف لڳ بدنام منشيات فروشن جي آئيس نرو جي اڏن تي ڇاپا هنيا. ڪارروائي دوران بدنام منشيات فروش پٽو عمراڻي ۽ عمر دل جي اڏن تان وڏي مقدار ۾ آئيس نرو هٿ ڪئي وئي. پوليس ڇاپي دوران پٽو عمراڻي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، جڏهن ته عمر دل جو ڀاءُ حنيف دل ۽ هڪ ٻيو منشيات فروش گرفتار ڪيو ويو آهي بدين پوليس موجب، هن کان اڳ به ضلع بدين ۾ بدنام منشيات فروشن نور حسن عمراڻي، سعيد پناڻ، ابراهيم ٿهڙيو ۽ عمر دل خلاف ڪامياب ڇاپا هنيا ويا، جن ۾ ڪيترن جوابدارن کي گرفتار ڪري منشيات برآمد ڪئي وئي.

بقايا 30 آءِ جي سنڌ

مان هتي پنهنجي انتهائي بهادر ايس ايڇ او خميسو خان بروهي کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ ۽ سندس خاندان سان ڏک ونڊڻ لاءِ آيو آهيان. خميسو خان بروهي بهادري سان اڪيلي سر ڌاڙيلن سان مقابلو ڪيو ۽ ڪي ناڪام بڻايو ۽ پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو هن بهادر آفيسر علائقي جي امن امان ۽ عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت خاطر پنهنجي جان قربان ڪئي، جنهن تي مان ذاتي طور هتي اچي ڪيس سلام پيش ڪريان ٿو آءِ جي سنڌ وڌيڪ چيو ته منهنجي پوري پوليس فورس لاءِ اهو پيغام آهي ته جيڪو به اهڙي بهادري سان عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪندو اهو اسان جو هيرو هوندو سنڌ پوليس ۽ سنڌ سرڪار شهيدن جي خاندان جو خيال پنهنجي خاندان وانگر رکنديون آهن، اها اسان جي پاليسي جو حصو آهي. هن چيو ته گذريل ڏينهن پوليس ٽن ڏوهارين کي انجام تائين پهچايو آهي، جڏهن ته شڪارپور پوليس ضلعي ۾ هاڻي تائين 110 ڌاڙيلن کي انجام تائين پهچائي چڪي آهي. انشاءالله باقي به يا ته قانون آڏو پيش ٿيندا يا وري اهڙي ئي نموني قانوني ڪارروائي جو منهن ڏسندا. آءِ جي سنڌ چيو ته ڪچي واري علائقي ۾ جاري آپريشن اسان شروع ڪيا آهن، جن ۾ ڪافي ڪاميابي ملي آهي. ڏگهي عرصي کان اندرين سنڌ ۾ ڌاڙيل ڪلچر هلي رهيو هو جنهن کي ختم ڪرڻ جو اسان پڪو ارادو ڪيو آهي. سرڪاري پاليسي موجب ڌاڙيلن کي قانون جي دائري اندر اچڻ جو هڪ موقعو ڏنو ويو آهي، جيڪي ان پاليسي تي عمل نه ڪندا، انهن سان سختي سان نمٽيو ويندو اسان وٽ الله جي فضل سان وسيلا به موجود آهن، ڄاڻ به موجود آهي ۽ انشاءالله ڏوهارين کي ڪٿي به سڪون سان ويهڻ نه ڏبو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ قبيلائي تڪرار ۽ جهيڙا به موجود آهن، انهن کي ختم ڪرائڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي. سرڪاري پاليسي تحت انهن کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪيون ويون آهن. قبيلائي تڪرارن ۾ شامل ڏوهاري عنصرن کي قبيلن کان مڪمل طور الڳ رکڻ چاهيون ٿا، ڇو ته ڏوهاري ماڻهو قبيلائي جهيڙن کي هٿي ڏئي پنهنجا ناجائز ڪم جاري رکڻ چاهين ٿا، جن سان سختي سان نمٽيو ويندو. البت جيڪي باعزت شهري مجبوري سبب انهن تڪرارن ۾ قاتل آهن ۽ ان لعنت مان نڪرڻ چاهين ٿا، انهن لاءِ هر ممڪن مدد ڪئي ويندي. ان موقعي تي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍهو سان گڏ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب، ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ سميت جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ ٻين ضلعن جا ايس ايس پيز به موجود هئا.

بقايا 31 متاثر جو احتجاج

پاڻي وارو موٽر چوري ڪري آسانئي سان فرار ٿي ويا متاثرن ايس ايس پي خيرپور ۽ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي نوٽيس وٺي چوري ٿيل پاڻي وارو موٽر واپس ڪرائي ڏنو وڃي ته جيئن وقت سر پنهنجي فصل کي پاڻي ڏئي نقصان ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا 32 انصاف جو مطالبو

شرط پوليس موقع تي پهچي شواهد گڏ ڪيا ۽ جاچ شروع ڪري ڇڏي. پوليس عملدارن جو چوڻ آهي ته واقعي جي هر پهلوءَ کان جاچ ڪئي پئي وڃي ۽ جاچ مڪمل ٿيڻ بعد قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.

بقايا 33 تحفظ جو مطالبو

سگهرو ڪم ڪندڙ آهيان. پٽڪي ٿاڻي جي پوليس ايس ايڇ او عمران پيهو، ذاهد ميراڻي، واحد بخش بروهي، بنڊي تي چوڪي انچارج هادي بخش ميراڻي ۽ ٻيا اهلڪار ڪجهه ڏينهن اڳ دڪان تي آيا جن هر هفتي خرچو پاڻي ڏيڻ لاءِ چيو. مان رشوت طور پئسا ڏيڻ کان انڪار ڪيو تنهن تي هو مچرجي پيا گهٽ وڌ ڳالهائڻ بعد سنگين نتيجا ڀوڳڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي هليا ويا. جنهن کان پوءِ پٽڪي ڏينهن تي پٽڪي ۽ جهانگڙو ٿاڻي جي پوليس رات جي وقت بغير ڪنهن وارنٽ ۽ ڏوهه جي ڪاروائي ڪري گهر ۾ داخل ٿي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪيو ۽ گهر ۾ بيٺل ٽي موٽرسائيڪليون جن جا ليٽر به آهن کڻي ويا. هڪ پنجاهه انچن واري LCD سونا زيور ڇهن لکن کان وڌيڪ روڪ رقم به کڻي ويا. جڏهن ته دڪان مان لکين رپين جو لوهه 2 ٽراليون ۽ 2 جنسبا لوڊر ڪٻاڙ جا کڻي ويا ۽ جهانگڙو ٿاڻي جي حد ۾ ڪاروائي ڄاڻائي ڪوڙو ڪيس داخل ڪري جيل موڪلي ڇڏيو. جڏهن ته منهنجو گهر ۽ دڪان پٽڪي ٿاڻي جي حد ۾ آهن. احتجاج ڪندڙ ڪٻاڙي وڌيڪ چيو ته هن وقت ضمانت تي آزاد آهيان. ڪيترن ڏينهن کان دڪان بند آهي بيروزگاري سبب گهر ۾ فاقاڪشي واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. ننڍڙا معصوم ٻارڙا بيمار ٿي ويا آهن پر پٽڪي پوليس هفتيوار پئسا مقرر ٿيڻ تائين دڪان کولڻ نٿي ڏئي. جنهن ڪري سڀ گهر ڀاتي سخت پريشان آهيون. هن آئي جي سنڌ پوليس. ڊي آئي جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کي اپيل ڪئي ته نوٽيس وٺي ڪٻار واري لوهه سميت سونا زيور. روڪ رقم. موٽر سائيڪليون ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائڻ سان گڏ راشي پوليس عملدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 34 احتجاجي مظاهرو

عورت حسينه خاتون زال مرحوم ڏنو ککراڻي صحافين آڏو دانهيندي چيو ته مان پنهنجي نوجوان پٽ اسد علي ککراڻي سان گهر ۾ گڏ رهندي آهيان، جڏهن ته پٽ پورهيو ڪري گهر جو چرخو هلائيندو آهي، جيڪو گذريل خميس ڏينهن پنهنجي گهرواري سان گڏجي حيدر آباد پنهنجي ساهرن سان ملڻ نڪري ويو هيو جڏهن ته مان به جمعي ڏينهن رتوديرو جي طيب ڳوٺ ۾ پنهنجي ڌيءَ سان ملڻ وئي هيس ته پويان نامعلوم چور گهر جا تالا ٽوڙي گهر مان 40 هزار رپيا روڪ، هڪ تولو سونا زيور، واشنگ مشين، سلائي مشين، 2 پکا، بيٽري، ڪمپيوٽر اسٽريپلائيزر، ڪپڙن ۽ ٿانون سميت گهر جو سمورو سامان چوري ڪري گهر ٻهاري ويا آهن. جڏهن ته ڇنڇر ڏينهن مان طيب ڳوٺ کان واپس گهر پهچي حد جي دڙي ٿاڻي تي چوري واري واقعي جي دانهن ڏني، پر پوليس نه ڪيس داخل ڪيو آهي ۽ نه ئي چورن خلاف ڪاروائي ڪئي آهي، جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي چورن خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ چوري ٿيل روڪ رقم ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 35 احتجاج

پارٽي جي قيادت ۽ ڪارڪنن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي عوامي آواز کي دٻائڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن، جيڪي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون وينديون. هنن چيو ته ڊاڪٽر زين پٽو سميت ٻين ڪارڪنن جون گرفتاريون جمهوري قدرن، انساني حقن ۽ آئين جي ڀڃڪڙي آهن. هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي سنڌ جي حقن، وسيلن ۽ خودمختياري لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي ۽ ڪنهن به ڏاڍ آڏو جهڪڻ واري ناهي، احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته ڊاڪٽر زين پٽو سميت سمورن گرفتار ڪارڪنن کي ترت آزاد ڪيو وڃي ۽ سياسي ڪارڪنن خلاف جاري ڪارروايون بند ڪيون وڃن، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 36 آزادي لاءِ مظاهرو

علي حسن وڪو ايڊووڪيٽ ذوالفقار ميراڻي، وسيم راهوجو ايڊووڪيٽ وقار جمالي، شعيب ڪلهوڙو شعيب نواز نوناري ۽ ٻين چيو لاڙڪاڻي شهر جي وليد ٿاڻي جي پوليس گذريل ڏينهن سنڌي شاگرد تحريڪ ضلعي لاڙڪاڻي جي آرگنائيزر علي محمد وڪو کي بنا جواز حراست ۾ وٺي اڻ ڄاتل هنڌ منتقل ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي، جنهن بابت پوليس اسان کي ڪجهه به ٻڌائڻ لاءِ تيار نه آهي، جيڪو هڪ سنگين جرم ۽ قانون کان مٿانهون قدم آهي. جڏهن ته لاڙڪاڻو پوليس پنهنجو قبلو درست ڪري ڏوهارين بدران شاگردن ۽ عزتدار شهرين کي پريشان ڪرڻ بند ڪري. اڳواڻن چيو ته اها ڳالهه پڻ رڪارڊ تي موجود آهي ته علي محمد وڪو وليد ٿاڻي جي حد ۾ پوليس جي سرپرستيءَ هيٺ هلندڙ منشيات ۽ پاڻارين ۾ پوليس جي ڀٽ هجڻ خلاف ايس ايس پي وٽ مختلف وقتن تي درخواستون پڻ جمع ڪرائيندو رهيو آهي، جن خلاف پوليس اڄ تائين ڪا به قانوني ڪاروائي نه ڪئي، ويتر خاموش ڪرائڻ لاءِ وليد ٿاڻي جي پوليس علي محمد کي ڪنهي گم ڪري ڇڏيو آهي، جنهن عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي. هنن چيو ته لاڙڪاڻو پوليس شهر اندر امن امان بحال ڪرائڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي ۽ هاڻ ڏوهاري ۽ منشيات فروشن خلاف ڪاروائي ڪرڻ بدران قانون جي شاگردن ۽ شهر جي سڄاڻ ماڻهن خلاف ڪوڙيون ڪاروايون ڪري رهي آهي، جيڪو عمل عوامي تحريڪ ڪڏهن به برداشت نه ڪندي. اڳواڻن چتاءُ ڏيندي چيو ته سنڌي شاگرد تحريڪ ضلعي لاڙڪاڻي جي آرگنائيزر علي محمد وڪو کي ڪجهه به ٿيو ته ان جو ذميوار وليد ٿاڻي جو موجوده ايس ايڇ او ۽ ٻيا اهلڪار هوندا. هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور تي علي محمد وڪو کي آزاد ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 37 آرڊرن لاءِ احتجاج

اسان جو مستقبل خطري ۾ آهي جنهن سبب ڪنهن به اداري ۾ اپلاءِ ڪرڻ جي اهل ناهيون هنن چيو ته ڪنڊيارو تعلقي ۾ ٽي اي او ڊي اي اوز ملي ڀڳت ڪري سست رفتاري سان فيس هلائي سيٽون لڪائڻ سان گڏ اسڪروٽني بعد به من پسند اميدوارن کي پروفيشنل ڊگريون ڏياري نوجوانن جي حق تلفي ڪري حق ماريو ويو آهي جنهن ڪري سڄي ضلعي ۾ ڪنڊيارو تعلقي ۾ سڀ کان وڌيڪ اميدوار رهجي ويا آهن جنهن ڪري ڪنڊيارو تعلقي جي نوجوانن سان ظلم ۽ ناانصافي ڪئي وئي آهي هنن چيو ته ڪنڊيارو ۾ اپائنٽمينٽ ٿيلن اميدوارن جو پروفيشنل ڊگريون هيڪ ڪان ويريفاءِ ڪرايون وڃن هنن ضلعي نوشهروفيروز مان صوبائي ڪابينا ۾ شامل صوبائي وزير ضياءِ الحسن لنجار ۽ تڪ جي ايم پي اي سيد سرفراز شاهه کان مطالبو ڪيو ته اوورايج ٿيل نوجوانن جو مستقبل بچائڻ لاءِ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبائي وزير تعليم سيد سردار شاهه سان رابطو ڪري ڪابينا اجلاس ۾ ويٽنگ اميدوارن جو معاملو شامل ڪري حل ڪرائي نوجوانن جو مستقبل بچايو وڃي

بقايا 38 ٻه عورتون فوت

ٺنڊڙي ۽ هڪ مرد سخت زخمي ٿي پيا آهن فوتي عورتن ۽ زخمين کي تعلقه اسپتال کي اين شاهه منتقل ڪيو ويو زخمين جي شناختي ڪارڊ جي ذريعي فوتين جي سڃاڻپ حاجي خان ولد پير بخش جوڳي طور ٿي آهي جن جو تعلق ڪنڊيارو ضلعو نوشهرو فيروز لڪيل آهي زخمين کي فوري طور تي لاڙڪاڻي اسپتال وڌيڪ علاج لاءِ منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 39 ڪيمپ لڳائي وئي

پاسي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال ۽ جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنڊ ڪيمپ جو دورو ڪيو جتي هنن ميزبانن جو شڪريو ادا ڪرڻ بعد رت عطيو ڪندڙ نوجوانن کي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ان موقعي تي هنن ڳالهائيندي چيو ته هڪ رت جي ٿيلهي عطيو ڪرڻ تي 3 انساني جانيون بچائڻ ۾ ڪم اچن ٿيون آخر ۾ ڪيمپ آرگنائيزر عامر ابڙو ڳالهائيندي چيو ته اسين جاويد احمد راهو ، سائين پرويز راهو ، سهراب خان راهو جن جا شڪر گذار آهيون جن ڪيمپ قائم ڪرڻ ۾ مڪمل سهڪار ڪيو

بقايا 40 تعزيت ڪئي

فرزند جاويد مصطفيٰ ڪانڌڙو سان عذرخواهي ڪري دعا گهري ۽ دلي همدردي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم ميونسپل ڪاميٽي مورو جي چيئرمين نذير احمد ميمڻ سيد محسن علي شاهه زاهد حسين ڪانڌڙو راشد علي ڪانڌڙو محمد اسحاق ڪانڌڙو ڊاڪٽر محمد يونس سولنگي صحافي رياض عالماڻي اختر علي لغاري ظفرالحق پنهور لالا غلام مجتبيٰ ڪلهوڙو محمد اسلم قريشي محمد افضل امين آرائين رياض ميمڻ صوفي هادي بخش چانڊيو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا 41 ڏوهاري سوگهو

۽ نقد رقم ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي. نوجوان جي چيخ پڪار تي اهلِ محلي فوراً گڏ ٿيا، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڊاڪو کي قابو ڪري پوليس جي حوالي ڪيو ويو. جڏهن ته ان جا ٻه ساٿي هنڌ کان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. فرار ٿيل ملزمان پنهنجي 125 موٽرسائيڪل هنڌ تي ڇڏي ويا، جنهن کي پوليس تحويلي ۾ وٺي ورتو. گرفتار ٿيل ڊاڪي جي سڃاڻپ نويد مهر جي نالي سان ٿي، جنهن جي قبضه مان پستول پڻ برآمد ڪيو ويو پوليس موجب، گرفتار ملزم کان وڌيڪ تفتيش جاري آهي، جڏهن ته فرار ٿيل ساٿين جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ ناڪه بندي ڪري تلاش جو عمل شروع ڪيو ويو آهي واقعي کان پوءِ اهلِ علائقو پوليس کان مطالبو ڪيو آهي ته علائقي ۾ گشت وڌايو وڃي، ته جيئن شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 42 نعمان اسلام شيخ

جي تعمير سميت ڪيترن ئي وڏن ترقياتي منصوبن جي خوشخبري ٻڌائي. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سکر بئراج ۽ لينس ڊائون پل وڌندڙ ٽريفڪ سبب هاڻي ناڪافي ٿي چڪا آهن، تنهن ڪري درياءَ سنڌ تي نئين پل جي تعمير وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪي آهي. هن يقين ڏياريو ته هي منصوبو صوبائي حڪومت جي سهڪار سان جلد شروع ڪيو ويندو ملاقات ۾ اهو پڻ ٻڌايو ويو ته پنوعاقل جي 7 يونين ڪائونسلن ۾ سڙڪن جي تعمير جڏهن ته ڪچي وارن علائقن ۾ هڪ علائقي کان ٻئي علائقي تائين اچ وڃ لاءِ نون پلن جي تعمير کي ترجيح ڏني پئي وڃي، جنهن سان ڳوٺاڻن علائقن کي سفري سهولتون ملنديون ۽ معاشي سرگرمين ۾ بهتري ايندي. صوبائي وزير واضع ڪيو ته روهڙي ۾ ڪروڙين رپين جي لاڳت سان قائم فلٽر پلانٽ منصوبو آخري مرحلن ۾ آهي ۽ تمام جلد شهر جي اڪثر علائقن کي صاف پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته سکر جي شهرين لاءِ اربين رپين جي لاڳت سان صاف پاڻي جو نئون منصوبو به هن سال شروع ڪيو ويندو، جيڪو عوام لاءِ وڏو رليف ثابت ٿيندو امن امان بابت ڳالهائيندي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ خاص طور اندرون سنڌ ۾ امن امان جي بحالي صوبائي حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ ڊاڪو ڪلچر جو خاتمو وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪو آهي. هن چيو ته ڪچي وارن علائقن ۾ سرگرم ڏوهارين عنصرن جو شهرن ۾ اچي ڦرلٽ ۽ خون خرابو ناقابل برداشت آهي، جنهن جي روڪٿام لاءِ سنڌ پوليس سنجيده ۽ اثرائتا قدم کنيا آهن، جن جا نتيجا به سامهون اچي رهيا آهن. سيد ناصر حسين شاهه موجب سنڌ پوليس، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ ضلعي انتظاميا جي گڏيل سهڪار سان ڪچي وارن علائقن ۾ ٽارگيٽڊ ڪارروائيون جاري آهن، جڏهن ته حساس ضلعن ۾ سيڪيورٽي کي وڌيڪ سخت ڪيو پيو وڃي. هن يقين ڏياريو ته تمام جلد انهن علائقن ۾ امن امان بحال ڪيو ويندو. جيڪي ڏوهارين جي ڪارروائين سبب خوف ۽ هراس جو شڪار هئا هن اهو به واضح ڪيو ته صوبائي حڪومت عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪندي ۽ امن امان جي بحالي لاءِ سڀ موجود وسيلا استعمال ڪيا پيا وڃن.

بقايا 43 نوجوان زخمي

ماساتن صدرالدين ڦلپوٽو ،صدام حسين، رفيق جليل ۽ ٻين معمولي ڳالهه حملو ڪري لٺن مڪن سروٽن جو وسڪارو لاهي ڏنو جنهن سبب مٿو ڦاٽي پيو آهي هو باڻر ۽ گندا قسمر جا ماڻهو آهن مان غريب مسڪين آهيان ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو کان مطالبو ڪيا ٿو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 44 احتجاج

وڌيڪ چيو ته گذريل ڏهن سالن کان بار بار وياج خور وٽ چڪر ڪاٽيا آهن، پر ڪيس وشنداس لوهاڻي رڳو اڄ ۽ سڀاڻي زيور واپس ڪرڻ جا آسرا ڏنا ۽ هاڻي زيور ڏيڻ کان ڪتو جواب ڏيئي ڇڏيو آهي، سندس چوڻ هو ته آئون مالي طور پريشان آهيان، مسلسل دٻاءُ ۽ تنگي سبب سخت ذهني ڪرب ۾ مبتلا آهيان، جڏهن ته سندس چوڻ آهي ته وياج خور ڌريون هر ڀيري نئون بهانو بڻائي ڪيس ٽارڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. عبداللطيف مڪواڻي لاڳاپيل ادارن کي اپيل ڪئي آهي ته وياج خور خلاف ڪاروائي ڪري ڪين سون ۽ چاندي جا زيور واپس ڏنا وڃن، وياج خور خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا 45 شٽربند هڙتال

سماجي اڳواڻن، شهرين ۽ دڪاندارن شٽربند هڙتال ڪري درگاهه حضرت سچل سرمست رح جي مين گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي مظاهرين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته درازا شريف ۾ چورين، ڦورون روز جو معاملو بڻجي ويون آهن. هڪ هفتي اندر چوري ۽ ڦرجون وارداتون وڌي 7 تائين پهچي ويون آهن. جڏهن ته پوليس طرفان ڪوبه اثرائتو قدم نه کنيو ويو آهي، جنهن سبب شهرين ۾ سخت خوف ۽ بيچيني پکڙيل آهي. ان موقعي تي مظاهرين امن امان جي بحالي جو مطالبو ڪيو هنن چيو ته جيڪڏهن فوري طور ڏوهن ۾ ملوث ماڻهن کي گرفتار نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. شهرين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته درازشريف ۾ پوليس گشت ۽ مڪمل طور تي پڪيٽ قائم ڪري ڏني وڃي، اعليٰ اختياريون بدامني جو نوٽيس وٺي علائقي ۾ امن امان بحال ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ واپاري، شهري ۽ سماجي اڳواڻ احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا سين.

بقايا 46 احتجاجي مظاهرو

عباسي، جميل پٽو آصف پرڙو اسلم خشڪ ۽ ٻين ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته اسان سال 2021ع ۾ آءِ بي اي ذريعي پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس جي نوڪرين لاءِ ٽيسٽ ڏئي هئي سين، جنهن ۾ اسان 40 کان 50 مارڪون کٽي ميرٽ جي بنياد تي پاس ٿياسين، پر تنهن باوجود اسان کي نوڪرين جا آرڊر ناهن جاري ڪيا ويا ۽ هٿ وٺي ويٽنگ لسٽ ۾ رکيو ويو آهي، جڏهن ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ تعليم کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار شاهه جي تڪن ۾ 33 کان به گهٽ مارڪون حاصل ڪندڙ فيل اميدوارن کي به آرڊر جاري ڪري روزگار سان لڳايو ويو آهي، جنهن مان ثابت ٿي رهيو آهي ته هڪ سنڌ ۾ ٻٽو معيار هلي رهيو آهي. هنن وڌيڪ چيو ته ايس اين اي ۽ ايس ٽي آر پاليسي موجب هن وقت ضلعي لاڙڪاڻي ۾ 1600 کان وڌيڪ سيٽون خالي پيل آهن ۽ سال 2021ع کان وٺي هن وقت تائين ڪيترائي استاد پنهنجي سروس پوري ڪري رٽائر ٿيا آهن، جنهن سبب به سيٽن ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيو آهي، جن خالي پيل جڳهن تي اسان ويٽنگ وارن اميدوارن جو حق آهي، پر تنهن باوجود اسان کي نظرانداز ڪندي ويٽنگ لسٽ جو مدو پورو ٿيڻ جو جواز ڄاڻايو پيو وڃي. هنن پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ڪو چيئرمين ۽ صدر پاڪستان آصف علي زرداري ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي پاليسي ۾ ترميم ڪري تعلقي کان ڊويزن ۽ صوبائي سطح تي آفر آرڊر جاري ڪري ويٽنگ اميدوارن کي روزگار سان لڳائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 47 زاهد منگي

ڀڳهيو شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي قلمڪارن چيو ته سنڌ ۾ اعليٰ پائي جا نقاد موجود آهن، انهيءَ ڪري اها اميد آهي ته سنڌي ادب وڌيڪ شاهوڪار ٿيندو. تخليقڪارن وڌيڪ چيو ته سنڌي ادب ۾ ادب ادب لاءِ ۽ ادب زندگيءَ لاءِ جا بحث لاڙا موجود آهن ۽ فڪري مزاحمت ۽ قومي احساسن کي اڀارڻ جو پنڌ جاري آهي. هوش محمد ڀٽيءَ جي پيش ڪيل اخلاق انصاريءَ جي ڪتاب جي جائزي بابت ويچار ونڊيندي اديبن چيو ته هوش محمد ڀٽي جي محنت سٺي ۽ ساراهه لائق آهي ۽ هو تنقيد توڙي ٻين ادبي لکڻين ۾ اڳتي وڌي رهيو آهي. گڏجاڻي ۾ سارنگ امر وائي پيش ڪئي، جنهن تي شريڪ اديبن تنقيدي ۽ تعريفي رايا ڏنا.

بقايا 48 احتجاجي ريلي

دودو ديشي، اصغر نوناري، محمد عالم بروهي، مولا بخش ڦلپوٽو، مرتضيٰ گوپانگ، مهراڻ راڄپر، محمد امير سيال، غلام شبير حيدري، سرائي سوڀل سولنگي، منثار سنجراڻي، نواب پناڻ، زاهد پناڻ، سڪندر ڪوري، فقير جلال ساريو ۽ ساگر ڪانڌڙو سميت شهرين شرڪت ڪري باڍهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن چيو ته "روڻ اڳيان رباب وڄائيندي ورهيه ٿيا" واري مثال وانگر گذريل سٺن سالن کان باڍهه واسي سراپا احتجاج بڻيل آهن، پر وقت جا حڪمران هن جائز مطالبي کي نظرانداز ڪري رهيا آهن، جيڪو باڍهه جهڙي تاريخي ۽ وڏي آبادي واري شهر سان سراسر ظلم ۽ ناانصافي آهي. هنن چيو ته باڍهه کي لاڙڪاڻي ضلعي جي آبادي جي لحاظ کان ٻئي نمبر وڏو شهر هئڻ باوجود به بنيادي سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي. شهرين کي پبلڪ پارڪ، ٽيڪسي اسٽينڊ، ڪميونٽي هال، مارڪيٽ ڪاميٽي، رانديگرن جي گرائونڊ، صاف ۽ مٺي پيئڻ جي پاڻي سميت ٻين ضروري سهولتن کان محروم ڪري سندن روزمره زندگي کي عذاب بڻايو ويو آهي، جنهن سبب نوجوان بيروزگاري ۽ شهري بدحالي ۽ سماجي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن. هنن چيو ته باڍهه کي تعلقي جو درجو ملڻ سان نه رڳو بنيادي مسئلا حل ٿيندا، پر شهر ۾ روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا، ترقياتي منصوبن جو آغاز ٿيندو ۽ علائقي جي مجموعي ترقي ممڪن بڻبي. هنن گهر ڪئي ته بنادير باڍهه تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڃي.

بقايا 49 ڀيٽا پيش

جمن ڪنهر کي ڀيٽا ڏني ان موقعي لطيف ايوارڊ يافته اديب استاد لغاري چيو ته ايم جمن ڪنهر بهترين استاد هو بهترين ليکڪ هو سندس شاگرد وڏن عهدن تي پهتا ليکڪ حڪيم استاد امام بخش منگريو چيو ته ايم جمن ڪيري ۾ ادبي پروگرام ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ايم جمن جي پڳدار پٽ منصور ڪنهر چيو بابا هڪ ادارو سندس خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون ان موقعي سيد اسد شاهه راجا رشيد ڪنهر . مهراڻ ڪنهر .مبارڪ ڪنهر . محمد اسماعيل گجو . ماوجي ڪمار رستم علي. گلشن هادي علي مراد درس ۽ ٻيا پڻ موجود هئا نوجوان راڳي هادي بخش پنهور وائي پڙهي داد وصول ڪيو

بقايا 50 رهاڻ رچائي وئي

عبدالرب راجپوت ، حيدر خانزاده سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون جن کان ڪمپيئر توصيف رحماني اسٽيج تي گهرائي ويچار ورتا جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته ڪم ۽ ڪردار انسان ۾ سوڻهن پيدا ڪندو آهي جنهن ۾ بقا پڻ هوندي آهي ان ڪري ئي چوندا آهن ته انسان کي موت آهي پر ڪردار کي موت ناهي اسين سمجهون ٿا ته راشد مڪرم انهن ڪردارن مان آهي آخر ۾ صاحب محفل ڪنور راشد مڪرم ڳالهائيندي چيو ته مان شڪر گذار آهيان جماعت اسلامي ۽ الخدمت فائونڊيشن جو جن محسوس ڪيو ته زندگيءَ ۾ شايد ڪجهه خدمتون ڪيون آهن جنهن لاءِ مڃتا ڏئي رهيا آهن يقيناً ان سان حوصلو پيدا ٿيندو آهي ان ڪري ڪوشش ڪندس ته زندگيءَ جي چاهي ڪهڙي به موڙ تي هجان يا جيسين سيني ۾ ساهه آهي جماعت اسلامي ۽ الخدمت فائونڊيشن لاءِ هر وقت حاضر آهيان هن اهو به چيو ته اڄ تائين جيڪا به خدمت ڪئي آهي سا في سبيل الله ڪئي آهي ان ۾ ڪوبه ذاتي مفاد يا لالچ شامل نه هئي ان ڪري اڄ توڙي جو ذميواري واپس ورتي وئي آهي پر ان تي خوشي ٿي رهي آهي ڇاڪاڻ جو ڪنهن الزام تحت نه بلڪه تنظيمي اصولن تحت فارغ ڪيو ويو آهي ان کان اڳ راڻو ڏبير منصوري آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو تقريب ۾ حسين ڪيريو ، مفتي امام الدين لغاري ، عبدالحميد آرائين ، ناصر جمال گجر ، عبداللطيف سولنگي ، محمود مصطفيٰ مڪسي ، عبدالقادر گبول سميت ٻيا پڻ شريڪ هئا

بقايا 51 بند ڪرائي ڇڏيو

ا ڳالهائيندي چيو ته عوامي شڪايتن تي غير قانوني ۽ چوري جي ايل پي جي گئس جي ٻين الصوبائي اڏي تي ڇاپو هنيو ويو آهي جتي وڏي تعداد ۾ گئس جا سلينڊر پيل آهن جن کي چوري جي گئس سان ڀريو ويندو آهي اهو انتهائي خطرناڪ ڪاروبار آهي جنهن سان ڪنهن به وقت وڏو نقصان ٿي سگهي پيو جنهن کي سيل ڪري بند ڪيو ويو آهي ۽ اعلي سطح جي تحقيقات شروع ڪئي ويندي جڏهن ته اڏي تي مقرر عملو ڇاپي کان ڪجهه گهڙيون اڳ کسڪي ويو جڏهن ته واقعي جو ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هيو

قاضي احمد ويجهو 4 سال اڳ پسند جو پرڻو ڪندڙ ناري جي قتل جا اطلاع

ڳوٺ ماهي جتوئي ۾ جوابدار فياض جتوئي ناري نظيران کي قتل ڪرڻ جو اطلاع مليو آهي: پوليس

قتل ٿيل ناري نظيران جتوئي 2024 ۾ گهران نڪري آصف ڪوسو سان عدالتي پيار جو پرڻو ڪيو هو

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد لڳ محراب راهو پوليس ٿاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ ماهي جتوئي ۾ مقامي رهواسڻ ناري نظيران جتوئي کي مبينا جوابدار فياض جتوئي فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو آهي اهڙو اطلاع محراب راهو پوليس کي ڏنو ويو آهي پوليس موجب ته مقتولڻ جي وارثن اهڙو اطلاع ڏنو آهي جاءِ واردات تي رجوع پيا پوليس موجب مقتولڻ ناري

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد: پيار جي پرڻو ڪرڻ بعد وارثن هٿا مارجي ويل ناري

اسلام ڪوٽ ويجهو باهه لڳڻ سبب ٽي گهر سڙي رک

ڳوٺ ساجواڻي ۾ آنهي ڪيتو ۽ پمرو جي گهرن کي باهه وڪڙ ۾ آندو

متاثر خاندانن جو سرڪار ۽ وس وارن کان فوري امداد ۽ واهر جي اپيل

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ ساجواڻي ۾ گذريل ڏينهن اوچتو باهه لڳڻ سبب ٽي گهر مڪمل طور سڙي رک ٿي ويا. باهه جي واقعي ۾ آنهي ڪيتو ۽ پمرو جي گهرن ۾ پيل زندگي ڀر جي ڪمائي خاڪستر ٿي وئي جنهن ۾ برتن، زيور، بسترا، اناج، مال جو چارو ۽ ٻيو گهريلو سامان شامل آهن جڏهن ته باهه لڳڻ جا سبب معلوم نه ٿي سگهيا آهن واقعي بعد

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

اسلامڪوٽ: باهه لڳڻ سبب ٿيل تباهي جو ڏيک

مڪلي ۾ هيوي گاڏين جي گذر خلاف قومپرستن جو احتجاجي مظاهرو

ٺٽي ۽ مڪلي جي شهري آباد مان هيوي گاڏي گذر سبب حادثا ٿين ٿا:مظاهرين

شهري آبادين مان ڊمپرن ۽ هيوي لوڊيڊ گاڏين جي گذرڻ تي پابندي لاڳو ڪئي وڃي

ٺٽو (ڏ ر) ٺٽي ۽ مڪلي جي شهري آبادين مان ڊمپرن سميت هيوي گاڏين جي گذر خلاف نوجوان سياسي قومپرست ڪارڪن روڊن تي نڪري آيا مڪلي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ٺٽي ۽ مڪلي جي شهري آبادين مان هيوي ٽريفڪ جي گذر سبب ٿيندڙ روڊ حادثن خلاف قومپرست سياسي ڪارڪنن ۽ نوجوانن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي غلام الله

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سيٺ موهن لال جي ڪارخاني ۾ مزدوري دوران فوت ٿيل منظور جي وارثن سان انصاف نه ٿيو

آل سولنگي تنظيم جو سيٺ موهن لال کان فوتي جي وارثن لاءِ فوري مالي مدد جو مطالبو

فوتي جو والد نابين آهي ۽ يتيم ٻار بي يارو مددگار ٿي ويا آهن: قاضي غلام مصطفيٰ

ملاڪاتيار (ن ع) منظور سولنگي جي وارثن سان انصاف نه ٿيو جيڪو سيٺ موهن لال جي ڪارخاني ۾ مزدوري دوران ٻورين جي هيٺان دٻجي فوت ٿي ويو هو آل سولنگي تنظيم سنڌ جي نائب صدر قاضي غلام مصطفيٰ سولنگي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سيٺ موهن ميڊيا تي واويلا ڪرڻ بعد رسمي فاتح ڪري هليو ويو فوتي مزدوري ڪري ٻچن جو پيٽ گذر ڪندو هو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ تيز رفتار ٽرين جي ٽڪر ۾ مستانو نوجوان سخت زخمي، ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال داخل

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تيز رفتار ٽرين جي ٽڪر ۾ مستانو نوجوان سخت زخمي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال داخل ان ڏس ۾ ڪالهه روهڙي کان ڪوٽڙي ويندڙ موهن جو دڙو ايڪسپريس جو لاڙڪاڻو ريلوي اسٽيشن پرسان پراڻو ٽانڪ چوڪ واري ڦاٽڪ وٽ رحمت پور پاڙي جي رهواسي 40 سالن جي مستاني

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پ پ ڪلچرل ونگ سنڌجي جنرل سيڪريٽري لياقت شاهاڻي جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)پ پ ڪلچرل ونگ سنڌجي جنرل سيڪريٽري لياقت علي شاهاڻي جو والد عبدالله خان شاهاڻي 70سالن جي ڄمار ۾ حيدرآباد ۾ لاڏاڻوڪري ويو مرحوم عبدالله شاهاڻي جي جنازي نماز حيدرآباد جي ڳدي قبرستان ۾ ادا ڪئي وئي مرحوم جي مڙهه کي ڳدي قبرستان حيدرآباد ۾ مٽي ماءُ حوالي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ جي ڪچي ۾ ڪارنهن الزام هيٺ ناري ۽ نوجوان قتل

ڳوٺ حيدر شاهه ۾ جوابدار افغاني چاچڙ پنهنجي ڌيءُ گلناز ۽ خانو چاچڙ کي قتل ڪري ڇڏيو

جوابدار ثبوت مٽائڻ لاءِ ساٿين جي مدد سان ٻنهي مقتولن جا لاش درياءَ ۾ وهائي ڇڏيا

پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري جوابدار جي گرفتاري لاءِ مختلف علائقن ۾ ڇاپا هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا

ڪنڌڪوٽ (ڏ ر) ڪنڌڪوٽ ويجهو پوليس ٿاڻي گهوڙاگهٽ جي حد ۾ ڳوٺ حيدر شاهه ۾ ڪارنهن جي الزام هيٺ انتهائي افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي جوابدار افغاني چاچڙ ڪارنهن الزام هٽي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: واپارين جي اجلاس ۾ اڳواڻ ڳالهائي رهيا آهن

سنڌ خلاف سازشون ڪندڙ عقل کان ڪم وٺن:صدام ٻلهڙو

سنڌ صدين جي تاريخ آهي جنهن سالن کان حملن، سازشن ۽ غلاميءَ خلاف مزاحمت ڪئي آهي

پ پ سنڌ دشمن منصوبي، هر نفرت انگيز بيان ۽ هر اهڙي عمل کي سختي سان رد ڪري ٿي

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) پي پي آئي ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلامي سان لاڳاپيل ڪجهه عناصرن پاران سنڌ جي وحدانيت، تاريخ ۽ قومي سڃاڻپ تي سوچي سمجهي سازشي حملو ڪيو ويو آهي جيڪو هزارين سال پراڻي تهذيب جي وارث سنڌي قوم جي شعور، غيرت ۽ احساسن جي ڪليل توهين آهي اهڙن خيالن جو اظهار پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع دادو جي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ جي سماجي اڳواڻ مولائي نوح ڪوسو جو پيءُ لاڏاڻو ڪري ويو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي سماجي اڳواڻ مولائي نوح ڪوسو جو پيءُ ۽ نصرالله ڪوسو جو والد باغ علي ڪوسو 55 سالن جي عمر ۾ سخت بيماري سبب ڪراچي جي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو سندس مڙهه رات دير سان گهر آندو ويو ته گهر ۾ ڪهرام مچي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز بار چونڊ ۾ محمد اياز مري 339 ووٽ کڻي صدر منتخب

نوشهرو فيروز(ڏ ر) صدر محمد اياز مري 339 ووٽ کڻي ڪامياب ٿيو مخالف اميدوار عبدالرحمان عباسي 152 ووٽ کنيا نائب صدر تي عبدالقادر خانزادو 272 شڪيل احمد جوکيو 215 ووٽ کنيا جنرل

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

خيرپور انتظاميه پاران حدخلين خلاف هلندڙ آپريشن ۾ ڪنهن سان ناجائزي نه ٿيندي: نفيس شاهه

اگر ڪو دڪاندار غير قانوني حدخلين ۾ ملوث آهي ته اهو حدخلين ختم ڪرائي

خيرپور شهر اسان سڀني جو آهي ۽ اسان کي پنهنجي شهر جو خيال رکڻو آهي

خيرپور(ڏ ر)خيرپور ضلعي انتظاميه پاران شهر جي مختلف علائقن ۾ غيرقانوني حدخلين خلاف هلندڙ آپريشن جي حوالي سان انجمن تاجران خيرپور جي اڳواڻن ۽ دڪاندارن جي پاڪستان پيپلزپارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ ايم اين اي نفيس شاهه جيلاني سان ملاقات ڪري حدخلين خلاف ٿيندڙ آپريشن جي حوالي سان پنهنجي خدشاتن کان آگاهه ڪيو پيپلزپارٽي ايم اين اي نفيس

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ واقعي جي شهيدن جي نائين ورسي حوالي سان تعزيتي ڪانفرنس منعقد

سيوهڻ درگاهه سانحي کي 9 سال گذري ويا پر جوابدار گرفتار نه ٿيا آهن: علامه ساجد نقوي

سيوهڻ، ڪراچي، خيرپور، شهدادڪوٽ، ڪوٽڙي سميت ٻين واقعن جون حقيقتون سامهون آنديون وڃن

حڪومت ۽ ادارا ملوث دهشتگردن خلاف قانوني ڪاروائي عمل ۾ آڻي پنهنجي ذميواري پوري ڪن

حڪمران مهانگائي ۽ بيروزگاري تي توجهه ڏين ملڪي معيشت کي مضبوط ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي

سيوهڻ(ن ع)شيعه علماء ڪائونسل پاڪستان صوبہ سنڌ پاران سيوهڻ جي شهيدن جي نائين ورسي جي حوالي سان درگاهه قلندر جي گولڊن گيٽ واري اڱڻ تي اڄ تعزيتي ڪانفرنس منعقد ڪري جلسو ڪيو ويو تعزيتي ڪانفرنس ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان وڏي انگ ۾ مرڪزي، صوبائي اڳواڻن، مختلف درگاهن جي گادي نشينن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي شهداء ڪانفرنس کي ٽيليفونڪ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: شهيدن جي ورسي ۾ اڳواڻ اسٽيج تي ويٺل آهن

پي ايف يو ۽ ايڇ يو جي هميشه صحافين جي حقن لاءِ ڪم ڪيو آهي: تنوير آرائين

حڪومت جي دعوائن جي باوجود، صحافين کي ڪيترين ئي مشڪلاتن درپيش آهن

يونين پي اي سي اي قانون خلاف احتجاج ۽ سخت جدوجهد پڻ ڪئي آهي

بدين (ڏ ر) سينئر صحافين جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ انهن کي انهن جا حق ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ماضي وانگر پنهنجي جدوجهد جاري رکندي اهي ڳالهيون بدين پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر ۽ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي نئين چونڊيل سينئر نائب صدر تنوير احمد آرائين صحافين سان ڳالهائيندي ڪيون هن چيو ته پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس ۽

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۽ پرپاسي پاڻي جي کوٽ، انتظاميا پاران ڪيل واعدي تي عمل نه ٿيو

ضلعي انتظاميا 25 جنوري تائين ڪراچي واهه ۾ پاڻي ڇوڙ جو واعدو پورو ناهي ڪيو: رهواسي

گذريل 7 هفتن کان پاڻي لاءِ سخت پريشان آهيون سڀاڻ ٻيهر ڌرڻو هڻنداسين

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪي فور منصوبو عوام پريشاني جو سبب منصوبي کي نا اهل سنڀاليندڙن تعطل جو شڪار ڪري ڇڏيو جنهن کان پوءِ متاثر علائقن ۾ ڪاوڙ جي لهر ظاهر ٿي وئي. هن منصوبي جي شروعات کان پهرين آبپاشي کاتي پاران ڪوڙ تي مبني هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪرايو ويو جنهن ۾ ڄاڻايو ويو ته 20 ڊسمبر کان وٺي پاڻي 15 جنوري تائين بند رهندو جيڪو سراسر ڪوڙ ڳالهائي عوام سان ويساهه گهاتي ڪئي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پير سيد غلام حسين شاهه بخاري جو ٽيون ساليانو عرس مبارڪ عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تنظيم اصلاح الفقراءِ حسينيه نقشبنديه پاڪستان ضلعي جي اڳواڻ مولوي محمد علي جت حسيني طرفان سنڌ جي ناليواري بزرگ هستي حضرت قبلا پير سيد غلام حسين شاهه بخاري جي ٽين ساليانو ۽ سندس فرزند سيد گل محمد شاهه بخاري جي 26 هين ساليانو عرس جي موقعي تي شهر

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ شخص ريڙهي تي مڪئي جا داڻا پچي رهيو آهي

سکر پوليس پاران ڪچي آپريشن دوران ٽن ڌاڙيلن کي مارڻ ۽ 25 کي زخمي ڪرڻ جي دعويٰ

ڳجهي اطلاع تي باگڙجي ڪچي ۾ ايس ايس پي اظهر خان مغل جي اڳواڻي ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن ڪيو: پوليس

آپريشن دوران ڊرون حملي ذريعي حملي ۾ 3 ڌاڙيل مارجي ويا ۽ 25 کي زخمي ڪيو

مارجي ويل ڌاڙيلن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ هٿيار، گولا بارود ۽ ٻيو غير قانوني سامان به برآمد ڪيو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس باگڙجي ڪچي علائقي ۾ هڪ وڏي ۽ منظم آپريشن دوران ڊرون حملي ذريعي ڌاڙيلن خلاف ڪارروائي ڪئي جنهن ۾ 3 ڌاڙيل مارجي ويا ۽ 25 زخمي ٿيا. پوليس مطابق

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: ناماري ليکڪ امير بخاري جي ورسي جي موقعي تي سندس قبر تي دعا گهري پئي وڃي

مائيلو مومل جي ماڙي ۾ صحافي ۽ دانشور سيد امير بخاري جي 19هين ورسي تقريب ملهائي وئي

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي سنڌ جي تاريخي ماڳ مائيلو مومل جي ماڙي ۾ سنڌي ٻولي جي ناليواري ليکڪ، اديب، شاعر، ڪالم نگار صحافي ۽ دانشور سيد امير بخاري جي 19هين ورسي جي موقعي تي سندس مزار تي گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري وئي تقريب سنڌي ادبي سنگت شاخ مائيلو مومل جي ماڙي ۽ ٻالڪ ادبي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: المنظر پرسان مهاڻا پنهنجي ٻيڙي کڻي وڃي رهيا آهن

گهوٽڪي مان 45 ورهين جي همراهه جو ڪچي ۾ رسو ٻڌل لاش هٿ، جاچ شروع

سونارا بازار مان محمد حنيف ولد محمد شريف جو لاش پوليس کڻائي اسپتال منتقل ڪيو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري معاملي جي ڇنڊڇاڻ ڪريون پيا: پوليس

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي جي سونارا بازار مان 45 ورهين جي محمد حنيف ولد محمد شريف جو ڪچي ۾ رسو ٻڌل لاش هٿ آيو جنهن بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو اطلاع ملڻ تي ايس ايڇ او ٿاڻو اي سيڪشن مشتاق جتوئي پوليس اهلڪارن سان گڏ واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي تعلقي اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو اسپتال ذريعن

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

بدين لڳ قتل ٿيل ڪيلاش ڪولهي جي وارثن اسماعيل راهو جي تعزيت

ڪيلاش جو قتل افسوسناڪ آهي جنهن سموري سنڌ کي سوڳوار ڪري ڇڏيو آهي:اسماعيل راهو

انساني جان جي اهميت تمام گهڻي آهي ان جو ڪو به نعمل بدل نه آهي:شام سندر ايڊواڻي

پيپلزپارٽي اقليتي ڀائرن سان گڏ آهي، قاتل جي گرفتاري کان سزا ڏيارڻ تائين مقتول جي وارثن سان گڏ آهيون

بدين (ڏ ر) صوبائي وزير سنڌ جامعات بورڊ محمد اسماعيل راهو، وزير اعليٰ سنڌ جو معاون خصوصي براءِ اقليتي معاملا ايم پي اي ڊاڪٽر شام سندر ايڊواڻي ۽ اڳوڻي سينيٽر ڪرشنا ڪماري بدين ويجهو ڳوٺ پيرو لاشاري ۾ بيدردي سان قتل ٿي ويل ڪيلاش ڪولهي جي والد چيتن ڪولهي ۽ ٻين وارثن وٽ پهچي ڏک جو اظهار ڪيو ميڊيا سان ڳالهائيندي صوبائي وزير محمد

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

بدين: صوبائي وزير اسماعيل راهو، صلاحڪار شام سندر اڏواڻي ۽ سينيٽر ڪرشنا ڪماري مقتول نوجوان جي وارثن سان ڏک ونڊي رهيا آهن

ڪمالديرو ۾ سولنگي برادري جو پوليس خلاف پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

مظاهرين سجاد، ثناء الله، خالد، رمضان، امجد عامر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ايس ايڇ او ٻاٿرن جي ونگار تي جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

ڪمالديرو (ن ع) ڪمال ديرو پوليس جي ظلمن خلاف ٻئي ڏينهن به سولنگي برادري جي سوين مردن عورتن ٻارڙن پاڪ ڪتاب کڻي ڪمالديرو ڪنڊيارو لنڪ روڊ تي ڌرڻو ڪي ٻاهيون ڏي مظاهرو ڪري پوليس جي ظلمن خلاف سخت نعري بازي ڪئي ان موقعي تي سجاد سولنگي ثناء الله سولنگي خالد رمضان امجد عامر ۽ مسمات مومل سولنگي ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو ته

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

باڊهه ۾ عورتن جو ٻاٿرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

پياري محلي واسي ڪلثوم، حول خاتون ٽيوٽو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ٻاٿرن زخمي پروهيت کي بلاجواز گرفتار ڪرايو آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

باڊهه (ن ع) باڊهه جي پياري محلي جي رهواسي عورتن ڪلثوم ۽ حول خاتون ٽيوٽو ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو آهي ته جنيد چانڊيو عبدالڪريم نثار نديم چانڊيو ۽ ٻين گذريل ڏينهن ڏوڪري اسپتال ويندي اسان جي پاڙي سليم ٽيوٽو کي زبردستي ٽڪي شاهه مان هٿيارن جي زور تي کڻي مٿس سخت تشدد ڪري ڪيس ڏيرا ٿاڻي تي لاڪپ ڪرايو آهي هن چيو ته ڪجهه

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ويٽنگ لسٽ اميدوارن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

اميدوارن محفوظ احمد، ماجد دور، علي رضا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڇهه مهينن کان پرامن احتجاج جاري ڪرڻ باوجود مسئلا حل نه ٿيا آهن: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ)پي ايس ڊي جي ايس (PSD-JST) ويٽنگ لسٽ ۾ شامل اميدوارن محفوظ احمد، ماجد دور ۽ علي رضا جي اڳواڻي هيٺ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊز ۽ بينرز رکيل هئا. اميدوارن جو چوڻ هو ته سندن مرڪزي احتجاجي ڪيمپ گذريل 215 ڏينهن کان ڪراچي ۾ قائم آهي ۽ اهي چار سال کان آفر آرڊر جا منتظر آهن مظاهرين موجب گذريل ڇهه مهينن کان پرامن احتجاج جاري آهي پر اڃا

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

مورو: صوبائي گهرو وزير ضياالحسين لنجار صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيو آهي

ڪنڌڪوٽ-گهوٽڪي پل جي تعمير جو ڪم تيزي سان جاري

وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي هدايتن بعد منصوبي ۾ رفتار ۾ اضافو

ڪنڌڪوٽ ۾ 379 پائل، 363 شافٽ، 115 ٽرانسمر ۽ 30 گرڊر، گهوٽڪي ۾ 43 پائل ۽ 3 شافٽ مڪمل

ڪنڌڪوٽ (ڏ ر) ڪنڌڪوٽ گهوٽڪي پل جي تعمير جو ڪم تيزي سان جاري، اهم اڳڀرائي سامهون اچي وئي ڪنڌڪوٽ ۽ گهوٽڪي کي ملائيندڙ تاريخي پل جي تعمير جو ڪم تيزي سان جاري آهي وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي خاص هدايتن بعد منصوبي ۾ وڌيڪ رفتار آندي وئي آهي جنهن سان ڪم مقرر ٽائيم لائن موجب اڳتي وڌي رهيو آهي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ پير مظهرالحق جو شهيد شاهجهان پارڪ جو دورو

اڳواڻن ٽيڪسي اسٽينڊ تي لڳل پيئڻ جي پاڻي جي آر او پلانٽ جو معائنو ڪيو

پير مظهرالحق پاران پارڪ ۾ ٻارڙن ۾ مٺائي پڻ ورهائي

دادو (ڏ ر) پيپلزپارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر ۽ اڳوڻي سينئر صوبائي وزيرتعليم پير مظهرالحق، امداد حسين ڏاوچ، افتخاراحمد راهوجو احمد نواز سولنگي، جاويد اڪبر سولنگي، سعيد احمد ملاح منير احمد ملاح لائق سولنگي سان گڏ شهر جي ٽيڪسي اسٽينڊ ۾ لڳل پيئڻ جي پاڻي جي آرو پلانٽ جو معائنو ڪرڻ کان پوءِ شهيد شاهجهان پارڪ پهچي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: نامور نقاد ۽ ڪهاڻيڪار ممتاز مهر جي وڇوڙي تي ادبي حلقن ۾ سوڳ

چيئرمين ايس ايل اي ڊاڪٽر شير مهراڻي پاران گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

ممتاز مهر جا ڪتاب 'ويچار' ۽ 'جڏهن مان ڇوڪرن جو هيڊماسٽر' سنڌي ادب ۾ اهم حيثيت رکن ٿا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ممتاز مهر سنڌي تنقيد ۽ ڪهاڻي جو وڏو نالو هو سندس وڇوڙي تي تمام گهڻو ڏک ٿيو آهي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر شير مهراڻي مشهور نقاد ۽ ڪهاڻيڪار ممتاز مهر جي وڇوڙي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي جاري ڪيل پنهنجي تعزيتي بيان ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻي چيو ته ممتاز مهر سنڌي ادبي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر ۾ وشال ڪمار معاملي تي سردار محمد بخش خان مهر متاثرن وٽ پهتو

سردار محمد بخش ۽ بنگل خان هندو پنچائت وٽ پهچي انصاف جي خاطري ڪرائي

جيستائين مان يا بنگل خان موجود آهيون ڪنهن کي به انڊيا وڃڻ جي اجازت نه ڏبي: محمد بخش مهر

خانپور مهر(ن ع) خانپور مهر واسي وشال ڪمار پيپلز پارٽي جي ايم پي اي علي نواز عرف راجا مهر مٿان سخت الزام هنيا آهن وشال ڪمار جو چوڻ آهي ته ڇٽن ماڻهن تي مشتمل ڪميٽي ڏاهي وڏي هٿي جنهن آڏو اڄ حساب ڪتاب پيش ٿيڻ هو پر راجا مهر پيش نه ٿيو وشال ڪمار وائيس نوٽ ذريعي الزام لڳائيندي چيو آهي ته ڪيس اگهاڙو ڪري پادرن سان ماريو ويو ۽ سڄي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: صوبائي وزير محمد بخش مهر متاثر واپاري جي وارثن سان ملي رهيو آهي

سيدارجا ٿاڻي جي حد ۾ وڌندڙ بدامني خلاف شهرين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن جو احتجاج، نوٽيس جو مطالبو

ٺري ميرواه(ن ع) سيدارجا ٿاڻي جي حد ۾ وڌندڙ بدامني خلاف شهرين سياسي سماجي اڳواڻن امير حسين جعفري، ريٽواڙ لُنڊ، منظور لنڊ ، علي حسن ، غلام حسين ، نور نذير ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ فضل حسين چوڪ کان مرڪزي امام بارگاهه الحسيني تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين دانهيو ته سيدارجا ٿاڻي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

جيڪي ڌاڙيل پاڻ کي قانون جي حوالي ڪندا، تن سان قانون موجب سلوڪ ڪيو ويندو: ايس ايس پي خيرپور

خيرپور(ڏ ر) خيرپور پوليس فورس درياءَ سنڌ جي ڪچي واري علائقي ۾ پريالو کان وٺي سکيون تائين لڳ ڀڳ سٺو ڪلوميٽرن جي حد اندر وڏي پيماني تي پوليس فورس مقرر ڪري ڌاڙيلن جي ڪمين گاهن کي گهيرو ڪري ورتو آهي ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو تفصيل ٻڌائيندي چيو آهي ته

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

بدين: پوليس جي منشيات فروش خلاف ڪارروائي منشيات هٿ، ٻه جوابدار گرفتار

بدين (ڏ ر) پوليس جي منشيات فروش خلاف ڪامياب ڪارروائي، آئيس ڦرو جي اڏن تي ڇاپا، وڏو مقدار هٿ، ٻه جوابدار گرفتار تفصيل موجب بدين پوليس منشيات فروشن خلاف جاري سخت مهم دوران اهم

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

شڪارپور پوليس ضلعي ۾ هاڻي تائين 110 ڌاڙيلن کي انجام تائين پهچايو آهي: آءِ جي سنڌ

انتهائي بهادر ايس ايڇ او خميسو خان بروهي کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ سندس خاندان سان ڏک ونڊڻ آيو آهيان

بهادر آفيسر علائقي جي امن امان ۽ عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت خاطر پنهنجي جان قربان ڪئي

سنڌ ۾ قبيلائي تڪرار ۽ جهيڙن کي ختم ڪرائڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي: تعزيت بعد ميڊيا سان ڳالهيون

شڪارپور (رپورٽ:رحيم بخش جمالي) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو شڪارپور پهچي شهيد ايس ايڇ او خميسو خان بروهي جي وارثن سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي آءِ جي سنڌ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو شهيد ايس ايڇ او جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

سڳيون لڳ چور زمين لڳل پاڻي وارو موٽر کڻي ويا، متاثر جو احتجاج

سڳيون (ن ع)سڳيون ۽پرپاسي وارن علائقن ۾ بد امني چوٽ چڙهي وئي چورن ڦورن روز جو معمول بڻيل نامعلوم چور سڳيون پوليس چونڪي جي حد پوليس چونڪي کان اڌ ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي سڳيون هنگورجا لنڪ روڊ تي واقع سرائي علي حسن پاڳٽ جي زمين تي لڳل فصل کي آباد ڪرڻ لاءِ لڳل ٽيوبويل تان

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

سکر واسي جو پيءُ تي گهر کي باهه ڏيڻ جو الزام، جاچ ۽ انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) متاثر پٽ خالد گولو ٻڌايو آهي ته سندس والد مبينا طور ڄاڻي ٻوجهي ڪري گهر کي باهه لڳائي جنهن سبب گهر ۾ موجود قيمتي سامان سڙي خاڪ ٿي ويو.خالد گولو موجب هن واقعي سبب کيس وڏي مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو جڏهن ته خوشقسمتي سان ڪو به جاني نقصان نه ٿيو.واقعي جي اطلاع ملڻ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ پوروهيت جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

سکر(بيورو رپورٽ) پڪي ٿاڻي جي حد موڪروي انٽر چينج سامهون اروڙ روهڙي لنڪ روڊ تي ڪباڙ جو ڪاروبار ڪري پيٽ گذر ڪندڙ وسيم جاگيراڻي جو پوليس جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو. ميڊيا آڏو دانهيندي هن چيو ته گذريل ڏهن سالن کان ساڳي ئي دڪان ۾ ڪباڙي وارو صاف

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي واسي پيرسن بيوه جو گهر مان چوري ٿيل سامان جي واپسي لاءِ احتجاجي مظاهرو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي مراد واهڻ پاڙي جي رهواسڻ پيرسن بيواهه عورت طرفان مبينا طور چوري ٿيل سامان ۽ روڪ رقم واپس نه ٿيڻ خلاف قائد عوام پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيرسن بيواهه

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

شاهپورجهانيان ۾ ايس يو پي اڳواڻن جي گرفتاري خلاف ڪارڪنن جو احتجاج

مظاهرين عبدالفتاح ٻگهيو، يوسف، آفاق مهراڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڊاڪٽر زين پيٽو سميت سمورن گرفتار ڪارڪنن کي ترت آزاد ڪيو وڃي: مظاهرين

شاهپورجهانيان(ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلعي نوابشاهه جي صدر ڊاڪٽر زين پيٽو جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي اسعاد عبدالفتاح ٻگهيو لالا يوسف ٻگهيو آفاق سهتو مهراڻ سنڌي ۽ ٻين ڪئي احتجاجي مظاهري دوران اڳواڻن ۽ ڪارڪنن حڪومت جي سياسي انتقامي ڪاروائين جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته سنڌ يونائيٽيڊ

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ عوامي تحريڪ پاران ڪنڀي گم ڪيل اڳواڻ جي آزادي لاءِ مظاهرو

ڪارڪنن حسن رڪن، ايڊووڪيٽ ذوالفقار ميراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پوليس علي محمد رڪر کي ڪنڀي گم ڪري ڇڏيو آهي، کيس فوري طور آزاد ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ عوامي تحريڪ ضلعي طرفان مبينا طور وليد پوليس هٿان ڪنڀي گم ڪيل سنڌي شاگرد تحريڪ جي آرگنائيزر جي آزادي لاءِ قائد عوام پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو جتي هنن هٿن ۾ تنظيمي جهنڊا کڻي پوليس خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي عوامي تحريڪ ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر ڪامريڊ

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو ۾ آءِ بي اي پاس ويٽنگ اميدوارن جو آفر آرڊرن لاءِ احتجاج

اميدوارن سيد دانش علي شاهه عبدالسليم گهانگهرو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

چار سال ويٽنگ ۾ هجڻ سبب اوورايج ٿيڻ ڪري مستقبل خطري ۾ آهي: مظاهرين

ڪنڊيارو (ن ع) آءِ بي اي پي ايس ٽي ، جي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن جو آفر آرڊرن لاءِ پريس ڪلب اڳيان سيد دانش علي شاهه عبدالسليم گهانگهرو تنوير علي سعيد احمد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ان موقعي احتجاج ڪندڙ اميدوارن جو چوڻ هيو ته آءِ بي اي جي پي ايس ٽي جي ايس ٽي ٽيسٽ پاس ڪئي آهي چار سال ويٽنگ ۾ هجڻ سبب اوورايج ٿيڻ ڪري

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ڪي اين شاهه لڳ مزدا جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، ٻه عورتون فوت، ٻه زخمي

لولجا پرسان انڊس هاءِ وي تي تيز رفتار سبزي سان ڀريل مزدا جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ ٻه عورتون موقعي تي فوت، جڏهن ته هڪ ننڍڙي ۽ هڪ مرد زخمي ٿيا

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) خيرپور ناٿن شاهه لولجا پرسان انڊس هاءِ وي تي تيز رفتار سبزي سان ڀريل مزدا جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر نتيجي ۾ موٽر سائيڪل تي سوار ٻه عورتون موقعي تي فوت ٿيون جڏهن ته هڪ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ لڳ مرحوم محمد ايوب راهو جي ايصال ثواب لاءِ ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ لڳائي وئي

سڪرنڊ (ن ع) ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي پاران سڪرنڊ لڳ ڳوٺ دين محمد راهو ۾ مرحوم محمد ايوب راهو جي ايصال ثواب لاءِ ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ هڪ روزه بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن جو افتتاح اڳوڻي تعلقه ناظم جاويد احمد راهو جن ڪيو جنهن ڪيترن ئي نوجوانن رت جو عطيو ڏنو پئي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: رت جي عطيه جي ڪيمپ جي موقعي تي سرٽيفڪيٽ ورهايا پيا وڃن

مورو ۾ صوبائي گهرو وزير ليکڪ صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو جي وفات پوئلڳن سان تعزيت ڪئي

مورو (ن ع) مورو ۾ صوبائي گهرو وزير، قانون پارليامانی معاملا ۽ ڪرمنل پراسيڪيوشن سنڌ ضياء الحسن لنجار مورو ۾ صوفي هائوس تي پهچي درگاهه پيارو سائين فقير رح جي گادي نشين بزم صوفياءِ سنڌ جي صدر نامور سينئر صحافي ۽ ليکڪ حڪيم صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو جي وفات تي سندس

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ هٿياربندن پاران نوجوان کان ڦر ڪوشش ڪندڙ ڌاڙيل سوگهو

قريشي ڳوٺ ۾ سهيل شيخ کان هٿياربندن ڦر ڪوشش ڪئي ته هن رڙيون ڪيون

شهرين پهچي ڌاڙيل نويد مهر کي سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي سائيٽ ايريا پوليس اسٽيشن جي حدود قريشي ڳوٺ ۾ نوجوان شهرين سهيل شيخ خلاف ڊڪيت جي ڪوشش ڪئي وئي، پر عوامي مزاحمت جي ڪري واردات ناڪام بڻجي وئي واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن سهيل شيخ نماز ادا ڪرڻ لاءِ گهر مان ٻاهر نڪتو تفصيل موجب، موٽرسائيڪل تي سوار هٿياربند ملزمان نوجوان کي روڪي ڪيس موبائل فون

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

درياءِ سنڌ تي نئين پل جي تعمير اهم ضرورت بڻجي چڪي آهي: نعمان اسلام شيخ

صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه ترقياتي منصوبن جو يقين ڏياريو آهي

سکر واسين لاءِ اربين رپين جي لاڳت سان صاف پاڻي جو منصوبو به شروع ڪيو ويندو

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي قومي اسيمبلي جي ميمبر نعمان اسلام شيخ جي صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه سان ڪراچي ۾ سندس رهائشگاهه تي اهم ملاقات ٿي جنهن دوران سکر ۽ روهڙي جي عوامي مسئلن ۽ ميگا ترقياتي منصوبن تي تفصيلي خيال ونڊ ڪيا ويا ملاقات دوران صوبائي وزير درياءِ سنڌ تي سکر ۽ روهڙي جي وچ ۾ نئين پل

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

خيرپور ويجهو ڦليپوٽو برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، نوجوان زخمي، اسپتال منتقل

خيرپور(ڏ ر)اي سيڪشن ٿاڻي جي حد واري ڳوٺ ۾ ڦليپوٽو برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو سروڪا لٺيون مڪون لڳڻ سبب هڪ نوجوان سخت زخمي سول اسپتال خيرپور منتقل ان موقعي تي زخمي ڪليم الله پٽ ستار علي ڦليپوٽو ٻڌايو ته ڪجهه سنڌي رسمي سان وڃي رهيو هيو ته اوچتو مٿس

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

اسلام ڪوٽ ۾ ڳوٺاڻي پاران وياج خور خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ۾ ڳوٺ چوڙهار واسي عبداللطيف مڱواڻي وشنداش لوهاڻو ۽ سندس پٽن تيرٿ ۽ ديپڪ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي الزام لڳايو آهي ته: ٻارنهن سال پهريان وياج عيوض وشنداس ۽ سندس پٽن وٽ سون ۽ چانديءَ جا زيور رکيا هئا، جيڪو مونکي واپس نه ڪيا ويا آهن. هن

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

راڻيپور: ڳوٺاڻا درگاهه سچل سرمست آڏو احتجاج ڪري رهيا آهن

راڻيپور لڳ چور دڪان جا تالا ٽوڙي لکين رپين جو سامان ڀاري ويا، شٽربند هڙتال

دراز شريف ۾ لياقت شيخ جي ڪرياني جي دڪان جا چورن تالا ٽوڙي لکين رپين جو سامان ڀاري ويا

بدامني شهرين ۽ دڪاندارن شٽربند هڙتال ڪري درگاهه حضرت سچل سرمست رح جي مين گيٽ اڳيان احتجاج ڪيو

هفتي اندر چوري ۽ ڦر جون 7 وارداتون ٿيڻ باوجود پوليس ڪک ڀڃي ٻيٺو ناهي ڪيس امن امان بحال ڪرايو وڃي: مظاهرين

راڻي پور(ن ع) دراز شريف چورن جي نشاني تي نامعلوم چور لياقت شيخ جي ڪرياني جي دڪان جا تالا ٽوڙي دڪان اندر پيل لکين روپين جو سامان کڻي ويا، هفتي اندر وارداتن جو انگ 7 ٿي ويو بدامني خلاف

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

تنقيد ادب کي اجرو ڪري ٿي ان ڪري ادبي تخليقن کي تنقيد منجهان گذرڻ گهرجي: زاهد منگي

باڊهه (ن ع)تنقيد ادب کي اجرو ڪري ٿي ان ڪري ادبي تخليقن کي تنقيد منجهان گذرڻ گهرجي اهڙن خيالن جو اظهار قلم ڏئين سنڌي ادبي سنگت جي هفتيوار گڏجاڻيءَ ۾ ڪيو ڪهاڻيڪار زاهد منگي جي صدارت هيٺ ٿيندڙ گڏجاڻيءَ ۾ اقبال ڪوڪر علي رضا ٽوناري، ذوالفقار ڪانڌڙو قربان علي قرب پنهور ۽ خادم حسين

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ 340 هين هفتي به احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

باڊهه (ن ع) باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ باڊهه تعلقه موومينٽ پاران موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳواڻيءَ ۾ 340 هين هفتي به باڊهه ميڊيا هائوس کان ڪائون هال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان لاڳاپيل شخصيتن علي انور عسڪري،

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

ڪيرو ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ پاران ليکڪ استاد ايم جمن ڪنهر جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو، لفظن جي ڀيٽا پيش

ڪيرو(ن ع) سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪيرو پاران ناليواري ليکڪ استاد محمد جمن ڪنهر جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ۽ مشاعرو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ علم ادب دوست ماڻهن شرڪت ڪئي مشاعري ۾ شاعرن منور ملاح حڪيم استاد امام بخش منگريو ڏاڪر شرحاجي خان عاطف بوزدار سهتو لاشاري محمد رمضان قسيم سميجو ۽ ٻين شاعري پڙهي اير

بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي پاس اميدوارن جو آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

اميدوارن صدام سانڌائي، محمد سليم مستوئي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڊويزن ۽ صوبائي سطح تي آفر آرڊر جاري ڪري ويٽنگ اميدوارن کي روزگار سان لڳايو وڃي

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي ۾ سال 2021 ع دوران آءِ بي اي ذريعي پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي جي نوڪرين لاءِ ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوارن طرفان آفر آرڊر نه ملڻ خلاف قائد عوام پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن هٿن ۾ بينر کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اميدوارن صدام سانڌائي محمد سليم مستوئي فريد

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ جماعت اسلامي پاران ڪنور راشد مڪرم جي مان ۾ "اعتراف خدمت" جي عنوان سان ساڌس رهاڻ رچائي وئي

سڪرنڊ (ن ع) جماعت اسلامي پاران ڪنور راشد مڪرم جي مان ۾ " اعتراف خدمت " جي عنوان سان ساڌس رهاڻ رچائي وئي جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ غلام حيدر سولنگي ، محمد صديق منگيو ، سانول ڪيريو ، عاشق حسين پٺاڻ ، نياز لاشاري ، انجنيئر احمد علي انصاري ،

بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 5

ڪڏيجي ۾ گئس جي غير قانوني بين الصوبائي اڏي کي اي سي ڇاپو هڻي بند ڪرائي ڇڏيو

ڪڏيجي (ن ع) ڪڏيجي قومي شاهراهه جي ڪناري تي قائم ايل پي جي گئس جي غير قانوني ڪاروبار جي بين الصوبائي اڏي تي اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو شاهه محمد چانگ جي اڳواڻي ۾ پوليس ۽ روينيو عملي جو ڇاپو بين الصوبائي اڏي کي سيل ڪيو ويو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر شاهه محمد چانگ ميڊيا سان

بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: پراڻين گاڏين جي نمائش ماڻهو ڏسي رهيا آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.